

سنڌ سيتا ـ 3
سکر تاريخ جو گلدستو
[تحقيق]
عنايت ڪٽياڻ
Miyani
Inayatullah Lakhan
Dreha
Cattle Colony Sukkur
Sukkur

سنڌ سپيتا _ 3

# سکر

## تاريخ جو گلدستو

(تحقيق)

عنايت ڪٽياڙ

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

2023ع

ڊجيٽل ايڊيشن

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب نمبر: 170

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: سکر، تاريخ جو گلدستو
موضوع: تحقيق
ليکڪ: عنايت ڪٽياڻ
ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇاپو: پهريون
مهينو، سال: فيبروري 2023ع
تعداد: پنج سئو
ڇپائيندڙ: **مرڪ پبليڪيشن ڪراچي**

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com
2023ع

**Published By: Murk Publication Karachi**
Office: Room No 305/320 3rd Floor Sabir manzil 98
Behind Gul Plaza Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

**ملھ: 600 رپيا**

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

مرڪ ڪتاب گهر ڪراچي، ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي،
ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد، دانيال ڪتاب حيدرآباد،
سرمست ڪتاب گهر حيدرآباد، ڪامريڊ ڪتاب گهر ڄامشورو
مدني ڪتاب گهر دادو، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر،
الحبيب بوڪ اسٽال شهدادڪوٽ، عمير بوڪ پوائنٽ شهدادڪوٽ
سليمان ڪتاب گهر نواب شاهه، مرتضيٰ بوڪ اسٽور شڪارپور
عوامي ڪتاب گهر جيڪب آباد

# ارپنا



ادب ۽ احترام سان

سنڌي ادب جي علمبردار

عالمي مڃتا ماڻيندڙ

اصول پرست ليکڪ ۽ ڏاهي

”علي بابا“ جي نانءِ

جنهن منهنجي دلچسپيءَ ڏسي

سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهه ڏنو

۽ رهنمائي ڪئي.

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناماياري ليکڪ ۽ محقق عنايت ڪٽياڻ جي تحقيق تي آڌاريل سنڌ سپيتا سيريز جي ٽين ڪڙي ”سکر تاريخ جو گلدستو“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.
هن ڪتاب ۾ سکر جا اهم تاريخي ماڳ: ”اروڙ“، ”ڪالڪا مندر“، ”مومل جي ماڙي“، ”بکر جو قلعو“، ”سَتِين جو آستان“، ”معصوم شاهہ جو منارو“، ” آدم شاهہ ڪلهوڙو“، ”ساڌ ٻيلو“ شامل آهن. ان ڪان علاوه سنڌو درياهہ، سنڌوءَ جي پهرين تهذيب، سکر جي قديم تاريخ، روهڙيءَ جي تاريخ، سکر جي نئين تعمير ۽ سکر جي يادگيرين بابت پڻ ليک پڻ ڏنا ويا آهن.
هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 2023ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون عنايت ڪٽياڻ ۽ مرتضيٰ لغاريءَ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


پبلشر نوٽ: مرتضيٰ لغاري 07

پنهنجي پاران: عنايت ڪٽياڻ 09

1 - سنڌو درياھ 13

2 - سنڌوءَ جي پهرين تهذيب 22

3 - سنڌ: اوائلي دؤر کان عربن تائين 41

4 - اروڙ 61

5 - ڪالڪا مندر 81

6 - مومل جي ماڙي 85

7 - سکر جي قديمي تاريخ 96

8 - روهڙي شهر جي مختصر تاريخ 103

9 - بکر جو قلعو 113

10 - سَتِين جو آستان 129

11 - معصوم شاھ جو منارو ۽ ٻيا تاريخي ماڳ 136

12 - آدم شاھ ڪلهوڙو 146

13 - مسجد منزل گاھ 155

14 - ساڌ ٻيلو 158

15 - نئين سکر جي تعمير 169

16 - سکر انگريزن جي دور ۾ 177

17 - موجوده دور جو سکر 190

18- سکر سان سندم يادگيريون 200

19- نظم 212

## پبلشر نوٽ:

تحقيق لفظ جي سڌي سنئي معنيٰ آهي ”ٻولا“
ٻولا جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا، سيني قسمن جي پنهنجي افاديت ۽ اهميت ٿئي ٿي، پر جيڪا تحقيق ادارا ڪرائين ٿا، ان عيوض ٻيو ڪجھ نہ ئي نہ اسڪالر کي ڊگري ايوارڊ ڪئي وڃي ٿي، اهڙي تحقيق کي اڪيڊمڪ ريسرچ چيو وڃي ٿو.

اڄ جي دور ۾ ادارن ۾ ٿيندڙ تحقيق پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿي پر پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪندڙ محققن جو وڏو ڪمال آهي.

اهڙو ڪمال سنڌ ڌرتيءَ جو جاکوڙي ليکڪ ۽ محقق عنايت ڪٽياڻ پڻ پنهنجي مدد پاڻ ڪري رهيو آهي. سندس چواڻي ناماياري ليکڪ علي بابا جي اتساھ کيس ان طرف مائل ڪيو. اُهو ئي سبب آهي جو هي ڪتاب بہ هن علي بابا جي نانءِ ڪيو آهي.

عنايت ڪٽياڻ زندگيءَ جو گهڻو حصو لکڻ کي ڏنو آهي، پر سندس لکڻين ۾ تحقيقي ليک گهڻا آهن، پر اُنهن ۾ سندس لاڙو سنڌ جي مختلف تاريخي ماڳن ڏانهن آهي، اهڙي موضوع تي سندس اڳ بہ ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. هن ان موضوع کي نالو ئي ”سنڌ سپيتا“ ڏنو آهي.

سنڌ سپيتا جي سيريز هيٺ هي عنايت صاحب جو هي چوٿون ڪتاب آهي، جيتوڻيڪ پهرئين ڪتاب جو ”سندھو تهذيب“ جي نالي سان اردو ترجمو بہ شايع ٿي چڪو آهي.

سنڌ سپيتا -3 سکر جي تاريخي ماڳن تي آڌاريل جامع ڪتاب آهي، اُهو ئي سبب آهي جو هن سيريز جي هن ڪتاب جو نالو ”سکر تاريخ جو گلدستو“ رکيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ سکر جا اهم تاريخي ماڳ:”اروڙ“، ”ڪالڪا مندر“، ”مومل جي ماڙي“، ” بکر جو قلعو“، ”سَتِين جو آستان“، ” معصوم شاهه جو منارو“، ” آدم شاهه ڪلهوڙو“، ” ساڌ ٻيلو“ شامل آهن.

ان کان علاوه سنڌو درياهه، سنڌوءَ جي پهرين تهذيب، سکر جي قديم تاريخ، روهڙيءَ جي تاريخ، سکر جي نئين تعمير بابت ليک پڻ ڏنا ويا آهن.

هونئن ته سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي ماڳن تي هن کان اڳ به گهڻو تڻو ڪم ٿيو آهي، ڪيترائي تحقيقي مقالا شايع ٿيا آهن ۽ اڻ ڳڻيا ڪتاب به شايع ٿي چڪا آهن، پر عنايت ڪٽياڻ ان پهرين ٿيل ڪم مان مطمئن نظر نه ٿو اچي، اهو ئي سبب آهي جو هن ڪافي شين تي سوال اٿاريا آهن. جيتوڻيڪ انهي ڪم کي وڏن ادارن ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. ان جي باوجود تحقيق ڪڏهن به مڪمل نه ٿي هجي. هڪڙو تحقيقي ڪم اڳتي ٻي ڪم لاءِ راهه هموار ڪندو آهي، اهڙي ريت هر ڪو پنهنجي وت ۽ وس آهر ڪم ڪري ٿو.

عنايت ڪٽياڻ پنهنجي مزاج ۾ سادو ۽ نفيس طبيعت جو مالڪ آهي، هن جا ليک به بنهه وڏاءُ، هروڀرو لفاظي يا ذاتي انا سبب ڪنهن به پيچ ڊاهه کان آجا هجن ٿا. هو پنهنجي ڪم سان ڪم ۽ سنڌ سان عشق رکي ٿو. اُهو ئي سبب آهي جو هن سنڌ جي تاريخ کي اهميت ڏني ۽ تاريخي ماڳن تي قلم کنيو. سندس پورهيو ايندڙ نسل لاءِ وڏڪ ڪارائتو آهي.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان عنايت ڪٽياڻ جو هي ٻيو تاريخي ڪتاب پڌرو ڪري خوشي ٿي رهي آهي. هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين رسايون ٿا، ان اميد سان ته ليکڪ توڙي اداري جي محنت صاب پوندي.

مرتضيٰ لغاري
03005182494

## پنهنجي پاران:

شاهي رستو دور ڇڏي مون جهاڳيو پنڌ پهاڙن مان،
جو سوڙهو لڪ وجي ٿو دور انڌيرن لاڙن مان.
(اياز)

سونهن ڀري سنڌ جي تاريخي ماڳن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجي جاکوڙ جاري رکندي، "سنڌ سيپتا" سلسلي جو چوٿون تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ ڏيئي رهيو آهيان. پهريون ڪتاب "سنڌ سيپتا" ٺٽي ۽ مڪليءَ جي تاريخي ماڳن تي لکيل مضمونن تي آڌاريل آهي، جيڪو 2017ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان پوءِ ان ڪتاب جو اردو ترجمو "سنڌو تهذيب" جي نالي سان 2019ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جنهن بعد ٺٽي ۽ لاڙ جي ٻهرين ڪتاب کان پوءِ لکيل ۽ تحقيق ٿيل ماڳن جي مضمونن تي آڌاريل ڪتاب "سنڌ سيپتا" ڀاڱو ٻيو 2021ع ۾ "مرڪ پبليڪيشن" ڪراچي ڇپائي پڌرو ڪيو.

اصل ۾ ننڍپڻ کان پنهنجي والد صاحب سان گڏ سير ۽ تفريح ڪندي تاريخي ماڳن سان شوق شروع ٿيو، وري نوجوانيءَ ۾ سنجيده قومي ڪارڪن جي حيثيت سان سنڌ جي تاريخ سان لڳاءُ رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو تاريخي ماڳن تي ويندو رهيو آهيان. تاريخ جا ڪتاب ۽ سفرناما شوق سان پڙهندو رهيو آهيان. سنڌ جي تاريخي ماڳن بابت سنڌ جي سيلاني قلمڪار نامور اديب حق، سچ ۽ اصول پرستي جي علمبردار علي بابا سان 1996ع کان ڪڇهريون ٿيون ۽ ساڻس تاريخي ماڳن تي وڃڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي 2000ع ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ علي بابا جي مشوري سان "سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم" جوڙيوسين. هن پليٽ فارم تان ڪراچيءَ جي مختلف آبادين ۾ سنڌ

جي تاريخي ماڳن بابت ليڪچر پروگرام ڪرائيندا هئاسين، ۽ ”سنڌ سپيتا“ نالي ٽماهي رسالو بہ جاري ڪيو. ان دوران علي بابا مون کي لکڻ تي اتساهيو ۽ سمجهاڻيون بہ ڏيندو رهيو. جنهن سبب مون سنڌ جي تاريخي ماڳن تي مضمون لکڻ شروع ڪيا. جيڪي مختلف اخبارن: ”عوامي آواز“ ۽ ٻين ۾ ڇپجندا رهيا. هاڻي بہ سلسو جاري آهي. منهنجا مضمون ۽ مقالا روزاني ”ايڪتا“ ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهن ٿا.

ڪتاب ”سکر تاريخ جو گلدستو“ سنڌ سپيتا سلسلي جو چوٿون ڪتاب آهي، هي منهنجي پهرين ڪتابن کان وڏو ۽ جامع ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ سکر جي تاريخي ماڳن جي تفصيلي ۽ تحقيقي مضمونن سان گڏ سنڌو درياهہ جي اهم تاريخي جاڻ، سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪنڌڙ ٻين درياهن ۽ ندين سميت سندن وهڪرن جو سمونڊ ۾ ڇوڙ تائين جو اهم تاريخي تفصيل قلمبند آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌو سپيتا جي ابتدائي دراوڙ تهذيب ۽ ان کان پوءِ جي آرين تهذيب سميت سنڌوءَ تي ڌارين جا حملا، حڪومتون ۽ مقامي بادشاهتن جا سلسلا جڙڻ ۽ ٽٽڻ جي تاريخ جو تسلسل قلمبند ٿيل آهي، سنڌو سلطنت جي قديمي مرڪزي گاديءَ واري هنڌ ”اروڙ“ جي اهميت ۽ اروڙ شهر جي اجڙڻ کان پوءِ سندس تسلسل طور روهڙي، بکر ۽ سکر جي اسرڻ جي تاريخ کان موجود دؤر جي ترقيءَ تائين جو پورو سفر شامل آهي.

”سکر تاريخ جو گلدستو“ ڪتاب منهنجي پهرين ڪتابن کان مقدار ۽ مواد ۾ وڌيڪ آهي، جامع تحقيق ۽ تاريخ کي مختصر ڪري جڻ ”درياهہ کي ڪوزي ۾ بند ڪري“ اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ڪري باربار واڌارا ۽ سڌارا ڪرڻا پيا، جنهن ۾ مانواري مرتضیٰ لغاريءَ جي ڀرپور تعاون ۽ محنت پڻ شامل آهي.

هن ڪتاب جي مضمونن لکڻ دوران مختلف تاريخي ڪتاب پڙهيا ۽ خريد ڪيا، تحقيق لاءِ انٽرنيٽ کان مدد پڻ حاصل ڪئي.

وڏن تاريخي ڪتابن ۾ ساڳين ڳالهين جو وڏاءُ تمام گهڻو ۽ ورجاءُ بہ باربار ڪري ڪتابن کي وڏائي وڏو ڪيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي دؤر ۾ وقت جي ڪميءَ سبب عام ماڻهو اهڙن غيرضروري ڊيگهہ وارن وڏن ڪتابن پڙهڻ کان قاصر آهي. ٻيو تہ انهن ڪتابن ۾ گهڻو مواد بادشاهن، نوابن، اميرن ۽ پيرن جي خوشامند، تعريف ۽ خانداني سلسلي کي وڏائي ڪنهن نہ ڪنهن امام يا خليفي سان ملايو ويو آهي. انهن ۾ مقامي ماڻهن، قبيلن، ڪاريگرن ۽ پورهيتن جو ڪو خاص ذڪر نہ ٿو ملي.

اهڙا تاريخي ڪتاب پڙهندي ائين محسوس ٿي رهيو آهي، ڄڻ سڄي ملڪ ۾ چند حاڪم، وزير ۽ مشير سندن ثناخوان، پير ۽ ملان رهندا هجن. زمين آباد ڪندڙ هاري، ناري ۽ زميندار ڪيڏانهن ويا؟ انهن جو ذڪر نہ ٿو ملي. جيتوڻيڪ ڌرتيءَ جي وارثن جي پورهيي سبب وطن خوشحال رهيو آهي، ۽ اها خوشحاليءَ ئي ڌارين جي يلغارن جو سبب پئي بڻي، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر ۾ بار بار بغاوتون ۽ مزاحمتون ٿنديون رهيون آهن، انهن کي ماضي جي تاريخدانن نظر انداز ڪيو آهي، ان ٽينيوئر ۾ سکر ۽ بکر جي ڀرپاسي جيڪي راڄ رهندا هئا، انهن ۾ ڌاريجا، مهر، ڌهر ۽ ماڇي وڏا ويڙاڪ رهيا آهن. انهن ڪئي ڀيرا بکر جي حاڪمن خلاف بغاوتون ۽ مزاحمتون ڪيون آهن، انهن بابت سکر جي سڄاڻ قلمڪارن کي تفصيلي تحيق ڪري پنهنجي تاريخ کي اجاگر ڪرڻ گهرجي.

مون پنهنجي طور تي ڪوشش ڪئي آهي تہ اضافي پٽار ڪان پاسو ڪري تاريخي ماڳن جي اهميت افاديت ۽ حقيقي تاريخ کي اجاگر ڪيان ۽ انهن جي اڏيندڙن جو مختصر تعارف پيش ڪيان.

تاريخ جو تحقيقي سفر ڪندي 22 سال ٿي ويا آهن. مختلف ماڳن مڪانن تي وڃي مشاهداتي تحقيق سان گڏ مقامي ماڻهن جا رايا قلمبند ڪندو آهيان. پوءِ تاريخي ڪتاب پڙهي انهن مان مستند حوالا حاصل ڪري ان ماڳ جي تاريخي اهميت ۽ موجوده

صورتحال تي لکندو رهيو آهيان، ڪوشش ڪئي آهي ته، تاريخي ماڳن کي مسارجڻ کان بچائجي ۽ انهن جي تاريخي اهميت کي اجاگر ڪري نوجوانن ۽ ايندڙ نسلن کي ڄاڻ ڏجي ته اهي پنهنجي وطن جي تاريخ کان واقف ٿين ۽ پنهنجي تاريخ بچائڻ لاءِ مضبوط طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن.

محدود وسيلن آهر منهنجي جاکوڙ جاري آهي. ان اميد سان ڪتاب ”سکر تاريخ جو گلدستو“ اوهان جي تاريخي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندو ۽ تاريخ جي ڳولا لاءِ نوان دڳ نروار ڪندو.

آئون ٿورائتو آهيان مان وارن دوستن ايڊووڪيٽ عبدالوهاب بلوچ صاحب، ايڊووڪيٽ ايم بي ڪٽياڻ صاحب، ايڊووڪيٽ آغا غلام نبي پٺاڻ صاحب، عبدالحميد جمالي صاحب، نند لال صاحب ۽ محمد صديق ملاح صاحب جو جن هن ڪتاب جي اشاعت ۾ سهڪار ڪيو، ۽ پنهنجي انهن پيارن دوستن جو به ٿورائتو آهيان، جيڪي تاريخ جي ڳولا ۽ جاڳرتا جي اڻانگي سفر ۾ مون کي اتساهه بخشين ٿا ۽ منهنجا مددگار آهن.

سونهن سنڌ لاءِ لکان ٿو قلمڪار آهيان،
ڌرتيءَ جي دنگن جو محافظ سالار آهيان.
(ضمير)

**عنايت ڪٽياڻ**

چيئرمين

سنڌ هسٽري اويئرنيس فورم

03453343003




# سنڌو درياهه

سنڌو درياهه جنهن تي سنڌ جي زندگيءَ جو دارو مدار آهي، چو تہ منو پاڻي زندگي آهي، جيڪو انسانن ۽ جانورن جي اڄ اجهائڻ سان گڏوگڏ زراعت لاءِ بہ بنيادي ضرورت آهي. سنڌو درياهه انساني آبادي کان هزارين سال اڳ کان سرزمين سنڌ مان وهندو رهيو آهي، جنهن جو پاڻي انسانن ۽ جانورن جي پيئڻ جي کم اچڻ سان گڏ زراعت لاءِ بہ بنيادي ضرورت آهي.

سنڌو درياهه جنهن جي ڪنارن تي انساني تاريخ جي پهرين اوائلي تهذيب پروان چڙهي ۽ هن ديس جو نالو بہ سنڌو درياهه جي نسبت سان "سنڌ" سڏجڻ لڳو. سنڌو درياهه جنهن جي قدامت انسان جي پيدائش کان گهڻو اڳاٽي آهي. سنڌو درياهه ڪي تاريخ ۾

ڪيترن ئي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي. ”اباسين“، ”سپت سنڌو“، ”مهراڻ“، ”اندس“ وغيره سنڌو درياهہ جا مختلف نالا آهن. سنڌوءَ جو ذڪر قديم هندو ويدن ۽ پستڪن ۾ بہ ملي ٿو. دنيا جي انهن قديم ويدن کي سنڌوءَ جي ڪنارن تي تخليق ڪيو ويو. رگ ويد توڙي ٻين ويدن ۾ سنڌوءَ جي ساراهہ ۾ پڄن چيل آهن. تاريخن ۾ اچي ٿو تہ سنڌ توڙي هند تي اهي نالا سنڌو درياهہ جي ڪري پيا.

سنڌوندي دنيا جي وڏين ندين مان سترهين نمبر تي آهي. مسلمانن جي روايتن موجب جنت مان چار درياهہ نڪرن ٿا.1- نيل، 2- فرات، 3- جيحون،4- سيحون- جن مان سيحون ”سنڌو“ نديءَ کي چيو ويو آهي ۽ هنن درياهن جي ڪري مصر، عراق، ماروا، النهر ۽ سنڌ دنيا ۾”ارض معموره“ سڏجن ٿا، اهڙيءَ طرح هندو ڌرم جي اوائلي ڪتاب رگ ويد جي ڏهين منڊل ۾”سنڌو نديءَ“ جي تعريف 75 سلوڪن ۾ بيان ڪيل آهي. سنڌو درياهہ دنيا جي وڏين ندين مان سترهين نمبر تي آهي.(1)

** سنڌو ندي، 1800ميل/ 3000 ڪلوميٽر ڊگهي آهي، جيڪا هماليہ جبل جي ”سنگي ڪباب“ جي برفاني ڏارا مان نڪري ٿي، سنگي ڪباب ”تبيٽ“ ۾ آهي ۽ سنگي ڪباب مانسرور ڍنڍ کان 30 ميل پري آهي. سنڌو ندي والاريل ڪشمير مان ٿيندي آزاد ڪشمير، خيبر پختون خواهہ، پنجاب لتاڙيندي، اتان جي ندين ۽ درياهن جو پاڻي پاڻ منجهہ سمائيندي، سنڌ ۾ ڪشمور وٽان داخل ٿئي ٿي. پوءِ هاڻوڪي سنڌ کي سرسبز ۽ آباد ڪندي وڃي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

سنڌودرياهہ جو اصلي نالو ”سنڌو“ آهي، سنڌو سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ مها ساگر (وڏوسمنڊ) جنهن جو ڪنارو نظر اچي نہ سگهي، ۽ اها حقيقت آهي چو تہ اڳ سنڌوءَ

جي ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ بند ڏنل ڪون هئا ۽ پاڻيءَ جي چاڙهه جي وقت ۾ سنڌو درياهه وٽن ٽٽن، ڳوٺن ۽ جهنگلن کي ٻوڙيندو تمام گهڻو پکڙجي ويندو هئو ۽ سمنڊ جهڙو نظر ايندو هئو. شروعاتي دور کان ڪابل ندي، گومتي وغيره سنڌونديءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون هونديون هيون. سنڌو رواجي ندين کان تمام گهڻي وڏي رهي آهي. جنهنڪري آڳاٽن لوڪن نالو اهو نالو رکيس. ٻيو هي به چيو وڃي ٿو ته سنسڪرت ۾ ”سنڌو“ جو مطلب آهي سمنڊ يا وڏو درياءُ. ”سنڌو“ جو بنياد سنسڪرت لفظ ”سيند“ آهي جنهن جو مطلب آهي وهڻ، يا هميشه وهندڙ- ايرانين پاران ”سنڌو“ جو اچار ڦيرائڻ ڪري لفظ سنڌو لاءِ ڦري ٿيو ”هندو“ مطلب ته ”س“ کي ڦيرائي ”ه“ ڪيو ويو. قديم ايراني سنڌو ماٿري (سنڌ ۽ پنجاب) کان گهڻو پري ڪونه ويا. هنن اڪثر علائقن ۾ آرين کي رهندي ڏٺو انڪري چيو ويو هندو. آستان جيڪو اڳتي هلي ٿيو ”هندستان“. اهڙي طرح قديم ايرانين وٽان قديم يونانين کي هندستان بابت ڄاڻ پئي.

سڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس آيا تن سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ ماڻهن کي اُچار ڦيرائي سڏيو ”اندو“ ۽ سنڌوندي کي سڏيائون ”اندوس“، اهڙي طرح سڄي ملڪ کي سڏيائون انڊيڪا. اڳتي هلي لئٽن ٻوليءَ ۾ اهي اُچار ڦري ٿيا ”اندس“ ۽ ”انڊيا“. عرب فاتحن ”سنڌو درياهه“ کي مهراڻ نالي سان سڏيو ليڪن پوءِ به پنهنجي اوائلي سنسڪرتي نالي”سنڌو“ سان سڏجي ٿو.[(2)]

سنڌو (هندو) لفظ جو اصل مطلب هو ”سنڌونديءَ جي ڪناري رهندڙ“، هندستان لفظ جو اصل مطلب هو ”سنڌوندي وارو ملڪ“. اڳتي هلي جڏهن مسلمانن حڪومتون قائم ٿيون ته هندستان جو مطلب ڦري ٿيو. ”برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙ“. اهڙي طرح لفظن جا

اصلوڪا مطلب متروڪ يا گم ٿيندا ويا ۽ نوان مفهوم رائج ٿيندا ويا. آڳاٽن عربن کي بہ "هند" جي ڄاڻ قديم ايرانين وٽان پئي.[3]

**** سنڌو درياهہ ۾ ڇوڙ ڪندڙ نديون ۽ درياهہ**

کاٻي پاسي کان زنسڪار ندي، سرو ندي، سوئان درياهہ، جهلم درياهہ، چناب درياهہ، راوي درياهہ، بياس ندي، ستلج درياهہ، پنجند ندي، گهگر، هاڪڙو ندي، لوڻي ندي.

ساڄي پاسي کان شيوڪ ندي، هنزه ندي، گلگت ندي، سوات ندي، ڪونر ندي، ڪابل درياهہ، ڪرم ندي، گومل ندي، زوب ندي.

سنڌو درياهہ جي اترئين علائقن ۾ جڏهن برسات پوي ٿي يا جڏهن هماليا جي برف تيز گرمي سبب پگهرجي ٿي تڏهن مارچ ڌاري ان ۾ چاڙهہ شروع ٿئي ٿو، جيڪو آگسٽ ۾ پنهنجي جوانيءَ کي پهچي ٿو ۽ نيٺ آڪٽوبر ڌاري لهڻ شروع ٿئي ٿو.

سنڌو ندي هماليا جبل جي ڪيلاش پربت واري مانسرور ڍنڍ مان نڪرڻ کان پوءِ ڪشمير ۽ گلگت واري جابلو حصي کي لتاڙيندي ٻارهنن هزار فوٽن جي بلنديءَ کان ڀريان بنجيءَ تائين اتر اولهہ وهندي اچي ٿي، تنهن کان پوءِ ڏکڻ اولهہ جو رخ اختيار ڪري ٿي ۽ پنجاب کان پوءِ سنڌ ۾ بہ پهچي ٿي تہ سندس رخ ڏکڻ اولهہ آهي.

سنڌو درياهہ جنهن جي وهڪري جو رخ اتر کان ڏکڻ طرف ۽ سنڌ ۾ (S) جيان آهي، ليڪن مختلف وقتن ۾ پاسن تي وهڪرا مٽائيندو بہ رهيو آهي، عربن جي ابتدائي دور تائين سکر کان مٿي ڇڄي سندس بہ وهڪرا ٿيندا هئا، هڪ سکر وارو وهڪرو ٻيو وڏو وهڪرو اروڙ پاسي کان وهندو هو، جيڪو عمرڪوٽ پرسان گذري ٽر کان ٿيندو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هئو، هن کي مهراڻو سڏيو ويندو هو ۽ هن وهڪري جي ٻنهي پاسن تي بہ زمين آباد ٿيندي هئي (موجوده نارا ڪينال ان دريائي وهڪري تي ٺهيل آهي) اربن

جي دور ۾ سنڌو درياهہ پاسو ڦيرايو جنهن ڪري اروڙ پاسي واري وهڪري جو پاڻي بہ سکر واري پاسي ڏانهن وهڻ لڳو جنهن ڪري اروڙ شهر جو اوج ڦٽي ويو، واپار جي سامان لاءِ سکر ۽ روهڙي جو پتڻ استعمال ٿيڻ لڳو جنهن ڪري سکر ۽ روهڙي تيزي سان آباد ٿيڻ لڳا ۽ اروڙ آهستي آهستي برباد ٿيندو ويو.

ٻيو درياهہ جو وڏو وهڪرو سنڌو نديءَ مان هاڪڙو درياهہ بہ "پنجند" وٽان الڳ ٿي وهندو هئو، هن کي بہ سنڌوءَ درياهہ جي هڪ شاخ بہ چيو ويندو هو، ليڪن هي الڳ درياهہ هئو جيڪو هندستان ۽ پنجاب جي علائقن ۾ ٻين مختلف نالن سان سڏبو هو ۽ سنڌ ۾ هاڪڙو درياهہ سڏيو ويندو هو.

هاڪڙي درياه جو وهڪرو بہ بلڪل سنڌوءَ جي وهڪري جيان هو. اهو گم ٿيل درياه جڏهن بهاولپور واري "ديروار" وٽ پهچندو هو، تہ سنڌوءَ جيان اولهہ ڏکڻ وارو عام وهڪرو اختيار ڪندو هو ۽ خيرپور وارين ٽڪرين تائين سندس رخ ساڳيو رهندو هو. ان کان پنجاهہ ميل پوءِ ڏکڻ وهڻ شروع ڪندو هو. وري سندس رخ هڪ سو ميل تائين ڏکڻ اوڀر ٿي ويندو هو. اتان کان پوءِ ڏکڻ اولهہ وهڻ شروع ڪندو هو ۽ ڪوري ڪاريءَ سان هڪ سو ويهہ ميل سفرڪري، سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ڏسڻ ۾ ايندو تہ هاڪڙو درياه بہ سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ انگريزي اکر ايس "S" جهڙي شڪل اختيار ڪري ويندو هو. هي درياهہ بہ هندستاني علائقي ۾ زلزلي سبب سڪي ويو، هن سڪي ويل درياهہ جا نشان بهاولپور ۽ سنڌ ۾ موجود آهن.

هي درياهہ بهاولپور کان ٿيندو ناري کان اوڀر وارو علائقو سيراب ڪندو ٿر کي لتاڙي وچي ننگرپارڪر کان اوريان پارينگر بندر جي ويجهو ڪڇ واري سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هئو.

*سنڌ جي ڪلهوڙا دور ۾ بہ سنڌو درياهہ جي وهڪري جي تبديلي اهم آهي. جيڪا 59 — 1758ع ۾ آئي.

نصرپور پرسان مراد آباد جو شهر هو، جيڪو 57- 1756ع واري ٻوڏ ۾ لڙهي ويو. مراداياب خان ۽ سندس ٻن پُٽن ٻيڙي ۾ چڙهي نڪري جان بچائي هئي. پوءِ اُتر ۾ سڪرنڊ جي پرڳڻي ۾ وڃي نئين راڄڌانيءَ جو بنياد رکيو هئائين. جنهن جو نالو هن احمد آباد رکيو هو. امڪان اُهو آهي تہ هيءَ ٻوڏ هن علائقي ۾ وڏين درياهي تبديلين ڪري آئي، يا ٿي سگهي ٿو، تہ هن وڏي ٻوڏ ڪري مٿيون درياهي تبديليون اچي ويون هيون.

سنڌو درياهہ هماليا جبل کان نڪري سنڌو ماٿري جو ڊگهو سفر پورو ڪري وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو، سمنڊ ويجهو پهچي ٿو تہ منجهائنس ڪئي چوڙ ٽٽي نڪرن ٿا جيڪي 70 ميلن ۾ پکڙيل آهن.[4]

بدر ابڙو صاحب سنڌو درياهہ مان سفر ڪري ان تي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ لکي ٿو تہ: ”سنڌو نديءَ ۾، اوڀر طرف کان پنج نديون گڏجي پنجند وٽ اچي پون ٿيون ۽ اولهہ کان ڪابل ندي، پاڻ سان سوات نديءَ جو پاڻي کڻي، اٽڪ وٽ سنڌوءَ سان ملي ٿي. درياهن جي پنهنجي ريت هوندي آهي. هر ننڍو درياهہ ان مهل پنهنجو نالو وڃائي ڇڏيندو آهي جڏهن پاڻ کان وڏي درياهہ ۾ شامل ٿي ويندو آهي. جهڙي طرح اوڀر جا چار درياهہ گڏجي جهلم ۾ پوڻ ڪانپوءِ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي جهلم ندي سڏجن ٿا ۽ جهلم ندي سنڌوءَ ۾ ملي پنهنجي نالي تان هٿ کڻي ٿي، اهڙي طرح سوات ندي پنهنجو وجود ڪابل نديءَ ۾ ۽ ڪابل ندي سنڌوءَ نديءَ ۾ ملي پنهنجي نالي تان هٿ کڻي ٿي. اهڙيءَ طرح سوات ندي پنهنجو وجود ڪابل نديءَ ۾، ڪابل ندي سنڌوءَ ۾ ملي ملائي پنهنجي

سجاڻپ ختم ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح سنڌو هڪ هڪڙي عظيم ندي بڻجي ٿي جو، سنڌو ماتريءَ ڪان گهڻو پري نازل ٿيل الهامي ڪتابن ۾ به ان جو نالو شامل ٿيو ۽ دنيا جي چئن مقدس مکيه درياهن ۾ شامل ٿي. يعني، دجله، فرات، نيل ۽ سيحون (سيون، سين يا سنڌو) سنڌو نديءَ جي ناهيل ماتريءَ پاڻ ۾ نيٺ ايتري ڪشش پيدا ڪئي جو آخرڪار شهنشاهيت پسندن ان جو ترو ۽ انت لهڻ لاءِ عظيم مهمون سر ڪرايون. انهن مهمن جا پڙاڏا اسان نيرڪس ۽ اسڪائي ليڪس جي صورتن ۾ ٻڌون ٿا.

ڪابل ندي اولهه ڪان اوڀر طرف سفر ڪري ٿي، اها افغانستان جي شهر ڪابل وٽان لنگهندي سنڌوءَ ڏانهن اچي ٿي. ان ڪري ان درياهه جي مهڙ واري اڌ، يعني اولهه واري حصي ۾ ٻنهي ڪنارن تي افغان رهن ٿا، جڏهن ته اوڀر واري اڌ تي پٺاڻ ۽ هندڪو ڳالهائيندڙ ماڻهو آباد آهن. ڪابل نديءَ جو اولهه وارو گهڻو پاڱو، ان لائق ناهي جو ان ۾ ٻيڙيون لاهي درياهي سفر ڪري سگهجي. ان ڪري قديم مهمون جيڪي اٽڪل 550- قبل مسيح ڪان شروع ٿيون پڪ سان ڪابل نديءَ جي ان حصي ڪان شروع ٿيون، جتان ڪان ٻيڙين ذريعي سنڌوءَ تائين رسائي ممڪن آهي، يعني لڳ ڀڳ نوشهري وٽان.”[5]

سنڌوءَ جا قديم بندرگاهه اروڙ، بلري، منصوره، منجابري، سکر، روهڙي، نيرون، ۽ ديبل وغيره هئا. هن وقت سنڌ صوبي ۾ سنڌوندي جي ڊيگهه 750ڪلوميٽر

سنڌ ۾ هن وقت به سکر، روهڙي، ڪوٽڙي ۽ ڪيٽي بندر سنڌوءَ جا اهم بندر آهن.[6]

سنڌو درياهه جي اپياس مان صاف ظاهر آهي، ته اڳوٽي دور ۾ سنڌو درياهه جا به وهڪرا ۽ هاڪڙو درياهه سنڌ مان وهندڙ هئا ته

يقينن سنڌ پوري زرخيز ۽ خوشحال هئي جنهن ڪري سدائين ٻاهرين حملن جي عتاب ۾ رهي آهي. انهن ڪان سواءِ ٻوڏ جي موسم ۾ گڏو ۽ سکر جي وچ ڪان درياھ جو هڪ وهڪرو ڪشمور، ڪنڌڪوٽ ۽ شهدادڪوٽ ڪان ٿيندو، منڇر مان وهي سيوهڻ پرسان سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندو هو. جنهن ڪري سنڌ جي تمام گهڻي زرعي زمين درياهي وڪرن سبب آباد ٿيندي هئي.

انڊس ڊيلٽا جيڪا ڪنهن زماني ۾ جهازرانيءَ واري ڊيلٽا هئي. اڄ اها ان حوالي سان ختم ٿي چڪي آهي. سنڌو درياھ جي ڊيلٽا سنڌي جي تهذيب جي شروعات ڪان وٺي گذريل صدي تائين، سنڌ ۽ پري پري جي ملڪن مصر، حجاز، سمير، ايران، اوڀر آفريڪا، مها راشٽر، سريلنڪا ۽ چين سان گڏيل واپار جو مرڪز رهي آهي. سنڌو درياھ جو قديم دور وارو عروج مختلف بئراجن ۽ ڊيمن اڏجڻ سبب گهٽجي ويو آهي. جنهنڪري سنڌوءَ جي ٻنهي طرفن ڪان موجود ٻيلا پڻ پنهنجو جوڀن وڃائي وينا آهن. پاڻيءَ جي کوٽ ڊيلٽائي علائقن جي سونهن کي پڻ ڪاپاري ڌڪ رسايو آهي. اتان جي انساني آبادي پڻ بحران جي وَر چڙهي پڪي جي علائقن ڏانهن تيزيءَ سان لڏپلاڻ ڪري رهي آهي. سامونڊي ويرن جي چاڙهه سبب تقريبن سموري ڊيلٽائي علائقي ۾ کارو پاڻي ڪاهجي پيو آهي ۽ هزارين ايڪڙ زرعي زمين تباھ ٿي رهي آهي.

**حوالا :**

(1) "جنت السنڌ" صفحو 30، (رحيمداد خان مولائي شيدائي)
(2) "جنت السنڌ" صفحو 33، (رحيمداد خان مولائي شيدائي)

(3) ”سنڌوءَ جي ساجاهہ“ (ليکڪ سائين جي ايم سيد)
(4) ”جنت السنڌ“ صفحو- 31، رحيمداد خان مولائي شيدائي)
(5) ”سنڌوءَ جو سفر“، بدر ابڙو
(6) ”سير ريگستان“ (محمد اسماعيل عرساڻي)

روزاني ايڪتا 8 اپريل 2022ع




## سنڌو درياهه جي پهرين تهذيب

عالمي تاريخ موجب ڌرتي جي گولي تي انساني آبادين جي شروعات درياهن جي ڪنارن تي ٿي ۽ ابتدائي تهذيبن جا بنياد به درياهن جي ڪنارن وارين وڏين آبادين ۾ رکيا ويا ۽ پوءِ انهن ۾ واڌ ويجهه ۽ سڌارا ايندا رهيا آهن، ڇو ته مٺو پاڻي زندگي آهي، جيڪو انسانن ۽ جانورن جي اڃ اجهائڻ سان گڏوگڏ زراعت لاءِ به بنيادي ضرورت آهي. سنڌو درياهه انساني آبادي ڪان هزارين سال اڳ ڪان سرزمين سنڌ مان وهندو رهيو آهي، جنهن جي ڪنارن تي ۽ ان ۾ پري ڪان وهي اچي پوندڙ ندين ۽ درياهن جي ڪنارن ۽ سنڌو درياهه مان نڪرندڙ وهڪرن جي ڪنارن تي واديءَ سنڌ جي تهذيب نمودار ٿي.

سنڌو ماٿريءَ (Indus Valley) مٿي ڏنل تصوير ۾ سنڌو ماٿري جا اهم تهذيبي ماڳ ڳاڙهن ٽٻڪن جي صورت ۾ واضح ٿيل آهن، جنهن مان سنڌو ماٿريءَ جي اوائلي آباديون ۽ علائقا سمجهي سگهجن ٿا. واضح رهي ته "سنڌوماٿري" مان مراد صرف هاڻوڪي سنڌ نه آهي بلڪه هاڻوڪو پورو پاڪستان، افغانستان جو اوڀر وارو حصو، ڀارت جو اولهه وارو ڪجهه حصو سنڌو ماٿريءَ ۾ شمار ٿيندو آهي. سنڌو ماٿري اولهه ۾ بلوچستان ۽ اوڀر ۾ اُترپرديش تائين ڦهليل آهي. جڏهن ته اتر ۾ افغانستان جي اتر اوڀر واري حصي کان ڏکڻ ۾ ڀارتي رياست مهراشٽر تائين ڦهليل آهي.

عالمي تاريخدان ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جنهن کي انگريزي ۾ (Indus Valley Civilization) دنيا جي اوائلي چند تهذيبن وارين تهذيبن مان هڪ آهي. ليڪن ڪجهه تاريخدانن سنڌو تهذيب کي دنيا جي پهرين تهذيب به چون ٿا، ۽ ان سان گڏ سنڌو تهذيب جي ابتدائي ۽ ارتقائي دور جي نسلن ۽ قومن جي حوالي سان به مختلف رايا آهن. جن کي چندي ڇاڻي مختصر ڪري اوهان جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، ته جيئن مفروضن ۽ ڏند ڪٿائن جي ديگهه کان بچندي حقيقتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري انهن کي نروار ڪجي.

** "سنڌو" لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي ۽ سنسڪرت ۾ "سنڌو" جو مطلب آهي سمنڊ يا وڏو درياءُ. آڳاٽي دور کان ڪابل ندي، گومتي وغيره سنڌونديءَ جون ڀرتي ڪندڙ شاخون هونديون هيون. سنڌو رواجي ندين ۽ دريائن کان تمام وڏو درياهه رهيو آهي، جنهنڪري آڳاٽن لوڪن اهو نالو رکيس. ۽ اهو به ڇيو وڃي ٿو ته لفظ "سنڌو" جو ڌاتو يا بنياد سنسڪرت لفظ "سيند" آهي جنهن جو مطلب آهي سدائين وهندڙ. (1)

** سنڌو درياهہ جنهن جي ڪنارن تي انساني تاريخ جي اوائلي تهذيب پروان چڙهي تہ هن ماٿري جو نالو بہ سنڌو درياهہ جي نسبت سان ”سنڌ“ سڏجڻ لڳو، سنڌو درياهہ جنهن جي قدامت انسان جي پيدائش کان گهڻو آڳاٽي آهي. سنڌو درياهہ کي تاريخ ۾ ڪيترن ئي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي.”اباسين“، ”سپت سنڌو“، ”مهراڻ“، ”اندس“ وغيره سنڌو درياهہ جا مختلف نالا آهن. سنڌوءَ جو ذڪر قديم هندو ويدن ۽ پستڪن ۾ ملي ٿو. دنيا جي انهن قديم ويدن کي سنڌوءَ جي ڪنارن تي تخليق ڪيوويو. رگ ويد توڙي ٻين ويدن ۾ سنڌوءَ جي ساراهہ ۾ پڇڻ چيل آهن. تاريخن ۾ اچي ٿو تہ سنڌ توڙي هند تي اهي نالا سنڌو درياهہ جي ڪري پيا. سنڌوندي دنيا جي وڏين ندين مان سترهين نمبر تي آهي.[2]

سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن کي انساني اوائلي آبادي ٿي جنهن سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ تي زراعت ڪري ان اُپائي ابتدائي تهذيب جو بنياد رکيو، جنهن کي سنڌ جو  پهريون تهذيبي دور چيو وڃي ٿو، سنڌو جنهن جو ذڪر اوائلي مذهبي ڪتابن ۾ عام جام ملي ٿو، رگويد ۾ سنڌو جو ذڪر 75 ڀيرا ملي ٿو، سنڌو جي اوائلي تهذيب جو ذڪر 2500 قبل مسيح کان ملي ٿو،  هن دور ۾ سنڌ جي شاندار تهذيبي ترقي ٿي ۽ اقتصادي خوشحالي سان گڏ مستحڪم سياسي ڍانچو پڻ موجود هئو، جنهن جا نشان هڙپہ ۽ مرڪزي گاديءَ جو هنڌ موهن جو دڙو مان ظاهر ٿيا آهن، هن اوائلي سنڌ جي خوشحاليءَ واري تهذيب ۽ دور جي پڇاڙي 1500 قبل مسيح ۾ ٿي جنهن جو هڪ سبب آرين جي پوري سنڌ تي والار ۽ سندن مذهبي اٽبرابري وارا قانون هئا، جن ۾ انسانن جا هنن 4 طبقا ناهيا جنهن سبب ترقي ۽ واپار کي ذڪ رسيو.

* آرڪيالاجي پروفيسر غلام مصطفيٰ شر صاحب جو چوڻ آهي تہ آرڪيالاجي ماهر موهن دڙو دريافت ڪرڻ بعد 1930ع واري

ڏهاڪي ۾ هاڪڙي جي سروي دوران موهن دڙي جا هم عصر شهر لڌا، جيڪي هاڻي 500 شهرن جي تعداد تائين ملي ويا آهن. هاڪڙو جنهن کي گهاگر ندي، سرسوتي ۽ واهند جي نالن سان سڏجي ٿو، سو هماليا جبلن کان پوروچوٽ تي سنڌو دريا سان گڏ سنڌ ۾ وهندو هيو.

جرمن ۽ جاپاني Sedimentologists تهن جي علم جي ماهرن سنڌ مان گم ٿي ويل هاڪڙي جو سيٽ لائيٽ فوٽوگرافي ۽ تهن جي اپياس مان پتو لڳايو آهي ته انديا جي ڪالي بينگن موهن دڙو جي هم عصر شهر جي اتر ۾ چنديگڙهه پنجاب ۾ 1800 قبل مسيح ۾ هاڪڙو درياهه کي بند بڌي ان جو اڌ پاڻي جمنا ۽ اڌ ستلج پنجاب جي ندين ۾ وهايو ويو، انڪري هاڪڙو درياهه سنڌ ۾ سڪي ويو، جنهن تي موهن جي دڙي جي تهذيب جا 500 شهر آباد هيا. انهن شهرن جي آدشماري شهر ڇڏي لڏ پلاڻ ڪئي. اهي لڏيل ماڻهون ڪٿي آباد ٿيا تحقيق ٿي سگهي ٿي. پر موهن دڙي جي 500 شهر ويران ٿيڻ سنڌو رياست جي اقتصاديات ڏکر طرف ڏڪجي وئي ۽ ايڏي وڏي اقتصاديات اندروني بيروني واپار کي ڌڪ هنيو جنهن ڪري اتر ۽ اولهه جي رياستن جن ۾ اتر هندوستان پنجاب افغنستان ايران عراق طرفان حملا ٿيا، شهرن ۾ سنڌين جنگين ۾ مقابلا ڪيا جو شهرن ۾ لاش ملڻ ثابتي آهي. سنڌ جو ميٽروپوليٽن شهر موهن دڙو ۽ ٻيا اربن شهر 200 سال ڌارين هٿان گڙٻڙ ۽ حملن جو شڪار رهيا، سنڌ رورل علائقن جي سنڌي ماڻهن وري پنهنجا شهر پنهنجي قبضي ۾ ڪيا.[3]

* **آثار قديم** وارن جو چوڻ آهي ته ڪيترائي هزار سال اڳ سنڌو درياهه جي ڪنارن تي ماڻهو پنهنجو تمدن ۽ تهذيب ناهي آباد ٿي وينا هئا. موئن جو دڙو ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ آثار قديم سنڌن

تهذيب ۽ تمدن جا مرڪز هئا، جن تي اٽڪل 1700 قبل مسيح ۾ يا ان جي لڳ ڀڳ عرصي ڏاران آرين هنن جي شهرن تي قبضو ڪيو، جن مان ڪي وڙهندي مري ويا، ڪي ڪمزور هئڻ سبب داس (غلام) ۽ اڇوت بڻجي ويا ۽ ڪن وري لڏي وڃي مدراس ۽ ٻين ملڪن کي آباد ڪيو.[(4)]

آريا سنڌ ۾ 2500 قبل مسيح کان 1700 قبل مسيح تائين مختلف رستن کان مختلف قبيلن جي صورت ۾ ايندا رهيا، ۽ سنڌ جي سرزمين تي آرين جي آبادين جو تعداد وڌندو رهيو، آريا ابتدا ۾ دراوڙن کان گهٽ سڌريل خانہ بدوش ۽ ويڙهاڪ هئا، پر دراوڙن جي نهيل نڪيل گهرن ۽ شهرن تي قابض ٿيڻ ڪانپوءِ هنن بہ پنهنجا تمدن ۽ تهذيبون برپا ڪيون. تحقيق مان پتو پئي ٿو تہ آرين دراصل دراوڙن جي تهذيب ۽ تمدن مان ڪيتريون ئي ڳالهيون پاڻ اختيار ڪيون، جنهن ڪري سندن عقيدا گڏيل ۽ هڪ ٻئي کان ورتل معلوم ٿين ٿا.

۽ ٻوليءَ جي باري ۾ سائين جي. ايم سيد لکيو آهي تہ: ”سنڌ جي اصل ٻولي دراوڙي هئي جنهن جو رسم الخط بہ هئو، جو موهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان معلوم ٿي سگهيو آهي، ليڪن ان ٻوليءَ جي لفظن جو گهٽي تعداد ۾ لکيل نہ هئڻ ڪري ان سان گڏ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي هم معنيٰ لفظن جي موجود نہ هجڻ ڪري، مهرن جي لفظن جي معنيٰ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. دراوڙي ٻوليءَ جون ٿي شاخون مدراس ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ مروج آهن، ان کان سواءِ ملا بالم تامل ۽ تيليگون بہ دراوڙي زبان سان مشابهت رکندڙ ٻوليون آهن ۽ براهوي ۾ ڪيترائي لفظ دراوڙي آهن. پوءِ آرين اچي دراوڙن سنڌ جي اصل باشندن جي جاءِ والاري ۽ انهن جي مختلف قبيلن جي ٻوليءَ جا لهجا جدا جدا قسم جا هئا، سنڌي زبان پراڪرت معلوم ٿئي ٿي، آرين جي زبان ترقي ڪري

وچ هندستان ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪئي، جنهن ۾ ويد ۽ پراڻ لکيا ويا. جيئن ته آريا قوم اتر هندوستان جي گهڻي حصي، روس، ايران، يونان، جرمني ۽ انگلينڊ وغيره جي ملڪن ۾ پکڙجي وئي انڪري انهن جي زبانن کي انڊو يورپ زبانون سڏجي ٿو. موجوده سنڌي زبان به انهن انڊو يورپ زبانن مان هڪ آهي يا انهن مان ڪنهن هڪ جي پراڪرت آهي.[5]

دراوڙي قوم يا نسل هنن بابت به روايتون ملن ٿيون، هڪ راويت موجب اهي اصل پونچ سمنڊ واري زمين تي رهندڙ هئا جن کي اتي پنهنجو تمدن ۽ تهذيب هئي، پوءِ اتان جي زمين سمنڊ هيٺ اچڻ ڪري انهن مان گهڻا ٻڏي ويا باقي جيڪي بچيا سي آهستي آهستي ڪري لڏي مصر، سمير، بابل ۽ سنڌوءَ جي سرزيمن تي اچي آباد ٿيا ۽ جدا تهذيبون ۽ تمدن برپا ڪيا. ٻي روايت آهي ته دراوڙ نسل وارا اصل ”انڊين اوشن“ جي پرواري ملڪ جتي هن وقت ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ آهي، اتان جا رهواسي هئا، جيڪي آسٽرلائيڊ نسل جا هئا اٽڪل 75 هزار سال اڳ زمين جي تبدليءَ ڪري اها زمين سمنڊ ۾ ٻڏي وئي ۽ اتي جي رهاڪن جن کي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن هئي سي گهڻا ٻڏي ناس ٿيا پر جيڪي بچيا سي لڏي اچي انڊونيشيا انڊوچائنه، برما، سام ۽ بنگال کان مدراس طرف آيا ۽ اتان آهستي آهستي ڪري سمنڊ جو ڪنار وٺي سنڌ ۾ آيا، جتان وري کي ايران، عرق، شام ۽ مصر جي رستي پونچ سمنڊ واري زمين تي آباد ٿيا ۽ گهڻي وقت کان پوءِ وري اتي زمين سمنڊ ۾ اچڻ ڪري تباهه ٿي ويا ۽ جيڪي بچيا سي مصر، سمير، ۽ بابل کان ٿيندا سنڌ آيا.[6]

آريائي قوم بابت به مختلف رايا آهن، هڪ ته اهي اصل ڪوهه ڪاف جبل جا رهاڪو هئا، جتان انهن مان کي ايران ۽ وچ ايشيا ذريعي سنڌ ۽ هند ۾ آيا ۽ ٻيا رومانيا جي ذريعي يورپ طرف

ويا. ٻي راءِ موجب تہ اهي اصل ۾ وچ ايشيا جي يورال جبلن جا رهاڪو هئا، جتان ڪي وچ ايشيا کان ٿيندا سنڌ ۽ هنڌ طرف آيا ۽ ٻيا ايران ۽ يورپ طرف ويا. ٽين راءِ آهي تہ آريا اصل اتر سائيبريا ۾ مارو جبل جا هئا جيڪي اتان مختلف رستن کان سنڌ، هنڌ ۽ ايران ۾ پکڙجي ويا. (7)

سنڌو ماٿري جي زرخيز زمين، مناسب پاڻي ۽ موزون گرمي پد جي مناسبت ڪري سنڌ جي وادي زراعت ۽ انساني رهائش جي لاءَ موزون آهي. ان ئي سبب ڪري انسانن جون ابتدائي وستيون سنڌ جي وادي ۾ آباد ٿيون، جيڪي اڳتي هلي سنڌ جي شاندار تهذيب جو بنياد بڻيون. سنڌو تهذيب سنڌو ماٿريءَ جي ميدانن، سنڌو درياهہ ۽ ان ۾ ڪرندڙ ٻين ندين ۽ دريائن جي ڪنارن تي شروع ٿي. جنهن جا اهم مرڪز ڪوٽ ڏجي، موهن جو دڙو مهرڳڙهہ ۽ هڙپہ ظاهر ٿيا آهن، جنهن مان خبر پئي ٿي تہ هن تهذيب جا ماڻهو گهر پڪين سرن سان ٺاهيندا هيا. انهن وٽ ڏاند گاڏيون بہ هيون، هو چرخي ۽ ڪڏي تي ڪپڙا ٺاهيندا هيا، مٽي جي ٿانون ٺاهڻ جا ماهر هيا. هاري، لوهار، ڪنير ۽ مستري سنڌو ماٿري جي تهذيب جا اڏيندڙ هيا. سوٽي ڪپڙو جنهن کي انگريزي ۾ ڪاٽن چوندا آهن، اهو بہ هنن جي ئي ايجاد هئي. ۽ سنڌ جي نهيل ململ ملڪان ملڪ پسند ۽ خريد ڪئي ويندي هئي، ۽ ململ ڪپڙو مصر احرامن ۾ رکيل ممين کي محفوض ڪرڻ ۾ بہ ڪم ايندو هو. هن تهذيب جي ترقيءَ، زراعتي پيداوار، صنعتي پيداوار ۽ مستحڪم واپار جي ڪري سنڌو ماٿريءَ جي خوشحالي ۽ دولت هزارن سالن کان ٻين ملڪن جي ماڻهن کي پنهنجي طرف ڇڪيو آهي.

پهريان جو هڪ خيال هو تہ هندستان ۾ تهذيب ۽ تمدن جو بنياد آرين 1500 قبل مسيح ۾ وِڌو هيو. ان کان پهرين هتان جا

رهاڪو جهنگلي ۽ تهذيب کان اڻ واقف هيا. ليڪن بعد جي تحقيقن هن نظريي کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ هن ملڪ جي تاريخ کي ڏيڍ هزار سال پوئتي ڪري ڇڏيو. موهن جي دڙي ۽ هڙپہ جي آثارن جي دريافت ٿيڻ کان پوءِ انهن تي ٿيل تحقيق مان خبر پئي تہ هتان جا رهاڪو آرين جي اچڻ کان ڪافي اڳ تهذيب ۽ تمدن جا مالڪ هيا.

** **سنڌو** تهذيب جي اصليت ظاهر ٿيڻ جو پهريون سبب اهو بڻيو جو راءِ بهادر ڏيارام 1921ع ۾ هڙپہ جي جڳھ تي قديم تهذيب جا آثار ڳولهي لڌا، جنهن ڪري آرڪيالاجي ماهرن جي دلچسپي وڌي ۽ ان کان هڪ سال پوءِ مسٽر آر ڊي بنرجي کي موهن جو دڙو مان قديم آثار مليا ۽ هن جو اطلاع هندستان جي قديم آثارن جي محڪمي کي مليو. محڪمي جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل دلچسپي جو اظهار ڪندي انهن ٻنهي جڳهن تي توجہ ڏني. انکان پوءِ راءِ بهادر ڏيا رام ڊائريڪٽر ارنسيٽ ميڪي ۽ آثار قديمہ کاتي جي ٻين آفيسرن جي نگرانيءَ ۾ کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو. 1931ع ۾ فنڊن جي گهٽتائي جي ڪري ڪم بند ڪيو ويو. ان عرصي دوران محڪمي پاران ٻين جڳهن تي بہ قديم آثارن جي ڳولها شروع ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ وڏي ڪاميابي ملي ۽ خبر پئي تہ هي تهذيب صرف موهن جو دڙو ۽ هڙپہ تائين محدود نہ آهي پر هن جو سلسلو سنڌ ۾ چانهيو جو دڙو، جهوڪر ۽ آمري ۽ پنجاب ۾ روپر ۽ بلوچستان ۾ نال ۽ ڪلي جي جڳهن تي بہ آثار آهن. [8]

هنن آثارن جي کوٽاين مان ظاهر ٿيو تہ سنڌو ماٿري جي تهذيب ان وقت پنهنجي عروج تي هئي، جڏهن دنيا ۾ پهرين شهرن جو بنياد وڌو پئي ويو، ليڪن بعد ۾ هيءَ تهذيب زوال پذير ٿي وئي. هن تهذيب جي آثارن جو ظاهر ٿيڻ 20 هين صدي جو سڀ کان

وڏو ۽ اهم تاريخي ۽ آرڪيالاجي مظهر بڻيو آهي. ڇو ته هن تهذيب جي ڦهلاءُ ۽ معنيٰ کي 1922ع ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي کان پهرين کو به سمجهي نه سگهيو هو.

** سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب اوائلي تاريخ کان به پهريان جي بهترين نشاندهي ڪئي آهي. هن تهذيب جون ڪافي اهڙيون خصوصيتون آهن جيڪي صرف هن تهذيب سان تعلق رکن ٿيون. ماضيءَ ۾ هن تهذيب جي باري ۾ ماهرن جي راءِ هُئي ته هيءَ تهذيب اولهه ايشيا مان هن سرزمين تي آندي وئي هئي. ليڪن 1950ع ۾ ڊاڪٽر ايف اي خان ”ڪوٽ ڏجي“ جي کوٽائي ڪئي، جنهن مان نيون ڳالهيون جديد سائنسي بنيادن تي سامهون آيون ۽ پُراڻن تصورن ۽ خيالن ۾ تبديلي آئي. ڪوٽ ڏجي ۾ موهن جي دڙي جي دور کان ڪافي اڳ جي دفن ٿيل آبادي ملي آهي ۽ هن تهذيب جي زماني جو ريڊيو ڪاربن جي ذريعي پتو لڳايو ويو، جنهن مان ثابت ٿيو ته هي آبادي موهن جي دڙي کان به 800 سال اڳ جي تهذيب آهي! اُن کان پوءِ لڳولڳ کوٽايون ٿيون، جن مان اهو ثابت ٿيو ته هن تهذيب جي سرچشمي جي هن ئي سرزمين تي ابتدا ٿي. هي مقامي سماج جي ارتقا جو لازمي نتيجو هيو ۽ ٻاهرين اثر جيڪي به هُيا اهي گهٽ اهميت وارا هيا. هن تهذيب جو پختو زمانو 2500 ق م کان 1700 ق م آهي. ليڪن هن جو تسلسل ان کان اڳاتو نظر اچي ٿو. پراڻين کوٽاين ۾ هن تهذيب سان واسطو رکندڙ شهر 42 جي تعداد ۾ هيا، هاڻي هنن جي تعداد ۾ سَون جو اضافو ٿي چڪو آهي. صرف چولستان ۾ ڊاڪٽر رفيق مغل 363 دفن ٿيل وستيون لڌيون آهن. ان کان علاوه سرائي کولا، جهنگ، بنيال، سوات وادي ۾ غالا گئي، گومل وادي ۾ ڪافي جڳهون، بلوچستان جي علائقي مهر ڳڙهه ۾ هن تهذيب جا آثار مليا آهن. ڀارت ۾ گهگهر(هاڪڙي) درياهه ۽ اُن ۾ ڪرندڙ درياهن جا علائقا هنن آثارن سان ڀريا پيا آهن.

سنڌو تهذيب جا نُمايان شهر موهن جو دڙو، هڙپه، مهر ڳڙهه، ڪوٽ ڏجي، آمري، چانهون جو دڙو، بالاڪوٽ وغيره آهن.

تاريخ جا ماهرن سنڌ جي تهذيب لاءِ سلطنت جو لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، ليڪن پگٽ ۽ ويلز مٽاڇري طور انڊس امپائر جو لفظ استعمال ڪيو آهي. اڪثر ماهرن جو رجحان اهو آهي ته هن کي سلطنت نٿو سمجهي سگهجي. ليڪن ڪجهه حقيقتون اهڙيون آهن، جن جي ٻي تشريح هن وقت تائين ممڪن نه ٿي سگهي آهي. جيئن سنڌو ماتريءَ جي صنعتي پيداوار جي زبردست هڪجهڙائي هن خيال جي ضرور گنجائش پيدا ڪري ٿي ته هتي هڪ طاقتور مرڪزي حڪومت موجود هئي، جيڪا سڄي علائقي کي ڪنٽرول ڪندي هئي. ان کان علاوه موهن جو دڙو ۽ هڙپه همعصر شهر آهن، ۽ انهن ٻنهي شهرن جي اندر اوچا ۽ وڏا قلعا هيا، جنهن جي ڪري اهو خيال ڪيو ويندو آهي ته هي دارالحڪومت هيا.ملڪ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ مصنوعات ۽ دستڪارين ۾ گِهري هڪجهڙائي ۽ هر علائقي ۾ اوزار هڪ جهڙا هيا. سرن جي ماپ، گهرن جو نقشو، وڏين گهٽين جي ترتيب مطلب ته سڄي شهر جي ٽائون پلاننگ هڪ جهڙي هئي. موهن جي دڙي ۾ ڪُل نوَ رهائشي سطحون ڪڍيون ويون آهن، انهن مان ڪافي جڳهن تي ٻوڏ جي تباهه ڪارين جو ثبوت ملي ٿو. پر انهن مختلف دورن ۾ ڪجهه فرق نٿو ملي. نه ٻولي تبديل ٿي آهي، نه ئي رسم الخط، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هي تهذيب گهڻو وقت قائم رهي آهي.

پراڻي پٿر دور جي ماڳن جي وڏيڪ ڇڪاس ڊسمبر 1975ع ۾ برطانيه جي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي جي ماهر ڊاڪٽر الچين ۽ سندس زال ۽ ٻين ٻن ميمبرن سنڌ اندر شروع ڪئي. هنن دعوىٰ ڪئي آهي ته، ”سنڌ ۾ پٿر دور جي انسانن طرفان اوزار ناهڻ جي ڪارخانن وارا هنڌ، ماڳ ۽ مڪان

موجود آهن. اسان روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۽ حيدرآباد ويجهو اهڙا آثار معلوم ڪيا آهن ۽ اهڙا ماڳ ۽ مڪان ڏٺا آهن، جن ڪي پٿر جي دور جي اوزارن ٺاهڻ جي ڪارخانن جا هنڌ چئي سگهجي ٿو.“ انهن آثارن بابت ڊاڪٽر الچين جي راءِ آهي ته اهي آثار پنهنجي خاص نوعيت وارا هنڌ آهن، جن جهڙا دنيا ۾ هن کان اڳ فقط مصر ۾ مليا آهن. پروفيسر الچين هتان مليل اوزارن کي پراڻي پٿر دور جا اوزار سڏيو آهي ۽ انهن جي عمر 50 هزار سال ق- م مقرر ڪئي اٿائين.

سنڌوندي ۽ انجي معاون درياهن جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ ڪابل جي آس پاس جي ميداني علاقن کي عرف عام ۾ ”سنڌ جي وادي“ چيو ويندو آهي. سنڌ جي وادي هماليه، قراقرم ۽ هندوڪش جي پهاڙي سلسلن کان نڪرڻ وارن درياهن سان سيراب ٿئي ٿي ۽ ان پهاڙي سلسلن جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. موجوده وقت ۾ تقريباً پورو پاڪستان سنڌ جي وادي تي مشتمل آهي. زرخيز زمين، مناسب پاڻي ۽ موزون گرمي پد جي مناسبت ڪري سنڌ جي وادي زراعت ۽ انساني رهائش جي لاءِ موزون آهي. ان ئي سبب ڪري انسانن جون ابتدائي وستيون سنڌ جي وادي ۾ آباد ٿيون جيڪي اڳتي هلي سنڌ جي شاندار تهذيب جو بنياد بڻيون.

سنڌو تهذيب سنڌو ماتريءَ جي ميدانن، سنڌو درياهه ۽ ان ۾ ڪرندڙ ٻين ندين ۽ دريائن جي ڪنارن تي شروع ٿي. جنهن جا اهم مرڪز ڪوٽ ڏجي، موهن جو دڙو ۽ هڙپه ظاهر ٿيا آهن، جنهن مان خبر پئي ٿي ته هن تهذيب جا ماڻهو گهر پڪين سرن سان ٺاهيندا هيا. انهن وٽ ڏاند گاڏيون به هيون، هو چرخي ۽ ڪڏي تي ڪپڙا ٺاهيندا هيا، مٽي جي ٿانون ٺاهڻ جا ماهر هيا. هاري، لوهار، ڪنير ۽ مستري سنڌو ماتري جي تهذيب جا اڏيندڙ هيا.

سوٽي ڪپڙو جنهن کي انگريزي ۾ ڪاٽن چوندا آهن اهو به هنن جي ئي ايجاد هئي. ۽ سنڌ جي نهيل ململ ملڪان ملڪ پسند ۽ خريد ڪئي ويندي هئي، ۽ ململ ڪپڙو مصر احرامن ۾ رکيل ممين کي محفوض ڪرڻ ۾ به ڪم ايندي هئي. هن تهذيب جي ترقيءَ، زراعتي پيداوار، صنعتي پيداوار ۽ مستحم واپار جي ڪري سنڌو ماتريءَ جي خوشحالي ۽ دولت هزارن سالن کان ٻين ملڪن جي ماڻهن کي پنهنجي طرف ڇڪيو آهي.

هنن آثارن جي کوٽاين مان ظاهر ٿيو ته سنڌو ماتري جي تهذيب ان وقت پنهنجي عروج تي هئي جڏهن دنيا ۾ ٻهرين شهرن جو بنياد وڌو پئي ويو، ليڪن بعد ۾ هيءَ تهذيب زوال پذير ٿي وئي. هن تهذيب جي آثارن جو ظاهر ٿيڻ 20 هين صدي جو سڀ کان وڏو ۽ اهم تاريخي ۽ آرڪيالاجي جو مظهر بڻيو آهي. ڇو ته هن تهذيب جي ڦهلاءُ ۽ معنيٰ کي 1922ع ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي کان ٻهرين ڪو به سمجهي نه سگهيو هو.

سنڌو ماتريءَ جي تهذيب اوائلي تاريخ کان به ٻهريان جي بهترين نشاندهي ڪئي آهي. هن تهذيب جون ڪافي اهڙيون خصوصيتون آهن جيڪي صرف هن تهذيب سان تعلق رکن ٿيون. ماضيءَ ۾ هن تهذيب جي باري ۾ ماهرن جي راءِ هُئي ته هيءَ تهذيب اولهه ايشيا مان هن سرزمين تي آندي وئي هئي. ليڪن 1950ع ۾ ڊاڪٽر ايف اي خان ”ڪوٽ ڏجي“ جي کوٽائي ڪئي، جنهن مان نيون ڳالهيون جديد سائنسي بنيادن تي سامهون آيون ۽ پُراڻن تصورن ۽ خيالن ۾ تبديلي آئي. ڪوٽ ڏجي ۾ موهن جي دڙي جي دور کان ڪافي اڳ جي دفن ٿيل آبادي ملي، ۽ هن تهذيب جي زماني جو ريڊيو ڪاربن جي ذريعي پتو لڳايو ويو. جنهن مان ثابت ٿيو ته هي آبادي موهن جي دڙي کان به 800 سال اڳ جي تهذيب آهي! اُن کان پوءِ لڳولڳ کوٽايون ٿيون جن مان اهو ثابت

ٿيو تہ هن تهذيب جي سرچشمي جي هن ئي سرزمين تي ابتدا ٿي. هي مقامي سماج جي ارتقا جو لازمي نتيجو هيو ۽ ٻاهرين اثر جيڪي بہ هُيا اهي گهٽ اهميت وارا هيا.هن تهذيب جو پختو زمانو 2500 ق م کان 1700 ق م آهي. پر حقيقت ۾ هن جو تسلسل 3800 ق م تائين نظر اچي ٿو. پراڻين کوٽاين ۾ هن تهذيب سان واستو رکندڙ شهر 42 جي تعداد ۾ هيا، هاڻي هن جي تعداد ۾ سَون جو اضافو ٿي چڪو آهي. صرف چولستان ۾ ڊاڪٽر رفيق مغل 363 دفن ٿيل وستيون لڌيون آهن. انکان علاوه سرائي کولا، جهنگ، بنيال، سوات وادي ۾ غالا گئي، گومل وادي ۾ ڪافي جَڳهون، بلوچستان جي علائقي مهر ڳڙه ۾ هن تهذيب جا آثار مليا آهن. پارت ۾ گهگهر(هاڪڙي) درياهہ ۽ اُن ۾ ڪرندڙ درياهن جا علائقا هنن آثارن سان ڀريا پيا آهن.

سنڌوءَ جي ٻهرين تهذيب 2000 سال ڪنهن رنڊ روڪ ۽ رڪاوٽ کان سواءِ ڪنهن تبديليءَ بغير هلندي ۽ ترقي ڪندي رهي. جنهن جا نشان ظاهر ٿيل آثار قديمہ آهن پوء رڪاوٽون پيو تہ واڌ ويجهہ ۽ ترقي رڪجي وئي. [9]

آرڪيالاجي جي پروفيسر غلام مصطفيٰ شر صاحب جي چوڻ موجب تہ: ”سنڌ بابت جيڪي ٿورا انگ اکر مليا آهن، ان مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهو نالو (سنڌ) تمام گهڻو زمانو اڳ جو رکيل آهي، جيئن اسان جسم جي حصن جا نالا اک، ڪن، هٿ، چپ، ڄنگهہ يا وغيرهہ تيئن درياهہ ۽ سمنڊ تي سنڌو نالو رکيو ويو، مٿين علائقن ۾ سنڌو درياهہ کي ابا سين يعني درياهن جو ابو بہ سڏيو ويو. اها حقيقت آهي تہ هن سرزمين وطن جو نالو سنڌو درياهہ جي نالي سان پيو ۽ سندس رهاڪن کي سنڌي چيو ويو. هن جنت جهڙي ملڪ ۾ ٻن کان وڌيڪ نديون وهنديون هيون جن ۾ مکيہ سنڌو ۽ هاڪڙو هيون.

ملڪ جي طبعي جاگرافيائي ۽ ماحولياتي جز جهڙوڪ جبل، ريگستان، سامونڊي گذرگاهہ، درياهہ، سرسبز ميدان ٻيلا، چراگاهہ ۽ هر قسم جا گاهہ اناج، هر قسم جي جاندارن لاءِ ڪاڏو موجود رهيو آهي. درياهہ ڪري منو پاڻي ۽ آبهوا وڻندڙ رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن جي ڪلچر جو ارتقا جو سفر جو ڪاٿو آرڪيالاجي جي مليل ثبوتن مان پٿر جي اوزار مان 34 لک سال جي اوائلي اوزارن مان لڳائجي ٿو پر ان کان اڳ بہ هت انسان موجود هيا، جن تي تحقيق ٿئي پئي.

روهڙي جي ٽڪرين تي جيڪي پهرين دور جا اوزار مليا آهن، تنهن بابت اٽلي جي پروفيسرن ڊاڪٽر پائلو بياجي ۽ ڪرماسڪي ۽ پروفيسر مصطفيٰ شر 1980 واري ڏهاڪي ۾ اتي موجود ٿنهي پٿر جي دورن جا هنڌ ڳولي لڌا ۽ رپورٽون ساڳي وقت دنيا جي وڏن جرنلن ۾ شايع بہ ڪيا. جن ۾ اوائلي پٿر جا اوزار 20 لک سال قديم، وچولي پٿر جي دور جا 85 هزار سال قديم ۽ مٿين پٿر جي دور جا 35 هزار سال قديم اوزار مليا ويهن سالن جي کوجنا ۾ وڏيڪ 13 هزار سال، 9 هزار ۽ 5 هزار سال قديم پٿر جا اوزار مليا آهن.

ميزولٿڪ پيرڊ: 13000 سال هن دور کي پٿر کان ڌاتن چاندي سون ليڻ جو دور سڏجي ٿو، هن جا آثار نري ميرواهہ جي ڍنڍن پرسان تر ۾، ڪوٽ ڏجي ۽ روهڙي جي پهاڙن تي ملن ٿا. هن دور ۾ سنڌ جا ماڻهون شڪار ۽ جهنگلي ميوا پاڙون اناج گڏ ڪرڻ، هنٽر گيدر واري زندگي کي چاندي سون ٽامي ڌاتن مان نهيل شيون استعمال ڪرڻ لڳا.

**نئون پٿر جو زمانو** Neolithic

ھي دور اڄ کان 9000 ھزار سال اڳ روھڙي جي ٽڪرين جي اتر ۾ سکر شھر ۾ لاکين جي دڙي ۾ مليو ٿو، ھن دور ۾ سنڌ ۾ زراعت جي شروعات ٿي ۽ جانورن کي گھرو ڪيو ويو.

سنڌو تھذيب جي اوائلي دور ۾ آمري 3400 قبل مسيح جا ٻه درجن شھر سنڌ ۾ ملن ٿا.

ڪوٽ ڏجي ڪلچر 2900 قبل مسيح جا ٻه ويھارو شھر مليا آھن.

موھن دڙو تھذيب 2500 قبل مسيح سنڌ جي پھرين رياست جيڪا ڏھ لک چورس ڪلوميٽرن تي ۽ 1500 شھرن تي وجود ۾ اچي ٿي .

## سنڌو تھذيب جو زوال:

ھاڪڙو درياھ ٻڌي ان جو پاڻي ستلج ۽ جمنا ۾ وھائيو ويو ان تي سنڌو تھذيب جا 500 شھر ويران کنڊر بنجي ويا.

## آرين جي ٿيوري:

آريا سنڌي ھيا سواستيڪا موھن دڙي ۾ ملي آھي ۽ پوءِ ايرانين, جرمن، فرينچن پاڻ کي آريا ظاھر ڪيو.

## دراوڙ ٿيوري:

سنڌي سنڌي آھن موھن دڙي واري لاشن تي کوجنا ٿي آھي، اتان مليل انساني باقيات (ھڏاوان ڍانچا) جيڪا آھي، سا ساڳئي سنڌ ۾ موجود سنڌين جھڙي آھي، نکي دراوڙ يا بروھي، دراوڙ تامل ناڊو ڏکڻ ھندوستان ۾ آھي، انھن سان موھن دڙي تھذيب جو ڪو تعلق ناھي.“ (10)

پروفيسر غلام مصطفيٰ شر موھن جي دڙي جي ٽنھي ٿيورين بابت ٻڌايو ته:

”ٽنهي ٿيورين لاءِ جزوي مججي، ان لاءِ ثبوت بہ آهن.
موهن دڙي جو شهر ڪيترائي ڀيرا سنڌوءَ جي ٻوڏ هيٺ آيو آهي، جو ٻوڏ جي سلٽ جا نشان مليا آهن، ٻوڏ اچي پئي تہ هو پاڻ سان سونا زيور (جيڪي هلڪا هيا) چو ڇڏي ويا، جو هن وقت تائين موهن دڙي جو 8% سيڪڙو کوٽائيءَ تي آهي، جنهن مان 35 ڪلوگرام سون مان نهيل ڳهه مليا آهن، جيڪي ٽامي جي ٿانون ۾ وجهي گهر ۾ پوريل آهن ۽ واپارين جون قيمتي، اهم مهرون، نالين، گٽرن ۽ کوهن ۾ اڇليل مليون آهن.

شهرمان 35 لاش مليا آهن، جيڪي جنگ جو منظر پيش ڪن ٿا، پر انهن ۾ بحرين ۽ برما جي نسل جي ماڻهن جا لاش بہ آهن. حملي آور افغاني، ايراني، عربي، اتر هندستاني، بہ ٿي سگهن ٿا!

ٽئين ٿيوري تہ سنڌو درياهہ رخ مٽائي  ويو، ايڏو وڏو شهر درياهي واپار، زرعي پيداواري شيون نہ ملڻ سبب ويران ٿي ويو.

آرڪيالاجي ماهر موهن دڙو دريافت ڪرڻ بعد 1930ع واري ڏهاڪي ۾ هاڪڙي جي سروي دوران موهن دڙي جي هم عصر شهر لڌا، جيڪي هاڻي 500 شهرن جي تعداد تائين  ملي ويا آهن. هاڪڙو جنهن کي گهاگهر ندي، سرسوتي، واهند جي نالن سان سڏجي ٿو، سو هماليا جبلن کان پور وچوٽ تي سنڌو دريا سان گڏ سنڌ ۾ وهندو هيو.

جرمن ۽ جاپاني تهن جي علم جي ماهرن، سنڌ مان گم ٿي ويل هاڪڙي جو سيٽ لائيٽ فوٽوگرافي ۽ تهن جي اپياس مان پتو لڳايو آهي تہ انديا جو شهر، ڪالي بينگن جيڪو موهن دڙو جي هم عصر شهر جي اتر ”چنديگڙهہ“ پنجاب ۾، سن 1800 بي سي ۾ هاڪڙي درياهہ کي بند ٻڌي، ان جو اڌ پاڻي، جمنا ۽ اڌ ستلج پنجاب جي ندين ۾ وهايو ويو. انڪري هاڪڙو درياهہ سنڌ ۾ سڪي ويو. جنهن تي موهن جي دڙي جي تهذيب جا 500 شهر آباد هيا.

انهن شهرن جي آدشماريءَ شهر ڇڏي لڏ پلاڻ ڪئي. اهي لڏيل ماڻهون ڪٿي آباد ٿيا، تحقيق تي سگهي ٿي پر موهن دڙي جا 500 شهر ويران ٿيڻ سبب سنڌو رياست جي اقتصاديات ڏُکر طرف ڏڪجي وئي، ۽ ايڏي وڏي اقتصاديات اندروني بيروني واپار کي ڌڪ هنيو، جنهن ڪري اتر ۽ اولهه جي رياستن جن ۾ اتر هندستان، پنجاب، افغانستان، ايران ۽ عراق طرفان حملا ٿيا، شهرن ۾ سنڌين جنگين ۾ مقابلا ڪيا، شهرن ۾ لاش ملڻ جنهن جي ثابتي آهي.

سنڌ جو ميٽرو پوليٽن موهن دڙو ۽ اربن شهر 200 سال ڌارين هٿان گڙٻڙ جو شڪار رهيا، سنڌ رورل علائقن جي سنڌي ماڻهن وري پنهنجا شهر پنهنجي قبضي ۾ ڪيا". [11]

* **اوائلي** سنڌو تهذيب جا نُمايان شهر موهن جو دڙو، هڙپه، ڪوٽ ڏجي، مهرگڙهه، چانهين جو دڙو، آمري جو دڙو، بالاڪوٽ وغيره آهن. کوٽائين مان ظاهر ٿيندڙ سنڌو تهذيب ۾ وڏن شهرن جي موجودگي ثابت ڪيو آهي ته آبادي گهٽي هئي ۽ ماهرن کي اهي به ثبوت مليا آهن ته هتي وڏا جهنگ ۽ ٻيلا به هئا. کوٽائين مان مليل ٿانون ۽ مهرن تي جانورن جون شڪليون نهيل آهن جيڪي پڻ جهنگن جو ثبوت آهن. هنن جانورن ۾ گينڊو، شينهن، مينهن ۽ هاٿي گهٽي تعداد ۾ هيا ۽ واڳن جو پڻ ثبوت مليو آهي. رڇ جا ڪجهه نسل، بندر، نوريئڙو ۽ طوطو به مليو آهي. هرڻ ۽ ان جي نسل جو هڪ ٻيو جانور به مليو آهي.

جديد تحقيق دراوڙن ۽ آرين کي ٻاهران آيل واري خيال کي رد ڪري ٿي ۽ ٻڌائي ٿي ته هي سڀ سنڌي هئا. جنهنڪري سمجهه ۾ اهو ٿو اچي ته ابتدائي موهن دڙي واري تهذيب به مقامي سنڌين جي هئي جن پڪا گهر ٺاهيا ۽ وڏا شهر آباد ڪيا، جنهن ڪري قوم ۽ ملڪ کي وڏي ترقي ۽ آسودگي حاصل ٿي. هنن جي سڌريل ۽ پر امن شهرن تي ٻاهرين ۽ مقامي جنگجو قبيلن قبضو ڪيو، ۽

شهرن جي سڌريل ماڻهو، هنرمند ۽ واپاري ڪجھ مارجي ويا ۽ ٻيا شهر ڇڏي جان بچائي شهرن کان پري پري هليا ويا ۽ شهر غير هنرمند جنگجو ماڻهن جي هٿ چڙهي ويا، جنهن ڪري هنر ۽ واپار کي وڏو نقصان پهتو ۽ سوين سالن تائين ترقي رڪجي وئي، پوءِ وري آهستي آهستي هنرمندي ۽ واپار مستحڪم ٿيو ۽ هن نئين تهذيب تمدن کي آرين جي تهذيب (آرياورت) سڏيو ويو، ۽ سنڌ نئي سر ترقي ۽ تهذيب جو عروج ماڻيو. هنن آرين جو مذهب هندو ڌرم هيو ۽ پوءِ اڳتي هلي هندو ڌرم مان جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم فٽي نڪتا، جو تہ آرين پاڻ کي ٻين کان افضل سڏائي ٻين کي داس (غلام) ۽ اڇوت سڏيو.

* **هڙپہ** ۽ موهن دڙي واري تهذيب جي اجڙي وڃڻ کان ڪجھ وقت پوءِ موجوده "سيوڻ" جو اصل ۾ "شو آستان" يا "سيوستان" ۽ ان کان پوءِ "اروڙ" ۽ "ملتان" جا شاندار شهر سنڌو درياهہ جي ڪنارن تي آباد ٿيا، جن مان "اروڙ" واديءَ سنڌ جي مضبوط "سنڌو سلطنت" جي گاديءَ جو هنڌ بڻيو. جنهن ڪري واپار ۽ صنعت جو وڏو مرڪز رهيو. سيوڻ ۽ ملتان اروڙ جي ماتحت صوبائي گاديءَ جا تختگاهہ بڻيا ۽ هي شهر بہ واپار ۽ صنعت جا وڏا مرڪز رهيا. سنڌو درياهہ ڪناري هنن شهرن جو "ديبل" بہ هم عصر شهر رهيو آهي. هنن سڀن شهرن جي آباد ٿيڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو اهم سبب سنڌو درياهہ ئي هو، جو تہ ملڪي توڙي غير ملڪي وڻج واپار سنڌو درياهہ ذريعي ئي ٿيندو هئو ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي زمينون آباد ٿين پيون ۽ زرعي پيداوار ڪري معيشت مضبوط ۽ ملڪ خوشحال هئو جنهن ڪري هميشہ ڌاريا سنڌ تي حملا ڪري لٽ ڦر ڪندا رهيا، آهن.

روزاني ايڪتا 01 اپريل 2022ع

**حوالا :**

(1) ”سنڌوءَ جي ساجاهه“ صفحو 39، (جي ايم سيد)
(2) ”جنت السنڌ“ صفحو 30، (رحيمداد خان مولائي شيدائي)
(3) آرڪيالاجي پروفيسر غلام مصطفيٰ شر صاحب.
(4) ”سنڌوءَ جي ساجاهه“ صفحو 145، (جي ايم سيد)
(5) ”سنڌوءَ جي ساجاهه“ صفحو 392، (جي ايم سيد)
(6) ”سنڌوءَ جي ساجاهه“ صفحو 142، (جي ايم سيد)
(7) ”سنڌوءَ جي ساجاهه“ صفحو 142، (جي ايم سيد)
(8) ”قديم سنڌ“ (مهرچند پيرومل)
(9) ”سنڌوءَ جي ساجاهه“ صفحو 44، (جي ايم سيد)
(10) آرڪيالاجي پروفيسر غلام مصطفيٰ شر صاحب.
(11) آرڪيالاجي پروفيسر غلام مصطفيٰ شر صاحب.




## سنڌ: اوائلي دور کان عرب دؤر تائين

سڀ کان پهرين سنڌ تي اوائلي وقت کان حڪومتن جا مختلف دور ۽ انهن جي وقت جو مختصر وچور سمجهڻ ضروري آهي، تہ ڪهڙي وقت ۾ ڪنهن جي حڪومت هئي ۽ ڪيترو وقت قائم رهي، تہ جيئن پوءِ مختلف دور ۽ انهن جي تسلسل واري اوائلي تاريخ کي سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو.

* قديم سنڌو سلطنت، 7000 ق- م کان.
* عظيم سنڌو سلطنت، (اوائلي دور) 2500 ق- م 1600 ق- م
* عظيم سنڌو سلطنت، جو زوال 1600 ق- م کان.
* قديم سنڌو سلطنت (آريا دور)1000 ق- م کان 579ق-م تائين221 سال
* ايراني هخامنشي بادشاهي، 579 ق- م کان450 ق- م تائين 129سال

* جدا جدا حڪومتون، هيون 450 ق- م 330 ق- م 125 سال
* سڪندر اعظم يوناني، 329 ق- م 323 ق- م 07 سال
* موريا خاندان، 323 ق- م 187 ق- م 137 سال
* بيڪٽريا يوناني، 187 ق- م 70 ق- م، 114 سال
* سٿين جو دور، 70ق- م، 46ع، 116 سال
* پارٿين جو دور، 46ع، 78ع، 32 سال
* ڪشن دور، 78ع، 175ع، 113 سال
* جدا جدا، 176ع، ڪان 283ع. 107 سال
* ايراني ساساني دور، 284ع، 367ع، 83 سال
* گپت ۽ وهليڪا دور، 324ع، 367ع، 470ع، 103 سال
* هوڻ، 475ع، 499ع، 24 سال
* راءِ خاندان 499ع، 632ع، 137 سال
* برهمڻ خاندان، 632ع، 711ع، 79 سال
* عربن جو سنڌ تي حملو، 711ع
* سنڌ تي آريا، حاڪمن جو دور، 1000 ق- م ڪان 579، ق- م تائين 221 سال

* جيئن تہ هن ڪان پهرين مضمون ۾ اوائلي دور جو تفصيلي ذڪر ڪري آيا آهيون، ان دور جي سنڌين ڪي دراوڙ سڏيو ويو آهي. هنن موهن جو دڙو، هڙپہ، ڪوٽ ڏجي ۽ مهر ڳڙهہ واري اوائلي عظيم تهذيب (اندس ويلي) جوڙي هئي. تاريخي طور چيو وڃي ٿو تہ هنن جو زوال آرين جي اچڻ ڪري ٿيو، جن دراوڙن سان جنگيون ڪري هنن ڪان شهر، مال دولت ۽ زمين کسي ڪين داس/غلام بڻايو ۽ گهڻن ڪي هڪالي ٻاهر ڪڍيو، انهن ڪان پوءِ آرين جو دور شروع ٿيو. آرڪيالاجي جا ماهر چون ٿا تہ اوائلي سنڌو تهذيب جي بربادي جو سبب درياهن جي اٿل پٿل ۽ خاص ڪري هاڪڙي درياهہ جو رخ

متاثڻ آهي، جنهن جو تفصيل ۽ حوالو هن کان پهرين مضمون ۾ ذڪر ٿيل آهي.

تاريخي طور چيو وڃي ٿو ته آريا سنڌ ۾ وچ ايشيا ۽ اوڀر يورپ کان وارد ٿيا. سنڌن ملڪ ۾ تمام گهڻي سردي ۽ سنڌ جو سرسبز ۽ مالامال هجڻ سنڌن ڪاهن جا سبب ٻڌايا وڃن ٿا. سنڌن دؤر 1500ق- م ٻڌايو وڃي ٿو. آرين مقامي ماڻهن سان جنگيون ڪري کين ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ رهيلن کي غلام ۽ هينئين درجي جو شهري قرار ڏنو. آرين جي دور ۾ سنڌ ۽ هند جو اوائلي پهريون ڪتاب رگ ويد (Ragg Ved or Rug Veda) سنڌو جي ڪنارن تي لکيو ويو، هندو ڌرم جي هن تمام وڏي ڪتاب ۾ بيتن جي صورت ۾ ان وقت جا رواج رسمون ۽ تاريخ لکي ويئي آهي. سنسڪرت ٻولي ۾ لکيل آهي، هن ڪتاب کي مستند سمجهندي اڄ جي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب مان ڄاڻ پوي ٿي ته آڳاٽا آريا ستن ندين جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهنج ڪري والاري وينا هئا، جنهنڪري سنڌن والاريل ملڪ ”سپت سنڌو“ يعني ست درياهو سڏبو هو. ڪن عالمن کي رگ ويد مان ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته انهن ستن ندين مان پنج نديون پنجاب واريون هيون، ڇهين سرسوتي ۽ ستين سنڌو، جنهن ۾ سنڌوندیءَ جون پرتي ڪنڌڙ نديون (Tributaries) يعني ڪابل ندي، گومتي (گومال)، سوات ۽ ڪرم به ليکيون وڃن ٿيون، جي تنهن وقت وهنديون هيون ۽ سنڌو نديءَ سان اچي گڏبيون هيون. ندين جا اهي سڀ نالا رگ ويد جي منڊل ڏهين ۾ ڏنل آهن. ان ۾ گنگا ۽ جمنا ندين جا نالا به ڄاڻايل آهن، پر اهي گهڻو پوءِ ناميariyون ٿيون، ۽ پوتر ليکجڻ ۾ آيون. اول رڳو سرسوتي ندي پوتر ليکبي هئي ۽ سنڌو ندي وڏي ۽ مکيه هئي، تنهنڪري رگ ويد ۾ گهڻي ساک رڳو انهن جي لکيل آهي. انهن ندين جي ڪنارن تي آرين جون جيڪي بينڪون هيون، تن ۾

سنڌ، پنجاب، ڪشمير ۽ گنڌار (قنڌار) يعني هاڻوڪو پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ (هاڻوڪو افغانستان ۽ بلوچستان جي حدن تائين) اچي ٿي ويا. آرين جي انهن بينڪن کان ئي گهڻو اڳي، سور جونسي گهراڻي وارا ايوڌيا ۾، ۽ چندر ونسي گهراڻي وارا پرتيستان( الهه آباد) ۾ راڄ ڪندا هئا، ليڪن اهي پاسا رگ ويد واري هندستان ۾ نه ليکيا اٿن، جو ان وقت شايد اڌهين اڻ آريه لوڪ گهڻا هئا. بنگال، بهار ۽ ٻين هنڌ به اڪثر اڻ آريه قومون رهنديون هيون، جي پڻ پوءِ آرين جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيون. سپت سنڌوءَ ۾ رهڻ ڪري آرين جو ملڪ ”سنڌو“ نالي مشهور ٿيو. سنڌ جو پرڳڻو به ”سنڌو“ سڏبو هو، جنهن جو اچار پوءِ ڦري ”هندو“ ٿيو، ۽ آهستي آهستي سڄو علائقو هندستان سڏجڻ ۾ آيو.

سرسوتي نديءَ ۽ سنڌونديءَ جي وچ وارو ملڪ رگ ويد جي منڊل ٿئين (4،33) ۾ ديو ڪرت يوني (Davkrta yoni) سڏيو ويو آهي، جنهنجي اکري معنيٰ آهي ”ديويا ڀڳوان جو جوڙيل ملڪ“( God fashioned Country)، مطلب ته اهو ملڪ اهڙو سرسبز ۽ پريو پاڳيو هو، جو ڄڻ ته واليءَ خاص طرح ساڻس پنهنجو وڙ ڪيو هو، جنهنڪري آرين ڪيس اهو نالو ڏنو.

چندر ونسي آرين جا ڪل يا خاندانن بابت رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي ته چندرونسي گهراڻي وارا آريه لوڪ جدا جدا ڪلن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنجن ڪلن يا خاندانن وارا مکيه هئا، جنهنڪري ”پنج جن“ يعني پنج ڄڻا يا پنجن نياتن وارا (Five folds or five peoples) رگ ويد ۾ گهڻا گهمرا ڪمآيل آهي. مطلب ته چندرونسي گهراڻي وارن جون پنج مکيه شاخون هيون، ۽ هر شاخ وارا پنهنجي ڪنهن وڏي ڏاڏي جي نالي پنيان سڏبا هئا. انهن پنجن شاخن يا نياتن مان هڪڙا سڏبا هئا يدو (يادؤ يا جادؤ ونسي)، ٻيا تروسو، ٽيا پُرو، چوٿان آنُو ۽ پنجان درهيون. اهي ڪير هئا، سا ڳالهه رگ ويد ۾

ڄاڻايل ڪانهي؛ پر اتهاسن ۾ پراڻن مان سندن سربستو احوال ملي ٿو. راجا پروروس، جنهن بابت مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته چندرونسي گهراڻي جوبنياد وڌو هئائين، تنهن جو پٽ پوٽو راجا يياتي هو، جنهن کي ٻه راڻيون هيون: هڪڙيءَ جو نالو ”ديويائي“ هو، جا آسرن جي گروُشڪر آچاريہ جي نياڻي هئي، ۽ ٻيءَ جو نالو ”سرمشنا“ هو، جا دئتن، دانون ۽ اسرن جا راجا ”ورس پرون“ (Varsparuan) جي نياڻي هئي. راجا يياتيءَ کي راڻي ديويائيءَ مان ٻه پٽ، يدو ۽ تروسو ۽ راڻي سرمشنا مان ٽي پٽ، درهيو، انو ۽ پرو هئا. انهن پنجن پٽن جو اولاد سندن ئي نالن پنيان سڏبو هو. مطلب ته اهي ”پنج جن“ اصل هڪڙي ئي ڏاڏي جو اولاد هئا، پر پوءِ وچ ۾ گهڻيون پيڙهيون پئجي ويون هيون، جنهنڪري رگ ويد ۾ اهي علحديون علحديون شاخون هيون. ڪي پنهنجي ويجهي ڏاڏي تي ڪي ڪنهن ڏورانهين ڏاڏي جي نالي پنيان پاڻ کي سڏائيندا هئا. ائين جملي ڇاليهن کن خاندانن جا نالا رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهن؛ پر منجهانئن مکيہ وري ٻہ ”پنج جن“ هئا. اهو ”پنج جن“ وارو خيال هن وقت ”پنچات“ لفظ ۾ سمايل آهي، جنهن جي اصل معنيٰ هئي ”پنجن ڄڻن جو ميڙ“[1]

سنڌ ۾ سورج ونسي آرين ۾ هڪڙا سورج ونسي ٻيا چندر ونسي هئا. سورج ونسي گهراڻي مان پهريون راجا اڪشو اَکو هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ايوڌيا هو، جو نالو هاڻ ”ائوڌ“ تي پيل آهي. اڪشو اکو جي ڌيءَ جو نالو ”اِلا“ هو، جا ٻڌ سان پرڻيل هئي. ٻڌ جي پيءُ جو نالو ”سوم“ (چنڊ) هو، تنهنڪري انهيءَ خاندان وارا چندرونسي سڏبا هئا. چندر ونسي گهراڻي مان پهريون راجا پروروس هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ”پرتيسٿان“ (Partisthana) هو، جو هاڻ الهہ آباد سڏجي ٿو. راجا پورس ۽ سندس اولاد ”آئل“ (Aila) يعني ”اِلا“ سڏيا ويا آهن. ميرو پربت کان وچ هماليہ جبل واري واٽ

وٺي اتر هندستان ۾ آيا هئا، جا ڳالهه پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي. اها هڪ وڏي سند آهي، جنهن جي آڌار تي اسان چيو آهي ته آريه اصل هندستان جا رهاڪو نه هئا، ليڪن ميرو پربت کان آيا هئا.[2]

سنڌ جو واسطو ٻنهي گهراڻن وارن سان آهي. هتي اول ايترو ڄاڻائجي ٿو ته سورجونسي گهراڻي وارا، جن مان راجا اڪشو اکو، کان گهڻو پوءِ راجا دسرٿ ۽ سري رامچندر پيدا ٿيا. سي قديم زماني ۾ سنڌ ۾ به هئا. [3]

هن دور کي رامائڻ ۽ مهاڀارت وارو دور به چيو وڃي ٿو. اصل ۾ آرين جڏهن سنڌ ۽ هند جي پوري سرزمين تي قبضو ڪري ورتو ته هنن جي طاقتور قبيلن مختلف پرڳڻن تي پنهنجون الڳ الڳ رياستون قائم ڪيون، جن ۾ وڏو مذهبي اثر هئو، جنهن ڪري طبقاتي اونچ نيچ جو به وڏو فرق قائم رکيو ويندو هئو. جنهن ڪري مختلف رياستن جي راجائن جن کي برهمڻن ۽ پنڊتن جي پٺڀرائي پڻ حاصل هئي. انهن وچ ۾ جنگيون لڳيون هنن ۾ ڪوروئن ۽ پاندوئن جا نامور خاندان هئا، جن وچ ۾ ڪئي سال وڏي جنگ هلي ۽ ٻين رياستن جا راجا هنن ٻنهي ڌرين الڳ الڳ حمايتي ۽ مدد گار رهيا، هن جنگ ۾ هندو مت جا نامور نيتا (پيشوا) رام ۽ ڪرشن به شامل هئا، جنهن ڪري هن جنگ واري دور کي مهاڀارت ۽ رامائڻ وارو دور چيو وڃي ٿو.

مها ڀارت واري دور ۾ سنڌ به مختلف رياستن ۾ ورهايل هئي. جن مان هڪڙي رياست ”ڪيڪيه راڄ“به هئي، جيڪا موجوده ڪيرٿر جبلن کان پريان هئي. سندس گادي جو هنڌ راڄ ڳڙهه سڏبو هو ۽ راجا جو نالو اسواپتي هو. هي رياست فوجي لحاظ طاقتور سلطنت هئي. هتان جا گهوڙا تمام گهڻو مشهور هئا. ساڳي وقت دولت مند ۽ خوشحال راڄ هو. راجا اسواپتي جي ڀيڻ راڻي ڪيڪئي ايوڌيا جي راجا ۽ شري رام جي پيءُ راجا دسرٿ جي

ٽيون نمبر زال هئي. جنهن مان هن کي پرت نالي پٽ هو. راڻي ڪيڪئي جي نيڪي، وفاداري ۽ عمده مزاج جي رامائڻ وڏي تعريف ڪئي وئي آهي. پر ساڳي وقت ڪائنس شري رام کي ڏنڊڪ ڏنڊي ڏانهن بنواس ( جلاوطني) ڪرائڻ واري بہ ڪيڪئي هئي. (4)

اڳوڻو ڪيڪيا جو پرڳڻو، هاڻوڪي ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان کان وٺي ملتان جي حدن تائين هو. ملتان وارو پاسو ’سؤوير‘ سڏبو هو ڪيڪيہ ۽ سؤوير ٻئي پائر هئا، تنهنڪري سندن انهن ٻنهي پرڳڻن جي ٻولي ساڳي هئي. انهن پرڳڻن ۾ پئشاچن بينڪون وڌيون، تہ اتي جي پراڪرت ’ڪيڪيہ پئشاچي‘ سڏجڻ ۾ آئي، جنهن مان هاڻوڪي ’لهندا‘ٻولي يعني پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي پيدا ٿي آهي، جا پنجاب جي اتر- الهندي ڏي ديري غازي خان، ديري اسماعيل خان ۽ ميانوالي تائين، ۽ پنجاب جي اتر-اپرندي ڏي بهاولپور رياست جي حدن کان وٺي مانٽگومري (ساهيوال)، پنجاب واري گجرات ۽ ڪشمير طرف پيرپنجل واري گهاٽ تائين ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. اها ملتان ڏي ’ملتاني‘ ۽ بهاولپور ڏي ’بهاولپوري‘ سڏجي ٿي. اهو سڄو علائقو هن وقت سرائڪي بلوچن جو علائقو آهي، ۽ ايڏانهين ڪيترا پنجابي هندو بہ اها ٻولي ڳالهائيندا آهن، تنهنڪري پناڻ ۽ ٻيا ’لهندا‘ کي ’هندڪي‘ يعني هندن جي ٻولي بہ سڏيندا آهن

مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ جي ٻي وڏي رياست سيوهڻ (سيوستان) جو ذڪر ملي ٿو تہ هيءَ وڏي خودمختيار رياست هئي، جنهن تي راجا جئدرٿ نالي هڪ طاقتور بادشاه حڪومت ڪندو هو. هن مهاڀارت ۾ حصو ورتو هو ۽ ڪورون جي طرف کان وڙهندي مارجي ويو هيو.(5)

آرين جو مذهب هندو ڌرم ئي سرڪاري مذهب هو، جنهن ۾ طبقاتي اونچ نيچ جي روين کان بيزاري وڌي ويئي جنهن جي

اظهار تي سخت سزائن ڏيڻ تي هنن ظلمن کان نفرت ڪندڙن جين ڌرم جو بنياد وڌو هن ڌرم جي وڏي واڌ ويجهه ٿي، خاص طور راجستان ۽ سنڌ ۾ ٿر پارڪر ۾ جين ڌرم جا شاندار اوائلي تاريخي مندر موجود آهن ۽ جين مت جو دور هلندي ئي ٻڌ مت جي پرچار به شروع ٿي ويئي ۽ هن مذهب کي پوري برصغير خاص طور سنڌ ۾ وڏي پزيرائي ملي.

سنڌ تي هميشہ کان غيرملڪين جون ڪاهون ٿينديون رهيون آهن. قديم دؤر ۾ سنڌ ڌرتي تي آرين، مصرين، عراقين، ڪلدانين، يمنين ۽ يونانين جي ڪاهن جا واقعا ملن ٿا.

ٻڌ ڌرم واري زماني کان اڳي ئي سنڌ جو پرڳڻو سپيتا ۽ شاهوڪاريءَ سبب ملڪان ملڪ مشهور هو. انهيءَ تي ايران جي بادشاهہ دارا (پهرئين) جو وات پاڻي ٿيو، سو عيسوي سن کان 516 کن ورهيہ اڳي پنجاب، گنڌار (قنڌار) ۽ سنڌ تي ڪاهي آيو. انهن ٿنهين هنڌن جا رهاڪو سندن ڏن پرو ٿيا. ۽ ٿي سؤ سٺ (360) ٽئلينٽ، يعني اٽڪل به سؤسٺ (260) مڻ، سون خالص جا ساليانی ڍل طور کين ڏيندا هئا ۽ ايتري ڍل ٻئي ڪنهن به هنڌان ڪا نہ ملندي هيس. انهن ٽنهي هنڌن جا نالا ايران جي هڪ ڪتبي (اُڪريل نوشتي) ۾ اڄ تائين لکيل آهن. دارا بادشاهہ جي پوئينرن به ڪي سال اهو ڏن پئي اڳاڙيو. ايران جي ڪياني بادشاهن جو زور، عيسوي سن کان 330 ورهيہ اڳي سڪندر اعظم ڀڳو. ان وقت پنجاب، سنڌ ۽ گنڌار (قنڌار) ايراني حاڪمن جي هيٺ هئا، تنهنڪري سڪندر اعظم اهي به اچي هٿ ڪيا.[6]

## * سڪندر يوناني جي سنڌ تي ڪاهہ

327 ق- م ۾ سڪندر مقدوني سنڌ تي ڪاهه ڪري ڏني ۽ سنڌي راجائن مان راجا پورس ۽ راجا سامبس ساڻس دليري سان مقابلو ڪيو.

### *راجا پورس جو سنڌ تي راڄ

سڪندراعظم جي وڃڻ بعد سنڌ جو وڏو حصو راجا پورس جي حڪمراني ۾ ڏنو ويو هو، ۽ چندرگپت موريا جي اچڻ تائين ان جي قبضي ۾ رهيو. راجا پورس پنجاب جو تاريخي حڪمران، جنهن جي رياست جهلم درياهه ۽ چناب درياهه جي وچ ۾ قائم هئي. جهلم جي پار ٽيڪسلا تي راجا امڀي حڪمران هو. پورس ۽ امڀي هڪ ٻي جا دشمن ها. سڪندر اعظم هندستان تي 327 ق.م. ۾ حملو ڪيو تہ امڀي رڳو پورس سان دشمنيءَ جي ڪري سڪندر جي فرمانبرداري قبول ڪئي ۽ ست سو هٿياربند ۽ ٽي هزار پيادا فوج انجي ڪمان ۾ ڏئي ڇڏي. تمام گهڻا جواهر بہ نذر ڪيا. پورس سڪندر جي اطاعت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ فوج وٺي جهلم جي ڪناري پهتو. رات جي اونداهه ۾ سڪندر جي فوج درياهه ٽپي، اوچتو حملو ڪري ڇڏيو. پورس جا جنگي هاٿي وڦلجي ويا ۽ انهن پنهنجي ئي فوج کي چيڀاٽي ڇڏيو. پورس کي شڪست ٿي، هن کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ سڪندر جي سامهون پيش ڪيو ويو تہ سڪندر پڇيو: ”هاڻي توسان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي؟“ پورس وڏي بهادری سان جواب ڏنو: ”جيڪو سلوڪ هڪ بادشاهه کي ٻي بادشاهه سان ڪرڻ گهرجي. سڪندر ان جواب مان خوش ٿيو ۽ پورس جي رياست ان کي واپس ڪري ڇڏي. سڪندر اعظم پنهنجي پاران پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪي گورنر مقرر ڪري، پاڻ بئبلان ڏي موٽيو ۽ عيسوي سن کان 323 ورهيہ اڳي گذاري ويو. سندس

مرڻ جي خبر ٻڌي، ماڻهن يوناني لشڪر کي تڙي ڪڍيو ۽ پنهنجي پرڳڻي جا پاڻ والي ٿيا.

انهن ڏينهن ۾ مگڌ، يعني بهار جي ڏاکڻي پاڱي ۾، نند گهراڻي جي حاڪمن راڄ ٿي ڪيو. سندن لشڪر جو سپهه سالار چندر گپت نالي هڪ جوڌو جوان هو، جنهن ڪيترا همراهه ساڻ ڪري پنجاب مان يونانين کي لوڌي ڪڍيو. انهيءَ ڳالهه ۾ سوڀارو ٿيو، ته سنڌ به پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين بلڪ نند گهراڻي وارن جو به زور ڀڃي، پاڻ سڄي اتر هندستان جو والي ٿيو ۽ مؤريا گهراڻي جو بنياد وڌائين.

سڪندر اعظم کان پوءِ سندس بادشاهت جو ڪجهه ڀاڱو سيليوڪس نڪيٽر کي مليو هو. پوءِ پنجاب ۽ سنڌ کي هٿ ڪرڻ لاءِ هو عيسوي سن کان 305 ورهيه اڳي، پنجاب تي ڪاهي آيو. ان وقت تائين مهاراجا چندر گپت اهڙو زور آور ٿي اڀريو هو جو سيليوڪس جي ساڻس پڄڻ جي جاءِ نه هئي. مهاراجا چندر گپت اهڙو ته سوڙهو گهٽيس، جو سيليوڪس پنجاب ۽ سنڌ تان ته هٿ ڪنيو، پر پنهنجي ڌيءُ جو سڱ مهاراجا کي ڏيئي، ساڻس صلح ڪيائين ۽ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي پاسا ڪيس ڏاجي ۾ ڏنائين. (7)

**** موريا خاندان 323ق. م، 187 ق. م، 137 سال**

موريا گهراڻي جو راڄ

عيسوي سن کان 184 ورهيه اڳي، جڏهن موريا گهراڻي جو زور ٽٽو، تنهن کان وٺي اٽڪل 320ع تائين. يعني پريا پنج سؤ ورهيه ساندهه، سنڌ پرڳڻي گهڻا لاهاچاڙها ڏٺا. انهيءَ کان پوءِ 320ع ڌاري مڌيا ديش جي پنچالن جي ڪل وارن پنهنجو نالو ڪڍيو. يجروبد واري زماني کان وٺي اهي پنچال، ڪانيا ڪبج (ڪنوج) ۾

راڄ ڪندا هئا، سندن ڪل وارن گپت گهراڻي جو بنياد وڌو ۽ سنڌ جي ستين حاڪمن کي پنهنجو ڏن ڀروُ ڪيائون؛ پر سنڌ جي حڪومت جون واڳون وري بہ ستين لوڪن جي هٿن ۾ ڇڏيائون.

گپت گهراڻي جي راڄ شروع ٿيڻ سان برهمڻن لاءِ ڇڻ تہ سونو سج اڀريو ڇاڪاڻ تہ گپت گهراڻي وارا سڀ ڪريا ڪرم برهمڻن کان ڪرائيندا هئا. ٻڌ ڌرم جاري ٿيڻ ڪري برهمڻن نوڪر ڪاڍي هئي، سي هينئر چيتي هلڻ لڳا ڪن لنگ جي پوڄا تي ڪئي ۽ ناڪردوار تي ناهيا، تہ انهن ڳالهين تي اعتراض ڪونہ اٿاريائون. ائين ماڻهن جي پيت تي هلڻ لڳا تہ ٻڌ ڌرم هوندي بہ، برهمڻي ڌرم وري پاڻ ڪٽڻ لڳو. راجا سمدر گپت جو پٽ راجا چندر گپت (ٻيو)، جو عام طرح وڪرماجيت (وڪرمادنيہ) سڏجي ٿو، تنهن جي جاکوڙ سان وديا پکيڙ چڱي ٿيي. سندس دربار ۾ جيڪي عالم ۽ فاضل هئا، تن مان نوَ ڄڻا ’نوَ رتن‘(Nine gems) سڏجڻ ۾ آيا، جن مان هڪڙو ناميارو ڪوي ڪاليداس هو، جنهن جا سنسڪرت ناٽڪ مشهور آهن ۽ ٻيو وررچي هو. گپت گهراڻي وارن جي صاحبيءَ ۾ ماڻهو سک سانت ۾ گذارڻ لڳا. گهرن ۾ ڪٿائون ٿيڻ لڳيون ۽ ماڻهو پراڪرت لفظن بدران ڪيترا نج سنسڪرت لفظ ڪم آڻڻ لڳا. (8)

اهو پوري طرح معلوم نہ ٿو ٿئي تہ سنڌ چندرگپت جي هٿ هيٺ ڪڏهن آئي. عين ممڪن معلوم ٿئي ٿي تہ پورس جي مرڻ تي چندرگپت هڪ اهڙي صوبي جي مٿان بالادستيءَ جي دعويٰ ڪئي هجي، جيڪو پرڏيهي فاتحن طرفان سندس حليف ۽ ساٿي جي حوالي ٿيل هو. سال 305 ق- م ڌاري، نڪيٽور سيليوڪس، پاڻ کي بابل ۾ مستحڪم ۽ اعليٰ طاقت جي مالڪ بنائڻ ۽ هندستاني سرحد تائين واقع ملڪن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ، سڪندر واريءَ هندستان جي فتح کي تازو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. چندر گپت

موريا انهيءَ ڪاهہ کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر ڪٺو ڪيو. سيليوڪس سنڌوندي پار ڪئي، پر اهو معلوم نہ ٿو ٿئي تہ ڪا وڏي جنگ لڳي يا نہ پر اها تصديق آهي تہ ٻنهي بادشاهن ۾ نيٺ ناهہ ٿيو، ممڪن آهي تہ هندستاني راجا جنگ ڪرڻ لاءِ سهولت واري هنڌ تي قبضو ڪري ورتو هجي، جنهن سيليوڪس کي مفيد شرطن جي آڌار تي اتحاد جي ناهہ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هجي ۽ اهو پڻ امڪان آهي تہ عين انهيءَ موقعي تي سيليوڪس کي شام کان امداد لاءِ سڏ ٿيو هجي، جن ڪيس پنهنجين فوجن کي فوراً جنگ جي ميدان کان علحده ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هجي. ۽ سيليوڪس سڪندر جي سلطنت جي وڃايل ڪنهن علائقي تي ٻيهر قبضي ڪرڻ جي بدران، چندرگپت کي گنڌارا ۽ آرڪوسيا ۽ گيڊروسيا جي مغربي حصن جي مٿان بالادستيءَ جا حق سپرد ڪري هليو ويو. اهو سرحدي علائقو جلال آباد کان ڪوئيٽا، قلات ۽ عربي سمنڊ ڏانهن پورالي نديءَ کان ڪڍيل سرحد تائين پکڙيل هو. ممڪن آهي تہ انهيءَ علائقي ۾ اڳي ئي هندستاني داخل ٿي چڪا هئا، ۽ عملي لحاظ کان اهو سندن قبضي ۾ هو، جنهن ڪري ٻنهي شهنشاهتن جي سرحد اڳي ئي ائين واضح ٿي چڪي هئي. گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ سرحدي صورتحال ۾ بي ڪا ڦيرگهير آيل نہ ٿي معلوم ٿئي ۽ ٻنهي ملڪن جي درميان ڪيترن نسلن تائين تعلقات خوشگوار رهيا. سيليوڪس کي سندس طرفان ڏنل علائقي جي بدلي ۾ پنج سو جنگي هاٿي مليا، ۽ صلح جي ناهہ ۾ ٻنهي شاهي گهراڻن ۾ دوستانہ تعلقات قائم ڪرڻ سان گڏ شادي ذريعي مائٽاڻا لاڳاپا پڻ استوار ڪيا ويا.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ لس ٻيلي کي عهد نامي جي ذريعي ايران جي شهنشاهت کان جدا ڪري، هندستان جي شهنشاهت ۾ شامل ڪيو ويو. هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ اهي ٻيئي مڪڌ

بادشاهيءَ جون ڏن پريندڙ ماتحت رياستون بڻجي ويون ۽ سندن حڪمران اتان جا مقامي ماڻهو هئا ۽ اندروني انتظام انهن جي پنهنجي هٿ ۾ رهندو آيو، جيتوڻيڪ اهو به امڪان آهي ته چندر گپت پنهنجي طرفان انهن ايراضين تي پنهنجا شاهي وائسراءِ به مقرر ڪيا هجن. اسين اهو به اندازو ڪري سگهون ٿا ته سنڌو نديءَ جي الهندي طرف وارا هي علائقا ۽ ٻيون اهڙيون ايراضيون هن جي پوٽي اَشوڪ جي هٿ ۾ هيون جيڪي گپتا شهنشاهت جون "سرحدي رياستون" هيون.

مهاراجا اشوڪ جي وقت ۾ سنڌ ۾ ڪن هنڌ تي ٻڌ ڌرم جا پرچارڪ مرڪز "ستوپا" (Stupa) نهيا، جيڪي ٻڌ ڌرم جا عبادتگاهه آهن- ۽ ان وقت ۾ ٻڌ ڌرم وڏيڪ زور ورتو ۽ پالي ٻوليءَ به ترقي ڪئي. مهاراجا اشوڪ، عيسوي سنه کان 227 ورهيه اڳي گذاري ويو. ڪانئس پوءِ عيسوي سنه کان 180ع ڪن ورهيه اڳي، بختر (بئڪٽريا) طرف جا ڪي يوناني لوڪ پنجاب تي ڪاهي آيا ۽ پوءِ سنڌ جي به فتح ڪيائون.[9]

## ** سنڌو سلطنت ۽ راءِ گهراڻو

سنڌو سلطنت تي راءِ خاندان جي حڪومت 499ع کان 632ع تائين لاڳيتا 137 سال قائم رهي.

عيسوي سن کان 184 ورهيه اڳي، جڏهين موريا گهراڻي جو زور ٽٽو، تنهن کان وٺي اٽڪل 320ع تائين. يعني پريا پنج سؤ ورهيه ساندهه، سنڌ گهڻا لاهاچاڙها ڏٺا. جنهن کان به گهٽي عرصي کان پوءِ راءِ گهراڻي وارن جي هڪ مضبوط حڪومت جڙي جن سنڌ کي مضبوط ڪيو ۽ واپار کي هٿي ڏيئي ملڪ کي معاشي ترقي وٺرائي.

سنڌ جو راءِ گهراڻو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ طاقتور، وڏي عرصي تائين حڪومت ڪندڙ، جاگرافيائي طور هڪ وڏي ۽ مضبوط، سياسي طور مستحڪم، معاشي طور خوشحال ۽ فوجي لحاظ کان هڪ طاقتور ملڪ ”سنڌو سلطنت“ مٿان حڪومت ڪندڙ گهراڻو ٿي گذريو آهي.

سنڌ جو هيءُ حاڪم گهراڻو شروع ۾ سنڌ تي ايراني سلطنت جي ساساني حڪمرانن جي ماتحت ٿي حڪومت ڪئي، پوءِ پاڻ کي مضبوط ۽ طاقتور ڪري سنڌ کي ساساني ايرانين جي قبضي مان ڇڏايو ۽ سنڌ جون سرحدون اتر ۾ ڪشمير تائين اولهه ۾ مڪران تائين ڏکڻ ۾ ديبل تائين ۽ اوڀر ۾ گجرات ۽ مالوا تائين واڌائي سنڌ جي مضبوط سلطنت قائم ڪئي.

ڪاڪا پيرومل جي لکت موجب گپت گهراڻي وارن جي راڄ شروع ٿيڻ کان پوءِ، ڏيڍ سؤ کن ورهيه ساندهه، هندستان جي ماڻهن امن امان ۾ گذاريو، پر پوءِ'هون' لوڪ هندستان تي ڪاهي آيا، جي 'هُون' به سڏبا هئا. انهن مان ڪي گورجر، ڪي اهير(اپير) ۽ ٻين ذاتين وارا هئا، پر سيني کي گڏي 'هوڻ' (Huns) سڏيو ويو. سندن اڳواڻ 'مهر گل' نالي هو، هنن گنڌار (قنڌار) طرف ڦرلٽ ڪري ماڻهن جي گهرن کي باهيون ڏنيون. هندن ۾ اهڙو هراس پيدا ٿيو، جو اهو سمورو پاسو خالي ڪري ويا ۽ پنجاب جي الهندي طرف ڪيڪيا جو پرڳڻو هو سو به هنن هون لوڪن باهيون ڏيئي ساڙيو ۽ اتان جي هندن کي به لڏڻو پيو. اڄ اهو علائقو ديرو اسماعيل خان ۽ ديرو غازي خان سڏجي ٿو. اهي ئي هون لوڪ هئا، جن گپت گهراڻي جو خاتمو ڪيو ۽ سنڌ ۾ اچي راءِ گهراڻي جو راڄ قائم ڪيو. اهي ئي لوڪ پهريائين شودر ليکيا ويندا هئا، پوءِ برهمڻي ڌرم کي مڃڻ لڳا، ته برهمڻن گهڻي خوشيءَ سان سندن شڌي ڪري، کين کتري بنايو. پانئجي ٿو ته اگني (باهه) ٻاري، هون هوم

ڪري، سندن شڏي ڪيائون، جنهنڪري سندن اولاد ’اگني ڪل‘ يعني باهہ جي خاندان مان پيدا ٿيل راجپوت (راجا جا پٽ) سڏجڻ ۾ آيو. هندستان جي تازين جڙيل تاريخن ۾ راجپوتن جو زمانو سن 650ع کان وٺي ليکيو وڃي ٿو. (10)

اسلام کان اڳ جن گهراڻن سنڌ تي حڪمراني ڪئي هئي. انهن ۾ هڪ راءِ گهراڻي جي حڪومت اهم آهي. هن گهراڻي جو مذهب ٻڌمت هو. سندن دؤر سنڌ ۾ امن، خوشحالي ۽ ترقيَ جو دؤر آهي.

## راءِ گهراڻي جي راجائن جو حڪومتي عرصو

* راءِ ڏياچ نامعلوم
* راءِ ديواجي، 489ع تائين
* راءِ سهارس پهريون، 535ع تائين
* راءِ سهاسي پهريون، 565ع تائين
* راءِ سهارس ٻيون، 595ع تائين
* راءِ سهاسي ٻيون 632ع تائين (11)

راءِ گهراڻي ڇهين عيسوي پوري صدي ۽ ستين صدي جي اڌ تائين حڪومت قائم رکي. ان دور جي دنيا جي نقشي تي نندي ڪنڌ جون ٻہ مکيہ طاقتور سلطنتون هيون، هڪ سنڌو ۽ ٻي هرشاہ ٻئي پاسي ايرانين جي ساساني سلطنت هئي ۽ چوٿين ان جي پريان رومن سلطنت موجود هئي.

راءِ گهراڻي جي تاريخ بابت احوال مختلف ڪتابن مان ملي ٿو، جن ۾ هڪ چيني سياح ”يُئان چوانگ“ جي لکت بہ آهي، جيڪو 640ع ۾ سنڌ آيو هو. ان کان سواءِ ٻيو وڏو ڪتاب چچنامو ۽ عربن جون لکيل ٻيون تاريخون بہ آهن. ليڪن هن دور جي سنڌو سلطنت جي سرحدن ۽ حڪومتي سالن بابت تاريخن ۾ گهڻا

مونجهارا آهن. ان جو اهم سبب سنڌ جي اصلوڪن تاريخي دستاويزن جو سڙي ۽ گم ٿي وڃڻ آهي، ٻيو تہ عرب تاريخ نويسن تاريخ ۾ رومانويت، هٺ نوڪيا عربن جي سورهيائي جا حوال ۽ ڌرتي ڌڻين جي مخالفت ڪندي بهتان بازي بہ گهٽي آهي، ۽ چچنامي ۾ ڪافي ڌڪا پڻ لڪيل آهن. انهن کان سواءِ تحفتہ الڪرام بہ آهي، ليڪن اهو بہ چچنامي تان جيئن جو تيئن نقل ڪيل آهي.

جنت السنڌ ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو تہ راءِ گهراڻو- ايوڌيا جي سورج ونسي خاندان جي راجائن مان رامچندر جي اولاد مان راجا بليڪا جي پوٽن يارنهن سئو ورهيہ قبل مسيح ۾ اروڙ تي حڪومت قائم ڪئي هئي، جنهن کان پوءِ چندر ونسي راجائن دکن کان وٺي گهرات، سنڌ، بلوچستان، رابلستان ۽ قابل تائين هنن حڪومتون ڪڙيون ڪيون جن جو تفصيل هن ريت آهي.

1. 'آنو' هنن جي پنجاب تي حڪومت هئي، 2. 'پارواز'، هنن جي اتر اولهہ هندستان تي حڪومت هئي، 3. 'دروهي' هنن جي اولهہ هندستان جي هڪ ڪنڊ تي حڪمت هئي، 4. 'يادو'، هنن جي گجرات، سنڌ ۽ مڪران تائين حڪومت هئي، 5. 'ترواسو'، هنن جي هسناپور تي حڪومت هئي، هنن کي مختلف لقبن سان سڏيو ويندو هو، ۽ يادو جيڪي سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا، انهن کي "راءِ" سڏيو ويندو هئو ۽ جيڪي ڪابل ۽ رابليستان تي حڪومت ڪندا هئا انهن کي "رتبيل" سڏيو ويندو هئو ۽ مڪران تي حڪومت ڪندڙن کي "راشل" لقب سان سڏيو ويندو هو.[12]

سنڌ تي يادو حڪومت جو پايو وجهندڙ "سمبا" هو جو دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻيءَ ماموتيءَ جو وڏو پٽ هو جنهن جي اولاد مان "سامبس" هو جنهن سڪندر اعظم سان مقابلو ڪيو هو.

راءِ گھراڻي جا پنج راجا مشھور ٿيا، جن سنڌ سلطنت تي حڪومت ڪئي جن جو تخت گاھ "اروڙ" ھئو، 1. راءِ ديواجي، 2. راءِ سھارس پھريون، 3. راءِ سھاسي پھريون، 4. راءِ سھارس ٻيول، 5. راءِ سھاسي ٻيو، ھي سڀ ٻڌمت جا پوڄاري ھئا، سندن حڪومت جون حدون اتر ۾ ڪشمير، قنڌار ۽ ھيلمند تائين ھوين، اولھندي ۾ ڪرمان ۽ واديءَ بنور منشور تائين ڏکڻ ۾ سورت ۽ اوڀر ۾ چتور ڳڙھ ۾ سندن ماتحت ھئو، ھنن جي سلطنت ۾ اروڙ اُچ ماٿيلو، سيوستان نبروز ڪوٽ، برھمڻ آباد ۽ ديبل مخمور قلعا ھئا ۽ سندن پاران چار نائب صوبن تي مامور ھئا جيڪي "ملڪ" سڏبا ھئا.[13]

راءِ گھراڻي وارا جيتوڻڪ پاڻ ٻڌ ڌرم وارا ھئا، ليڪن ان جي باوجود پنھنجي گاديءَ جي ھنڌ اروڙ پرسان ھڪ شِو جو ھڪ وڏو مندر ۽ ڪالڪا مندر پڻ نھرايو ھئائون. ھنن جي اھڙين حڪومتي رواداري وارين پاليسين ڪري سڄو دور سنڌ جو امن ۽ ترقي وارو دور رھيو. انڪري ان دور جي چيني سياح "يُئان چوانگ" لکيو ته ان وقت سنڌ جو ڪو به سرڪاري مذھب نه ھو. عورتون ۽ مرد ٻوڌي طريقي سان زندگي گذاريندا ھئا. وار نئيا رکندا ھئا ۽ ھيٺ گوڏ ٻڌندا ھئا. ان چيني ياتريءَ ڪي سنڌ ۾ ٻُڌ ڌرم زوال جو شڪار نظر آيو ھو. چچنامي ۾ راءِ گھراڻي جي باري ۾ تمام وڏا قصا بيان ڪيا ويا آھن، جڏھن ته چچ واري برھمڻ گھراڻي ڪي ڏاڍو نيچ ڏيکاريو ويو آھي. جنھن ڪي بعد ۾ عربن 712 عيسوي ۾ ختم ڪيو. راجا سھاسي راءِ ٻيئن ايرانين جي عربن سان جنگ وقت وڏي مدد ڪئي ھئي. ايرانين ڪي لشڪر ۾ ھاٿي ۽ جت فوج ۾ موڪلي ڏنا ھئائين. اھو عمر رضہ جي دور ۾ 637ع ڌاري جو واقعو آھي. جڏھن ايرانين جي ساساني سلطنت عربن ڊاھي پٽ ڪئي ته پوءِ انھن سنڌ تي حملا ڪرڻ به شروع

ڪيا. سنڌ تي راجا سهاسي ٻئين جي دور ۾ هارشا سلطنت جي هندو راجا پڻ ڪافي حملا ڪيا پر سنڌ تي قبضو نہ ڪري سگهيو. عمر رضہ ڪي بہ ڪماندرن اها رپورٽ ڏني تہ سنڌ فتح ڪرڻ ڏکي آهي. پوءِ ان سنڌ ڏانهن پيش قدمي روڪرائي ڇڏي هُئي. جنهن ڪري عربن راسل واري جنگ ڪٽڻ باوجود اڳتي نہ وڌيا. هن گهراڻي جي دور ۾ خاص طور تي راجا سهاسي ٻئين 600 عيسوي کان 640 عيسوي تائين هرشا سلطنت، عربن جا حملا ۽ وائٹ هُونن جا حملا ناڪام ڪيا ۽ سنڌ جو بچاءُ ڪيو. جنهن ڪري "يُئان چوانگ" بہ لکيو آهي، تہ سنڌ جا ماڻهو ڏاڍا ويڙها ۽ بهادر، بردبار ۽ سٺي اخلاق وارا آهن.

"يُئان چوانگ" اهو بہ لکيو آهي، تہ ان وقت ۾ سنڌ جو ڪو بہ سرڪاري مذهب نہ هو. عورتون ۽ مرد ٻڌ مت طريقي سان زندگي گذاريندا هئا. وار ننڍا رکندا هئا ۽ هيٺ گوڏ ٻڌندا هئا. ان چيني ياتريءَ ڪي سنڌ ۾ ٻُڌ ڌرم زوال جو شڪار نظر آيو هو. چچنامي ۾ راءِ گهراڻي جي باري ۾ تمام وڌا بيان لکيا ويا آهن، ۽ راجا چچ جي برهمڻ گهراڻي ڪي ڏاڍو نيچ ڏيکاريو ويو آهي. ان جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ چچنامو عربن جو لکيل آهي، عربن جڏنهن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تہ سنڌ تي برهمڻن جي حڪومت هئي جن عربن سان مقابلو ڪيو ۽ ٻڌ ڌرم وارن برهمڻن جي دشمني ۾ عربن جي هرهنڌ آجيان ڪئي. چچنامي ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت جي ختم ٿيڻ بابت بيان ڪيل آهي، تہ سيئلاج جو پُٽ چچ جيڪو راجا ڏاهر جو پيءُ هو، سو راءِ سهاسي ٻئين جي دور ۾ ننڍو ملازم ٻڻيو ۽ پوءِ ترقي ڪندو وزير ٻڻجي ويو ۽ حڪومتي اختيارن ۾ تمام گهڻو اثر رسوخ پيدا ڪري ويو. چچ جو راجا سهاسي ٻئين جي زال سُهندي راڻيءِ سان عشق ٿي ويو هو. جڏهن راجا سهاسي بيون مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي پهتو، تڏهن ان ڪي ڪمري

۾ واڙي بستري پيڙو ڪيو ويو جتي هو مري ويو. سندس موت جي خبر کي حڪمت عملي تحت لڪايو ويو. سڀ کان اڳم راجا سهاسي ٻئين جي سيني مائٽن کي بشمول راجا جي ڀاءُ کي قتل ڪيو ويو. پوءِ چچ ۽ راڻي سُهندي شادي ڪئي ۽ ان ريت چچ بادشاهه بنجي ويو ۽ راءِ گهراڻي جو خاتمو ٿيو ۽ سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت جو دور شروع ٿي ويو. جنهن کي بعد ۾ عربن 712 عيسوي ۾ ختم ڪيو.

سنڌ جي اوائلي عروج واري دور کان پوءِ لاڳيتو رساڪشي ۽ ٻاهرين جي حملن ۾ لٽ مار جو شڪار ٿيندي رهي، جنهن کان پوء رائي گهراڻي جي حڪومت جو دور ئي پائدار امن ۽ ترقي جو دور رهيو. هن دور ۾ سنڌ ۾ شاندار شهر آباد ٿيا، ڪوٽ ۽ قلعا جوڙايا ويا، جنهن ڪري سنڌ جون سرحدون مضبوط ٿيون ۽ ٻاهرين حملي آورن سان مقابلا ڪري کين شڪستون ڏنيو ويون، جنهن ڪري امن ۽ انصاف قائم ٿيو، اناج جي اپت ۽ وڻج واپار وڌيو. مجموئي طور هي سنڌ جو امن ۽ ترقي وارو دور رهيو، جنهن کي برهمڻن بہ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جي مذهبي تضاد جي واڌاري سبب ملڪ اندروني طور ڪمزور ٿيو جنهن جو فاعدو عربن ورتي سنڌ تي وڏو حملو ڪري سنڌ جي مال دولت ڦري سنڌ کي برباد ڪيو.

روزاني ايڪتا 26 اپريل2022ع

**حوالا:**


(1) ”قديم سنڌ“، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

(2) ”قديم سنڌ“، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

(3) ”قديم سنڌ“، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

(4) ”قديم سنڌ“، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

(5) ”قديم سنڌ“، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

(6) ”قديم سنڌ“، پيرومل مهرچند آڏواڻي
(7) ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، پيرو مل مهرچند آڏواڻي، پهريون ڇاپو، 1956ع
(8) ساڳيو
(9) ساڳيو
(10) ساڳيو
(11) ”جنت السنڌ“، رحيم داد خان مولائي شيدائي
(12) ”جنت السنڌ“رحيم داد خان مولائي شيدائي، (ص 76)
(13) ”جنت السنڌ“ رحيم داد خان مولائي شيدائي (ص 77)

## مددي ڪتاب:


(1) ”مهاڀارت جو شانتي پرو“، موڪش ڌرم، 255
(2) ”جنت السنڌ“، رحيم داد خان مولائي شيدائي
(3) ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، پيرو مل مهرچند آڏواڻي، پهريون ڇاپو 1956ع.
(4) ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“
(5) ”تاريخ ريگستان“ (ڀاڱو پهريون)، رائچند هريجن.
(6) ”وڪيپيڊيا“



# اروڙ

عربن جي حملي کان پھريان سلطنت سنڌ جي عروج واري دور جو اوائلي تخت گاھہ اروڙ رهيو آهي، جيڪو هن وقت سکر ضلعي جي تعلقي روهڙي ۾ آثار قديمہ جي صورت ۾ موجود آهي، سال 2018ع نومبر مهيني ۾ سکر وڃڻ ٿيو، جنهن لاءِ پياري سليم مهر دعوت ڏني ۽ چيائين تہ آءٌ 15 ڏينهن لاءِ سکر ۾ آهيان ۽ سکر اوهان جو بہ پنهنجو شهر آهي موسم بہ ٺيڪ آهي، اچو تہ سکر جا تاريخي ماڳ گڏجي گهمون. سليم جي پيار ڀري انداز ۾ سکر اچڻ جو ٻڌي مون کي بہ سکر جون ساروڻيون ورائي ويون ۽ مون چيومانس تہ اروڙ وني هلين تہ اچان، جنهن تي وراڻيائين تہ ضرور هلنداسين ۽ پوءِ آءٌ سکر پهتس تہ سليم سان گڏ پراڻن ۽ نون دوستن سان رات تي ڪچهري ٿي ۽ صبح تي اروڙ لاءِ سليم مهر، ايڊووڪيٽ رفيق چاچڙ ۽ آءٌ سکر شهر کان بيراج تي وياسين جتي

ڪجھ وقت گزاريوسين ۽ پوءِ بيراج پار ڪري روھڙيءَ کان ٽيندي قومي شاھراھ تي روانيا ٿياسين، رفيق چاچڙ گاڏي ھلائي رھيو ھئو جنھن جو اروڙ وارو ماڳ ڏٺل ھئو، روھڙي کان 5 ڪلو ميٽر اڳتي ھلي اسان قومي شاھراھ کان سڄي ھٿ تي اروڙي واري لنڪ روڊ تي مڙياسين جنھن تي تقريبن 8 ڪلو ميٽر پنڌ ڪيوسين تہ وري بہ سڄي ھٿ تي اروڙ واري ٽڪري طرف مڙياسين، ھي رستو ڪچو ۽ ٽٽل ڦٽل آھي چو تہ ھن رستي کان چن ۽ پٿر شھرن ڏانھن ڪٽي وڃڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ھن رستي تي ھلندي کٻي ھٿ تي ننڍي مٿائين ٽڪري آھي، جنھن تي اروڙ جا آثار نظر اچن ٿا، سڀ کان پھرين محمد بن قاسم جي نالي سان منسوب مسجد جا آثار آھن، ھتي گاڏي تان لھي مٿاھين دڙي تي مسجد جا آثار ڏٺاسين. ھڪ ونگدار ٻاھريون دروازو ۽ مسجد جي ھڪ پوئين محراب واري ديوار ٻئي زبون حال ۾ موجود آھن، جنھن کي ڏسي اندازو ڪري سگھجي ٿو تہ ھي مسجد تمام شاندار نہيل ھوندي. ھن وقت انھن ٻنھي ديوارن جي پر ۾ ھڪ مولوي چادرن جي ڇپري ۾ ننڍو مدرسو قائم ڪري وينو آھي.

مسجد کان ٿوروئي اڳتي ھلياسين تہ ھڪ وڏي مٿاھين دڙي تي چڙھياسين جتي اروڙ جي قلعي جي آثارن جي نالي ۾ پڪين سرن جا ٽڪڙا ھڪ دڙي جي صورت ۾ نظر آيا جن تي ڪو بہ ديوار جو بنياد نظر نہ ٿو اچي، سرن جي ٽڪڙن جي پر ۾ ھڪ کوھ جا آثار نظر اچن ٿا جنھن جي اندرين ديوار پٿرن جي نھيل آھي، ۽ پرسان ھڪ پٿريلي دڙي جي تري ۾ تي غار نما وڏا سوراخ نظر اچن ٿا جيڪي بہ پورجي ويا آھن. ھنن آثارن جي پر پاسي ۾ بہ قبضا تي ويا آھن، گھر ۽ ديوارون نھي ويا آھن. ھن تاريخي ورثي جي ڪا بہ مالڪي نظر نہ آئي مقامي ماڻھن ٻڌايو تہ اروڙ جي قلعي ۾ سرن جا بہ رڳو اھي ئي آثار بچيا آھن.

درڙي تان لهي واپس اچي گاڏي ۾ ويناسين ۽ ڪالڪا مندر لاءِ اڳتي روانا ٿياسين. ڪالڪا مندر تقريبن 3 ڪلو ميٽر اڳتي آهي ان کان پهريان هڪ ٻي عمارت جا آثار ٽن ونگدار دروازن جي صورت ۾ موجود آهن. هن کي ٻه مغل دور جي مسجد جا آثار چيو وڃي ٿو. ليڪن هن ونگدار دروازن لاءِ هڪ ٻي راءِ ٻه آهي ته هي هڪ پراڻي محل جا آثار آهن ڇو ته مغل دور ۾ اروڙ برباد ٿي چڪو هئو ۽ هن علائقي جو اهم حڪومتي مرڪز بکر بڻجي چڪو هئو ۽ ارغونن ۽ ترخان دور ۾ اروڙ جون پڪيون سرون پٽرائي ڪٽي بکر جي قلعي ۾ لڳرايون ويون هيون ته پوءِ هتي حڪومتي طور تي اهڙي وڏي جامع مسجد نهرائڻ جو سبب سمجهه ۾ نه ٿو اچي. ٻيو ته محمد بن قاسم واري جامع مسجد ٻه هن کان ٿوري ئي مفاصلي تي موجود هئي ۽ ان کان سواءِ ته مغل دور ويجهو دور آهي ان دور ۾ مسجد نهي ها ته موجود هجي ها ان دور جون عمارتون اڄ ٻه بهتر حالت ۾ موجود آهن ، ان ڪري هنن آثارن کي ڪنهن محل جي باقيات واري راءِ صحيح ٿي سمجهه ۾ اچي.

ڪتاب جنت السنڌ ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو ته: ”راءِ گهراڻو -ايوڌيا جي سورج ونسي خاندان جي راجائن مان رامچندر جي اولاد مان راجا بليڪا جي پوٽن يارنهن سئو ورهيه قبل مسيح ۾ اروڙ تي حڪومت قائم ڪئي هئي، جنهن کان پوءِ چندر ونسي راجائن دکن کان وٺي گهرات، سنڌ، بلوچستان، رابلستان ۽ قابل تائين هنن حڪومتون ڪڙيون ڪيون.[1]

۽ ٻئي هنڌ ساڳئي ڪتاب ۾ اروڙ بابت شيدائي صاحب ذڪر ڪري ٿو ته: ”اروڙ سنڌ جو قديم تختگاهه آهي، جنهن جي قدامت آرياورت جي قديم شهرن هستاپور، اندرپرسا ( دهلي) ۽ پتاليپترا (پاٽنا) جي برابر هئي. يوناني جاگرافي دانن اروڙ کي

’موسيکانوين‘ نالو رکيو هئو ۽ هوئن ٽسانگ هن شهر کي پيشاپوپولو ۽ جنرل اليگزينڊر ڪننگهام هن کي روڙپورا (رورانگر) جي نالن سان لکن ٿا.“ شيدائي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: ”هن شهر کي چئو طرف مضبوط عالم پناهه ڏنل هئي ۽ باغات ۽ محلاتن ڪري تمام مشهور هئو، شهر جي وچ ۾ ٻڌ ڌرم جو مشهور مندر هئو، هن شهر جو اصل نالو هنديءَ ۾ اروڙ آهي. چاڪاڻ جو هتي جا راءِ گهراڻي جا راجا اروڙ ونسي خاندان جا سڏبا هئا، هي شهر ڪنهن وقت ۾ واپار جو اهم مرڪز هئو جيڪو ڏيهان ڏيهه مشهور هئو، سنڌو درياءُ جي رخ مٽجڻ ڪري هي زوال پذرير ٿي ويو.[2]

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ اروڙ بابت لکي ٿو ته اروڙ جو شهر جيڪو سنڌ جي ٻڌ حڪمرانن جو صدين تائين گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي، سو سڪندر اعظم جي سنڌ ۾ اچڻ وقت ميوميڪانس راجا جي گاديءَ جو هنڌ هئو هن شهر ۾ عاليشان جايون، مندر، باغ ۽ نهرون پڻ هيون ۽ انهن جي چوڌاري ٻيٽي ديوار ڏنل هئي ۽ اڳوٽي وقت ۾ ملتان جيڏو وڏو شهر هئو.ليڪن هن جي آدمشماري ملتان کان ٻه وڌيڪ هئي. جيئن ته هي شهر سنڌ جي اترين سرحد تي هئو، انڪري هن جي حفاظت لاءِ چوڌاري ٻن ديوارن وارو مضبوط قلعو هئو، سنڌو درياهه جي رخ مٽجڻ ڪري هتي جي رهواسين اچي روهڙي شهر آباد ڪيو ۽ روهڙي جو نالو به اروڙ جو ننڍڙو فارم آهي، اروڙ پنهنجي عروج ۾ واپار جو مرڪز ي شهر هئو.[3]

راءِ گهراڻي جي دور ۾ سنڌ سلطنت هئي جنهن جون حدون اتر طرف کان ڪشمير، قنڌار ۽ هيلمند تائين، الهندي طرف کان ڪرمان جي وادي نورمنشور تائين، ڏکڻ ۾ سورت ۽ ديو بندر کان ديبل ۽ مڪران تائين، اوپر ۾ چتور ڳڙهه تائين هيون. ملڪ کي چئن صوبن ۾ ورهائي هر هڪ حصو هڪ نائب جي حڪومت هيٺ

هوندا هئا، جيڪي ”ملڪ“ جي لقب سان سڏبا هئا،[4] ۽ سنڌ سلطنت جو اروڙ شهر تختگاهه هو.

**(اروڙ بابت وڌيڪ تحقيقي تفصيل)**

** هندو ڌرم جي اهم ڪتاب مهاڀارت ۾ راجا جئدرٿ کي سنڌ جو زبردست ۽ زورآور حاڪم ڄاڻايو ويو آهي. هن جي حڪومت هيٺ سنڌو، سوي (سبي) ۽ سويا (ايراني دور وارو سيوستان ۽ هاڻوڪو سيوهڻ ۽ قلات وارو علائقو) اچي پئي ويا. ان بابت مهاڀارت مان هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو. جڏهن جئدرٿ دروپديءَ کي پڇائي سنڌ ۾ آڻي ٿو ۽ ساڻس محل ۾ ملڻ وڃي ٿو، تڏهن دروپدي کيس چوي ٿي: ”ڇا تون ئي اهو اڪيلو راجا آهين، جنهن سنڌو، سوي ۽ سيوپا هٿ ڪيا آهن، ۽ ان آسودي ملڪ تي انصاف ۽ تدبر سان راڄ ڪرين ٿو؟“ پوءِ جڏهن دروپدي کيس پانڊون جي سگهه ۽ سلطنت جو پڻ ٿي ڏئي تڏهن جواب ۾ جئدرٿ وراڻي ٿو: ”دروپدي! اسان انهن دڙڪن پر ڊڄڻ وارا ڪين آهيون. اسان آريا نسل جي سترهين پيڙهي آهيون ۽ ڇهه شاهي خوبيون اسان جي رت ۾ رهيل آهن، انڪري مان پاندون کي پاڻ کان هيچ ٿو ڀانيا“.[5] انڪري به چئي سگهجي ٿو ته سنڌ، سري ۽ سيريا واري گذريل راڄ جي مهان راجا جي راڄڌاني به اروڙئي هوندو، جتان هو سڄي علائقي تي آسانيءَ سان نظر ۽ قبضو رکي پئي سگهيو.

** مهاڀارت کان پوءِ هندن جي ٻي مشهور ڌرمي پستڪ ”رامائڻ“ ۾ به سنڌ جو ذڪر ملي ٿو. هي اهو دور هو جڏهن آريا سنڌو گنگا جي وادين ۾ باقاعدي بستيون ناهي ويٺا، ۽ مهاڀارت جي دور جيان ڇڙو ڇڙ ڪونه رهندا هئا. ”رامائڻ“ ۾ سنڌ ملڪ جو نالو ڪيڪان ڄاڻايو ويو آهي، جو اٽڪ جي اوريان شروع ٿئي ٿو ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ تائين هليو وڃي ٿو. ان ديس جي راجڪماري ڪيڪئي رامائڻ جي هيري رام جي پيءُ راجا دسرٿ جي زال هئي، جنهن مان کيس

پرت پٽ هو. مهاڀارت جي دور جيان رامائڻ جي دور ۾ به سنڌ هڪ ملڪ هو،جو پوءِ يونانين جي ڪاهه وقت ڇئن ملڪن ۾ ورهائجي ويو ۽ وري عربن کان اڳ راءِ گهراڻي وقت هڪ ملڪ ٿي ويو.[6] انڪري اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته رامائڻ جي دور ۾ به هن ديس جي گادي اروڙئي هو، ڇو جوسنڌ جو هيءُ پراڻو شهر ۽ تختگاهه به قدامت جي لحاظ کان آريه ورت جي ٻين شهرن هستناپور، اندر پرستا (دهلي) پتاليپترا (پاٽنا) ۽ ايوڌيا (اوڌ) جو ثاني آهي.[7]

رامائڻ واري دور کان پوءِ ايوڌيا جي سورج ونسي راجپوتن مان راجا بليڪا جيپٽن 1100 ق م، هن شهر تي راڄ ڪيو ۽ ان کي وڌايو ۽ويجهايو.[8] راجپوتن مان سورج ونسي راجا رام جي اولاد آهن، جي سنڌ ۾ ايوڌيا کان آيا ۽ چندرونسي ڪرشن مهاراج جي اولاد ٿين جي گجرات کان آيا،[9] اهي سورج ونسي راجپوت پاڻ کي اروڙ ونسي سڏيندا هئا، جنهنڪري سندن راڄڌانيءَ تي نالو ئي اروڙ پئجي ويو.[10] وڌيڪ ممڪن ائين ٿو لڳي ته جيئن ٻيا راجپوت ۽ کتري پاڻ کي شهر جي نالي پٺيان سڏائيندا آهن، تيئن اروڙ جا کتري به پاڻ کي اروڙ ونسي سڏائيندا هوندا.[11] سورج ونسين کانپوءِ سنڌ تي چندر ونسين جو راڄ ڪيو ٿو نظراچي ٿي. ان راڄ جي پيڙهه چندر ونسي راجپوتن جي يادو ونسي قبيلي وڏي ۽ پايي وجهندڙ جو نالو "راجا سمايا" هو، جنهن جي پٺيان سنڌ کي "سنڌ سمه" به سڏيو ويندو هو.

** سلطنت جا چار صوبا هئا، جن تي الڳ الڳ وائسراءِ مقرر ٿيل هئا. آريه ورت جي قديم شهرن جيان انهن جي راڄڌانيءَ جو هي شهر به دولت سان مالامال هو. سندس پروارين ٽڪرين ۾ سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون هيون. هوئن تسانگ هن شهر کي "پيشان يو چولو" سڏيو آهي ۽ ٻين مؤرخن سورج ونسي ڪلن جي هن

راڄڌانيءَ جي آسودگيءَ ۽ شاهوڪاريءَ جي ساراهہ ڪندي ڪيس ”روڙايور“ يا ”رونگر“ سڏيو آهي.
** مولائي شيدائي اروڙ بابت ”تاريخ سکر“ ۾ لکي ٿو تہ: ”موجوده اروڙ هينئر هڪ ڳوٺ جيان آهي، روهڙيءَ کان پنج ميل ڪن ڏکڻ اوڀر طرف ٽڪريءَ تي. ليڪن جنهن زماني ۾ اروڙ سنڌ جو تختگاهہ هو، انهن ڏينهن ۾ شهر جي الهندي ڪان مهراڻ ۽ اڀرندي ڪان هاڪڙي جي وجود ڪري هي شهر باغات، نخلستانن، حوضن ۽ واهن ڪري سرسبز ۽ شاداب هو. شهر کي ٻٽي عالم پناهہ ڏنل هئي ۽ ڪيترين ئي ڪاٺ جون ماڙيون ۽ محلات نهيل هئا. شهر جي وچ ۾ ٻڌ ڌرم جو عظيم الشان مندر هو، منجهس گوتم ٻڌ جو وڏو بت (مجسمو) رکيل هو، جنهن جي ٻانهن ۾ سونا ڪنگڻ هوندا هئا. هٿيارن جا گدام هئا. گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ زمين دوز ناليون هيون. اروڙ پنهنجي باغن ۽ تفريح گاهن ڪري مشهور هو ۽ ملتان جيڏو وڏو شهر هو. راءِ گهراڻي جا راجائون انصاف پسند ۽ رعايا پرور هئا. ڪابل، چين، ڪشمير، پنجاب ۽ هندستان جو مال ٻيڙين وسيلي ديبل ڏانهن ويندي، هِتي لنگر انداز ٿيندو هو. حڪومت کي محصول مان وڏي آمدني هئي. شاهي خزانا دولت سان مالا مال هئا. راءِ گهراڻي جي راجائن جي حڪومت سڄي هندستان ۾ سياسي ۽ اقتصادي نقطءِ نظر کان مضبوط هئي. سنڌ جي راجائن جي راجپوتانا ۽ ڪشمير جي راجائن سان مائِٽي هئي.
** اسلام کان اڳ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي، جيڪا 137 سالَ هلي. هن گهراڻي جا پنج راجا ٿي گذريا آهن جن جو ٻڌ ڌرم سان واسطو هو. هنن مان پهريون راجا راءِ ڏيوائج هو. جن ڏينهن ۾ حضور صلعم جن مڪي کان مديني هجرت فرمائي تہ انهن ڏينهن ۾ اروڙ جو حاڪم راءِ سيهرس بن ساهسي هو. راجا راءِ سيهرس لاءِ چون ٿا تہ هو بيحد دولتمند ۽ اخلاق ۽ سيرت جي

اعتبار ڪان تمام نيڪ انسان هو. جنهن بابت ڪتاب تاريخ سنڌ ۾ اعجاز الحق قدوسي لکي ٿو ته، هن پنهنجي حڪومت کي چئن صوبن ۾ ورهائي هر هڪ تي صوبيدار مقرر ڪيو جيڪو گورنر سڏيو ويو ٿي. پاڻ راجا الور (اروڙ) ۾ ئي رهيو ٿي. راجا راءِ سيهرس ثاني جي فارس (هاڻوڪي ايران) جي حاڪم نمروز سان لڙائي ٿي، جنهن ۾ راءِ سيهرس کي ڳچيءَ ۾ تير لڳڻ ڪري مري ويو. هن بعد راءِ ساهسي ثاني سنڌ جو حاڪم ٿيو. هو بي اولاد هو. هن جي راڻي سونهندي (سونهن ديوي) نهايت حسين هئي. چچ نالي هڪ ڪشميري نوجوان برهمڻ جيڪو بيحد خوبصورت ۽ زبان جو چتر هو، هن کي چارئي ويد ياد هئا، وڏي وزير رام جي آفيس ۾ محرر مقرر ٿيو. گورنرن جا خط جيڪي دربار ۾ پهچندا هئا، سي هي وزير (رام) راجا کي پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ راجا جي حڪمن موجب انهن جا جواب لکي گورنرن ڏي روانا ڪندو هو. هڪ دفعي رام وزير موڪل تي ويو ۽ چچ کي هدايت ڪري ويو ته سندس غير حاضري ۾ ٻاهران آيل خط راجا کي احتياط سان پڙهي ٻڌائي ۽ راجا جي چوڻ مطابق انهن جا جواب ڏيان سان لکي روانا ڪري. وزير جي غير حاضري ۾ چچ شاهي محلات جي در تي پهتو ته ان وقت راڻي به موجود هئي. جيئن ته چچ برهمڻ هو ان ڪري راجا اهو ضرورر ي نه سمجهيو ته راڻي هن کان پڙدو ڪري ۽ چچ کي راڻي اڳيان روبرو گهرايو. هن ترتيب وار خط راجا اڳيان اهڙي موزون انداز سان پڙهي ٻڌايا جو راجا هن نوجوان برهمڻ جي لياقت جو قائل بنجي حڪم ڏنو ته آئيندي رام جي غير حاضري ۾ چچ ڪم هلائي. ليڪن راڻي برهمڻ نوجوان جي حسن کي ڏسي مٿس عاشق ٿي پئي. ڪجهه وقت ڳجهن راز و پيامن جو سلسلو جاري رهيو. آخر هڪ ڏينهن راجا بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهه ڏينهن علالت ۾ رهي انتقال ڪيو. راڻيءَ راجا جي موت کي لڪائي، چچ

سان واعدو ڪري راجا جي مائٽن ۽ اهلڪارن کي گهرائي سيني کي قيد ڪري مارائي ڇچ سان شادي ڪئي. راءِ گهراڻي جو راڄ ختم ٿيو ۽ برهمڻن جو راڄ شروع ٿيو. ڇچ 643ع کان 682ع تائين سياڻپ سان حڪومت ڪئي. جن جن راجائن ۽ قومن بغاوتون ڪيون تن کي مات ڪيائين. هر سال ملڪ جو دورو ڪري حالتن جو جائزو وٺي جوڳو انتظام ڪندو رهيو. حضرت عمر الفاروق رضہ جي ڏينهن ۾ عربن پوئين ساساني ايراني شهنشاهہ يزد گرد سوم کي شڪست ڏئي ايران تي قبضو ڪيو. هن موقعي تي ڇچ ايران کي هاٿين ۽ جنگي سامان جي امداد ڪئي. اهڙي طرح هو سياسي توازن قائم رکندو رهيو. سنڌ جا رهاڪو سهتا، لوهاڻا، لاکا ۽ جاٽ جيڪي ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا، سي ڇچ جي برهمڻ حڪومت جي خلاف هئا. هونئن بہ ڇچ جي برهمڻ حڪومت ٻڌن تي خاص ڪري لوهاڻا ۽ جاٽ قومن تي ڪجهہ سختيون مڙهيون هيون. جهڙوڪ: گهوڙي تي هني رکڻ کانسواءِ سواري ڪن. ريشمي ڪپڙن پائڻ کان پرهيز ڪن. ڇيلهہ سان ڪاٺ جي ترار ٻڌي نڪرن. ٻاهر نڪرڻ وقت ڪتو پاڻ سان کڻن. مندرن جي لنگر خانن کي ڪاٺيون پهچائين. مٿي تي پٽڪي رکڻ بدران رومال ٻڌن. حڪومت جي حفاظت ڪرڻ لاءِ جاسوسي ڪن.

ڇچ جي 682 ۾ وفات بعد هن جو ڀاءُ چندر تخت تي وينو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن 8 سال حڪومت ڪئي. جنهن بعد ڇچ جو وڏو پٽ ڏاهر سنڌ جو راجا ٿيو، جنهن جي ڏينهن ۾ عرب محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪري سنڌ فتح ڪئي. ان کان اڳ بہ عربن هن پاسي حملا ڪيا. خاص ڪري 644 ۾ جڏهن عربن ايران فتح ڪيو تہ هنن جا سپاهي مڪران تائين پهچي ويا ۽ مڪران ۽ بلوچستان جو اوپر وارو حصو عربن حوالي ٿي ويو، پر انهن ڏينهن جي خليفي حضرت عمر رضہ (644 ـ 634) کين سنڌو ندي

ڪان اڳتي وڌڻ کان روڪيو. پوءِ حضرت عثمان رضہ (656 ـ 644) جي ڏينهن ۾ عربن راءِ خاندان جي حڪومت جو اتراهون شهر قترابيل فتح ڪيو جيڪو 662 ۾ سنڌين وري حاصل ڪري ورتو. راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ دمشق تي بنو اميہ گهراڻي جو خليفو وليد بن عبدالمالڪ هو. سندس پاران حجاج بن يوسف ثقفي بصري جو حاڪم هو جنهن جي حڪم سان محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪيو. ان وقت محمد بن قاسم جي عمر 17 سال ٻڌائين ٿا. سکر (سنڌ ۽ پنجاب جي ڏاکڻي حصي سميت) اميہ خلافت جي ڪنٽرول ۾ اچي ويو.

** اروڙ راءِ گهراڻي (494ع کان 622ع) ۽ برهمڻ گهراڻي (622 کان 712ع) جي دور ۾ سنڌ سلطنت جو تختگاھ هيو. هي شهر سنڌ جو قديم تخت گاھ/ قلعو /بندر روهڙي ضلعي سکر کان پنج ميل پري ڏکڻ اوپر ۾ ٽڪريءَ تي نهيل هو. هي ماڳ اتر ’27°40 ۽ اوپر‘68° 50 ڊگرين ڦاڪ تي آهي. هن ماڳ جو دور پراچين تاريخ کان چوٿين صدي هجريءَ تائين آهي. ٻڌ ڌرم وارن جو هتي گهڻو زور هو. هتي ئي ان کان اڳ واري نئين پٿر جي دور جا آثار بہ ملن ٿا. ويدن واري زماني ۾ بہ هي شهر چڱو آباد هو.

** اروڙ تي چندر ونسي راجائن حڪومت ڪئي. جن ڪي راءِ گهراڻو سڏيو وڃي ٿو. چندر ونسي گهراڻي 1100 قبل مسيح ۾ بہ هن شهر تي حڪومت ڪئي. سڪندر جي ڪاھ وقت هتي جو راجا موسيڪانوس هو. راءِ ساهسي جي وقت ۾ نيمروز ايرانيءَ ڪاهيو. هي هڪ وڏو بندرگاھ هو، جنهن ڪي مضبوط حصار ڏنل هو. عربن جي وقت بہ هي شهر اوج تي هو. عربن جي وقت ۾ توڙي جو هي شهر تختگاھ نہ رهيو، پر وڏو بندرگاھ ضرور هو. هي سنڌوءَ جي هاڪڙي ڪپ تي ٻڌل هو. چوٿين صدي عيسويءَ ۾ هاڪڙي جي

رخ مٽائڻ ڪري هي بندر ڦٽڻ لڳو. هاڻي هي بندر، تختگاهه، قلعو، هڪ ننڍي ڳوٺ جي صورت ۾ موجود آهي. اروڙ ماضيءَ جو بهشت برين هو، جنهن جي ساراهه ابن خردازبه، مسعوديءَ، ابن حوقل ۽ ٻين تاريخ نويسن به ڪئي آهي.

** اروڙ سنڌ جي هن قديم تختگاهه ڪي سنڌي ڳوناٽن. ڪن روايتن ۽ تاريخن اروڙ سڏيو آهي، جو ستين صدي عيسويءَ ۾ برهمڻن جي راڄڌاني هو. هيءَ ڳالهه تحقيق طلب آهي ته اروڙ جو پايو ڪڏهن پيو؟ پر جيئن ته مسلمانن جي آمد (96هه: 811ع) بعد به هي شهر هڪ- ٻن صدين لاءِ آباد رهيو، سو هي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهو شهر ڇهن صدين جي عرصي لاءِ هن فاني دنيا جي پردهءِ سمين تي وجود ۾ رهيو، ۽ سندس بناءَ هڪ سؤ ۽ ٻن سؤ عيسوي سنن جي وچ ۾ ٿي هوندي. تختگاهه اروڙ بابت ڇچنامه جو بيان هن طرح آهي ته: ”هن شهر ۾ هر ڪنهن قسم جون شاهاڻيون محلاتون، ٽنيا، باغ، چشما،نهرون، پارڪ ۽ وڻ هئا، ۽ مهراڻ جي ڪناري تي واقع هو. تاريخ معصومي مطابق:اروڙ مهراڻ نديءَ جي ڪناري تي هڪ نهايت وڏو شهر هو، جنهن ۾ بلند عمارتون، مضبوط محلاتون، ميويدار وڻن سان ڀريل باغ ۽ تمدن ۽ شهرت جو اهو سڀ سامان موجود هو، جنهن جي مقيم، خواه مسافر ڪي خواهش ٿي سگهي ٿي.[12]

** هيءُ قديم شهر هندو راجائن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ منجهس وڏو ڪوٽ هو. راجا ڏاهر انهيءَ ۾ رهندو هو ۽ محمد قاسم به انهي ڪي گهيرو ڪري ورتو. پوءِ اتي ابو عاف بن قيس اسديءَ کي حاڪم مقرر ڪيائين ۽ پاڻ ملتان ويو ۽ اتان پوءِ قنوج ڏي ٿي ويو، پر حڪم ملڻ تي بغداد ڏي موٽيو. بني اُميه خليفن جي وقت ۾ هندو راجا دلو راءِ اروڙ جو حاڪم هو، ۽ اروڙ کي دلوُر به سڏيندا هئا. اُهو ڏاڍو ظالم هو ۽ انهيءَ جي ڏينهن ۾

شهر غرق ٿيو ۽ ناس ٿيو. ڄام فتح خان سمي جي ڏينهن ۾ جڏهن مرزا پير محمد بکر جي ماڻهن کي سزا ڏيڻ لاءِ آيو، تڏهن اتي جي سيد ابوالغيث جي منت آزيءَ تي ماڻهن کي معافي ڏنائين ۽ اروڙ جو پرڳڻو(صوبو) سيد کي جاگير ڪري ڏنائين. جڏهن مرزا شاهه بيگ سکر ورتو ۽ اتي جو قلعو جوڙائڻ لڳو، تڏهن اروڙ جي ڪوٽ جون سرون ڪٽائي انهيءَ ڪم ۾ آندائين. وري سنه 930هه (سنه 1523ع) ۾ سلطان محمود خان مبارڪ خان کي اروڙ جو حاڪم مقرر ڪيو، جو اڳي ماٿيلي جو حاڪم هو.[13]

** عربن جي سنڌ تي ڪاهه وقت اروڙ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، محمد بن قاسم اروڙ قلعي جو گهيرو ڪيو، ۽ شهر جي معززين سان علافي جي معرفت ڳالهيون ڪيون، ان وقت اروڙ جي هڪ مندر ۾ هڪڙي سوار جو بت (مجسمو) رکيل هئو، جيڪو سچو جواهرن سان جڙيل هو، شهر جي ٻاهران محمد بن قاسم لشڪر سميت گهيرو ڪيو ته شهر واسين سندس آڏ مڃڻ لاء جيڪي شرط رکيا انهن ۾ هن بت جي سلامتيجو به شرط رکيو ويو هو جيڪو محمد بن قاسم مڃيو ۽ ان کان پوءِ قلعي جا دروازا کوليا ويا.[14]

** عرب جاگرافي نويس اروڙ کي ”الرور“ ڏيکاريو آهي، جنهن ۾ ”ال“ عربي علت آهي ته باقي ”رور“ وجي بچندو. اروڙ پوءِ ”روهڙيءَ“ جي نالي سان سڏيو ويو. عربن هن شهر کي ”لوهري“ به ڄاڻايو آهي. قديم هندستان ڪتابن ۾ هن شهر کي اروڙ پورا، روڙ نگرا سڏيو ويو آهي. يوناني جاگرافي دانن جي دستاويزن ۾ هن شهر کي ”موسيڪانوس“ به لکيو آهي.

** عرب جغرافيدانن اروڙ کي ”الرور“ ڏيکاريو آهي. جيڪڏهن ال عربي علت آهي ته باقي رور وجي بچندو. هن مان اندازو لڳايو ويو آهي ته اروڙ جي باشندن رڙهي اچي نئون ”رور“ آباد ڪيو، جنهن کي ”الرور“ نالو ڏنو ويو، ۽ بعد ۾ روهڙيءَ جي نالي سان معروف

ٿيو. عربن هن کي لوهري به ڄاڻايو آهي. نديءَ جي وهڪري مَٽائڻ بعد به پراڻي پيٽ ۾ پاڻي رهيو، ان ڪري اروڙ جي اردگرد بستيون آباد رهيون. هڪ سجد جا آثار آهن، جا غازي محمد بن قاسم ڏانهن منسوب ڪئي وڃي ٿي. هندستان جي قديم آثار وارن ۽ ڊاڪٽر سورلي هن مسجد کي اورنگزيب عالمگير جي نالي منسوب ڪيو آهي، پر هي صحيح نه آهي. اتي ٻن بزرگن جون مزارون به آهن. هڪ شاهه شڪر گنج، لعل شهباز قلندر جي معاصر جي، ۽ ٻي حضرت مخدوم جهانيان جي مريد، شيخ مخدوم قطب جي. هن شيخ صاحب جي ويجهو ٻي ننڍي مسجد نهيل آهي، جا شايد اورنگزيب عالمگير جي جوڙايل هجي. ان کان سواءِ هندن جي ڪالنڪا ديويءَ جو وڏو مندر به آهي.

** ڊاڪٽر سورلي پنهنجي شهره آفاق گزيٽيئر ۾ ٿامس پيننٽ جي قديم هندستان جي نقشي 1798ع ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌو نديءَ کي هماليه جبل مان نڪري، ستلج جي اُيرندي کان وهي، هيٺ عمر ڪوٽ کي عبور ڪري، ڪڇ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. اتي هن کي گهاگهر ندي سڏيو ويو وڃي ٿو، جا ڊاڪٽر جي راءِ مطابق هاڪڙا لفظ جي بگڙيل صورت آهي. اروڙ واريءَ پراڻي نديءَ کي هاڪڙا جي نالي سان سڏجي ٿو. ڪافي وقت گذرڻ بعد هيءَ ندي هڪ نارو ٿي وهي، ۽ سنڌو نديءَ جي اٿل جو پاڻي ان ذريعي پراڻي ڊوري ۾ پوندو هو ۽ ڪوري ڇوڙ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو. اروڙ جا ڪنڊرات روهڙيءَ کان پنج ميل پَري ڏکڻ اوبر طرف، ايرندي ناري، نارو واهه يا هاڪڙو درياهه جي پيٽ مٿان آهن.

** اروڙ جا قديم آثار- عربن جي فتح وقت اروڙ راجا ڏاهر جي مهاراڄڌاني هو. عربن پنهنجي گادي منصوره ۾ شروع ڪئي، ته به اروڙ هندن جي حڪومتگاهه جي صورت ۾ ٻن صدين کان وڌيڪ

رهيو ۽ پوءِ ناپيد ٿيو. هن جي ناس ٿيڻ جي حڪايت برهمڻ آباد جي راجا دلوراءِ جي ڏاڍ سان لاڳاپيل آهي. پر ان ۾ ايتري حقيقت نہ آهي، ڇو تہ انين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاريءَ جڏهن سنڌو نديءَ پنهنجو وهڪرو ڦيرايو تہ هي شهر اجڙي ويو. نديءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو 341هہ : 962ع ڌاري آيو، جڏهن سنڌ ۾ هڪ وڏو زلزلو آيو ۽ ڌرتي ڏُبي هئي.

** تحفتہ الڪرام مطابق، هندو راجائن اروڙ ۾ 130 سال حڪومت ڪئي. ان وقت تائين، جڏهن ڇچ، برهمڻ ۽ اروڙ جو رهواسي، جو راءِ سهاسي ٻئي وٽ نوڪريءَ ۾ گهڙيو، ۽ هُشياري سبب سندس وزير بنيو، ۽ راجا جي مهاراڻيءَ سُهاندي (سونهن ديوي) جي زلفن جي پيچ ۾ ڦاٿو ۽ راجا کي قتل ڪرايو، بعد ۾ پاڻ زوريءَ اروڙ جو حاڪم بنيو. "تحفتہ الڪرام" مطابق، هي 1ھ : 622ع جو سمو هو. ڇچ نامو ۾ سنڌ جي قديم تاريخ جو احوال ان وقت کان وٺي هندو حڪومت جي زوال تائين آهي.

** جنت السنڌ مطابق- الور سنڌ جي قديم تختگاھ، روهڙيءَ کان ستن ميلن جي مفاصلي تي، مهراڻ جي هڪڙيءَ شاخ جي اولهندي ڪپ تي، هڪ وسيع شهر هو، جو قدامت جي لحاظ کان آرياورت جي قديم شهرن هستناپور، اندر پرسا (دهلي) ۽ پتاليپترا (پاٽنا) جو ثاني هو. يوناني جاگرافي دانن مٿس 'موسيڪانوس' نالو رکيو هو. سندس پروارين ٽڪرين ۾ سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون هيون. هوئن تسانگ شهر کي 'پيشان پوپولو' ۽ جنرل اليگزينڊر ڪننگهام 'رور پورا' (رورانگر) جي نالن سان لکن ٿا.[15] هن شهر کي چؤطرف مضبوط عالم پناه ڏنل هئي ۽ باغات ۽ محلاتن ڪري مشهور هو. شهر جي وچ ۾ بڌ جو مشهور مندر هو. عرب سياح ۽ جاگرافي دان پنهنجي پنهنجي لهجي ۾ هن شهر جا جدا جدا نالا

لکن ٿا: مثلا: مسعودي، جنهن هن شهر کي 942ع ۾ مهراڻ جي اوڀرندي واريءَ شاخ تي ڏٺو هو، سو ’الرور‘ لکي ٿو. ابن خردازبہ سنہ 250هہ ڌاري ’رور‘ سڏيس ٿو: ابن حوقل واري نقشي ۾ سندس نالو ’الرور‘ ڏنل آهي، سيوطي پنهنجي ڪتاب ’مراصدالاطلاع‘ ۾ هن کي اهو ساڳيو نالو ڏنو آهي. شريف ادريسي، مشهور جاگرافي دان، سنہ 560هہ (1165ع) ۾ الور کي ’رور‘ لکي ٿو. هن شهر جو هندي نالو ’اروڙ‘ آهي. چاڪاڻ جو هتي جا راجائون اروڙ ونسي خاندان مان هئا. مهراڻ جي شاخ جي متجڻ کان پوءِ هي شهر، جو ڪنهن وقت واپار ڪري ديسان ديس مشهور هو، ان جو زوال شروع ٿي ويو، اڄ سندس ڪنڊر هن شهر جي عظمت جي شاهدي ڏين ٿا.

** نديءَ جي پيٽ ۾، اروڙ جي پر ۾، بہ پٿر ڏسجن ٿا، جي شايد مهراڻ جي قديم وهڪري جا نشان ڏيکارين ٿا. جيتوڻيڪ اروڙ صدين تائين هندو راجائن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو، پر اُتي هندو صنعت ۽ ڪاريگريءَ جا اهڃاڻ بلڪل ڪين ٿا ملن.

** عربن سنڌ تي محمد بن قاسم اڳواڻي ۾ حملو ڪري اروڙ تي 711ع قبضو ڪيو، ۽ ان کان پوءِ اُتي ابو عاف بن قيس اسدي کي حاڪم مقرر ڪيائين. ڄام فتح خان سمي جي ڏينهن ۾، مرزا پير محمد بکر جي ماڻهن کي سزا ڏيڻ لاءِ آيو، تڏهن اتي جي هڪ سيد ابوالغيث جي منٿ آزيءَ تي ماڻهن کي معافي ڏنائين ۽ اروڙ جو پرڳڻو سيد صاحب کي جاگير طور ڏنائين. جڏهن مرزا شاهہ بيگ سکر تي قبضو ڪيو  اتي بکر جي قلعي کي اونچو ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ اروڙ جي ڪوٽ جون سرون ڪٽائي انهيءَ ڪم ۾ آندائين. وري سن 930هہ: 1523ع ۾ سلطان محمود بکري مبارڪ خان کي اروڙ جو حاڪم مقرر ڪيو، جو اڳ ماٿيلي جو حاڪم هو.

** اروڙ جي باري ۾ سفرياتي رپورٽون.

مسٽر اين. جي. مجمدر، سال 1929 - 1930ع جي قديم آثارن جي رپورٽ (Explorations in Sindh) ۾ لکيو آهي: ”اروڙ جي اتر- اولهه پاسي، ڏاکڙيو روڊ تي، ننڍڙن دڙن جو جهڳٽو آهي، جنهن کي ”ڳڙهي گور“ سڏين ٿا. انهن جي اوچائي انهن فوٽن کان مٿي نه آهي. جڏهن هڪ دڙي کي کوٽيو ويو ته ان مان ستينءَ يا اٺينءَ صديءَ جي سمي جون ڪيئين منقش سرون نظر آيون، جن هن حقيقت جي ترجماني ڪئي ته عربن کان اڳ اروڙ ۾ هندو حڪومت رائج هئي. روهڙيءَ جي ڏکڻ ۾، ساڍن ٽن ميلن جي مفاصلي تي هاڪڙي جو ڳوٺ آهي، جنهن جي ۽ اروڙ جي وچ ۾ ناري کي پيارڻ لاءِ ڪاري آهي.

** 1855ع ۾، ڪيپٽن ڪربي هن ناري کي کوٽيندي لکيو آهي ”وڏي ناري کي کوٽيندي اسان کي سرن جي ڪم جو وڏو مقدار نظر آيو ۽ ڏهن فوٽن جي سطح هيٺان گهٽن گهرن جي بنياد جا آثار نظر آيا. انهن قتل آثارن مان ٺڪر جي نموني نموني جو سامان نظر آيو، جنهن ۾ پاٽي پيئڻ جا پيالا، ڪجيون، پاٽي لاءِ پاٽيون ۽ ٻارن جا رانديڪا هئا. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي جو اجا به ڪنهن ويجهيءَ چڪ ۾ اهڙي کوٽائي ٿئي جا ڪنهن قديم اوائلي تواريخي بينڪ جو نمونو پيش ڪري.

** ڊاڪٽر سورلي به 1956ع ۾ اروڙ ويو ڊاڪٽر سورلي اروڙ ۾ ور وڪڙ ڏنگا دڙا ڏٺا، جن ۾ برتنن جا بيشمار ذرا ۽ ڪي ٽامي جا سڪا مليا. پاڪستان جي قديم آثارن واري کاتي اروڙ جي باري ۾ پنهنجي 1964ع جي شماري ۾ هيئن لکيو آهي. ”قديم منارو ۽ اروڙ جا آثار روهڙي شهر جي ڏکڻ - اوڀر، ڇئن ميلن تي، سنڌو نديءَ جي اپرندي ڪناري پسجن ٿا. اهي ديبل، نيرون، منصوره، محفوظ وغيره وانگر اسلامي سرزمين جو منظر ڏيکارين ٿا، جو عربن اٺين صدي عيسويءَ ۾ قائم ڪيو. سرزمين کي خزاني جي

مهوسين ۾ مٽيءَ جي ڪوٽيندڙن ڏاڍو ولوڙي ڇڏيو آهي، ۾ هر هنڌ کڏون آهن، جن مان سڙيل سرون پسجڻ ۾ پيون اچن. اهو بنياد، جنهن تي مسلمانن پنهنجو شهر ٺاهيو، سو ڪچين سرن جو ٺهيل آهي ۾ ان جو گارو ٺڪرن جي ذرن ۾ پين شين جو ٺهيل آهي. جو اسلامي دور جو مواد هٿ ڪيو يو آهي سو پنيور جي اوائلي اسلامي سطح سان برابري ڪري ٿو.

** اروڙ وٽان سنڌو درياهه تي بند چوٿين صدي هجريءَ ۾ سنڌو درياهه، هاڪڙي وٽان وهندو هئو. جڏهن اروڙ وٽان مٿس بنڌ ٻڌائون تہ رخ مٽائي ويو. هاڪڙي واري پاسي بدران، ٺٽي واري پاسي ڏانهن وهڻ لڳو. درياهه جي رخ مٽائڻ سبب درياهه جي پاڻيءَ تي ٽيندڙ سموريون رونقون اوڏانهن ڦري ويون. خاص طور تي بهه، مڇي ۾ لوڙهه وغيره ٺٽي طرف ٽيڻ لڳا. اڳي اهي اروڙ وارن وٽان ڪين تحفي طور ملندا هيا، جنهنڪري موٽ ۾ پاڻ بہ اروڙ وارن جي مزماني ڪندا هيا. ان ڪري ماموئين هن بيت اندر پيشن گوئيءَ طور چيو آهي تہ، شال اروڙ جو بند ٽٽندو ۾ درياءُ وري هاڪڙي واري پاسي ڏانهن سير ڪري وهندو. پوءِ ٺٽي واري پاسي، جتي سمن جي حڪومت آهي، پاڻي نہ وڃڻ سبب بهه، مڇي ۾ لوڙهه نہ ٽيندا، جيڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪين وري هاڪڙي وارن ڏانهن، واجهائڻو پوندو ۾ لاڳاپا وڌائڻا پوندا.[16]

** اڄ تائين راءِ گهراڻي جا پونئير پاڻ کي اروڙ ونسي سڏائيندڙ موجود آهن، جن بابت ڪتاب ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ ۾ لکيل آهي تہ عربن جي ڪاهه وقت اتي اروڙ ونسين ۾ ياچ پئي، ڪجهه وقت ڪان پوءِ ٿورا موٽي اچي آباد ٿيا، سندن ونش وارا وري زلزلي سبب شهر جي اجڙڻ ڪري اتان لڏي ويا، جن مان گهڻا اڄ تائين بهاولپور ۾ ان جي پريان سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ۾ پنجاب جي پنجن ئي ندين جي ٻنهي ڪنارن تي پنهنجا ماڳ جوڙي وينا

آهن. انهيءَ مان ائين سمجهجي ٿو تہ الور ۾ جڏهن لڏ پلاڻ ٿي تڏهن اتان جا ڪيترائي رهاڪو، ٻيڙين ۾ چڙهي نڪتا، پوءِ جن ڪي جتي بهتر لڳو اتي آباد ٿيا، هن وقت تائين اهي وڏي ويجهي اٽڪل پندرهن لک ٿيا آهن. منجهائن گهڻا گروءَ جا سک، ۽ ٿورا آريا سماجي، برهمو سماجي ۽ ديو سماجي آهن، پر سڀ اڄ تائين پاڻ کي ”اروڙونسي“ يعني اروڙ جي رهاڪن جو اولاد سڏائين ٿا. ڪي راجپوتانا ويا، ڪي سنڌ ڏي موٽيا ۽ شڪارپور کان قلات طرف ويا. وڌيڪ حقيقتون ۽ تفصيل اردو ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب ”تواريخ اروڙ ونسي“ ۾ موجود آهن، جنهن موجب شربيت لالا رامچند وڪيل، لاهور ۽ مهتا ٽيڪچند بجاج وڪيل، چيف ڪورٽ ملتان جي اهي ٻئي صاحب پاڻ بہ اروڙ ونسي آهن.

** اوائلي آريا دور کان اروڙ شهر جي آسودگي جي شاندار تاريخ ملي ٿي، ۽ محمد بن قاسم جي سنڌ تي ڪاهہ وقت بہ اروڙ سنڌ جي گادي جو هنڌ هئو، جنهن مان عربن کي وڏو خزانو مليو. عربن بہ پنهنجي دور ۾ ڪافي سال هن شهر کي گادي جو هنڌ رکيو ۽ پوءِ برهمڻ آباد پرسان منصوره شهر آباد ڪري، ان کي گاديءَ جو هنڌ بڻايائون، راءِ گهراڻي جي راجائن ۽ برهمڻن گهراڻي جي حڪومتن دوران هي شاندار شهر پنهنجي عروج ۾ هئو افسوس جو هيڏي وڏي شاندار ۽ پراڻي تاريخ رکندڙ شهر هن وقت نہ صرف سرزمين تان متجي ويو آهي، ليڪن ان جي مضبوط ٻني قلعي جا ڪي آثار بہ نہ ٿا ملن، ۽ نہ وري هن جي قلعي جي پکيڙ بابت ڪا ڄاڻ ملي ٿي. تاريخدانن ۽ محققن هن شهر جي عروج ۽ زوال جي تاريخ کي اڳتي وڌائيندا رهيا آهن، ليڪن هن قلعي جي بيهڪ ڪيئن هئي، ڪيتري اراضي تي نهيل هو، هن قلعي جا ڪيترا دروازا هئا ۽ ڪيترا مورچا هئا، سندن اڏاوت ڪيئن هئي ۽ اونچائي ڪيتري هئي، ان جي ڪا خبر پئجي نہ ٿي سگهي. مون کي خاص افسوس آهي تہ آرڪيالاجي جي ماهر محترم اشتياق انصاري صاحب کي

سنڌ جي ڪوٽ ۽ قلعن جي تحقيق ۽ سروي لاءِ سرڪاري طور تي پراجيڪٽ مليو هو، جنهن ۾ هن سيني ڪوٽن ۽ قلعن جا تفصيل پنهنجي ڪتابن ۾ لکيا آهن، پر اروڙ بابت پراڻن تاريخي ڪتابن جي لکيل مواد کي ئي ورجايو ويو آهي. اشتياق صاحب هن قلعي بابت پنهنجي تحقيق موجب ڪا به سروري نه لکي آهي. جنهن ڪري قلعي جي ايراضي مورچن جو تعداد ۽ بناوٽ وغيره بابت ڪا به ڄاڻ نه ٿي ملي.

حڪومت کي اپيل ٿي ڪجي ته هن شهر اروڙ ۽ ان جي قلعي بابت جديد تحقيق ڪرائي وڃي ۽ سنڌ جي هن تاريخي ماڳ تي ڪو ميوزم قائم ڪري هن جا انگ اکر گڏ ڪري اتي رکيا وڃن، ته جيئن تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهن کي هن تاريخي شهر ۽ قلعي بابت پوري ڄاڻ ملي سگهي.

---------

روزاني يڪتا 29 نومبر 2019ع

**حوالا-**

(1)- ”جنت السنڌ“ صفحو 76، رحيمداد خان مولائي شيدائي.
(2)- ”جنت السنڌ“ صفحو 78، رحيمداد خان مولائي شيدائي.
(3)- ”سنڌ عرب دور“ صفحو 746، ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ.
(4)- ”جنت السنڌ“ صفحو 77، رحيمداد خان مولائي شيدائي.
(5)- ”مهاڀارت“ انگريزي ترجمو (پي. سي. راءِ) جلد 02، صفحو 562.
(6)- ”دي اننلس ائنڊ ائنٽيڪئيٽز آف راجستان“ (جي. ٽاڊ) جلد پهريون، صفحو 61.
(7)- ”جنت السنڌ“، مولائي شيدائي صفحو 71.
(8)- ”دي ائنلس ائنڊ ائنٽيڪئيٽز آف راجستان“ (جي. ٽاڊ) جلد 01، صفحو 61.

(9)- ”ايشيئٽڪ ريسرچ“ (سر ڊبليو. جونس) **جلد** 02، **صفحو** 128.
(10)- ”تاريخ تمدن سنڌ“، رحيمداد طان مولائي شيدائي، **صفحو** 73.
(11)- ”پراچين سنڌو سڀيتا جو نظارو“ دوار ڪا داس رو جيرام، **صفحو** 101.
(12)- ”تاريخ مَعصُومي“، مير محمد معصوم بکري، ايڊيشن ٽيون 2006ع، ڇپائيندڙ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
(13)- ”قديم سنڌ- ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“ مرزا قليچ بيگ، ايڊيشن: چوٿون 1999ع، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
(14)- ”جنت السنڌ“، صفحو 74، رحيمداد خان مولائي شيدائي.
(15)- ”جنت السنڌ“ باب ٻيون، رحيمداد خان مولائي شيدائي.
(16)- ”ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون“ انجنيئر عبدالوهاب سهتو.



# ڪالڪا مندر

اسين اروڙ جا آثار ڏسڻ کان پوءِ ڪالڪا مندر پهتاسين. ڪچي ٽٽل ڦٽل رستي تي تقريبن 3 ڪلوميٽر پنڌ ڪيوسين تہ هن مک رستي جي ساڄي هٿ تي هڪ ٻيو رستو آهي، جنهن تي مڙندي ئي کٻي هٿ تي ڪالڪا ماتا جو تاريخي مندر آهي. مندر هڪ اونچي ٽڪريءَ تي آهي. ٻاهرين وڏي دروازي کان اندر احاطي ۾ گاڏي بيهاري پڪي ۽ ڪشادين ڏاڪڻين تي چڙهي مٿي مندر تي پهتاسين، ڏاڪڻين جي ٻنهي پاسن کان رهائش ۽ پوڄاپاٺ لاءِ وڏا وڏا حال ۽ عمارتون ٺهيل آهن، ڏاڪڻين جي ختم ٿيڻ کان پوءِ مندر جو وڏو صحن آهي، صحن جي ٻنهي پاسن کان بہ رهائشي وڏا حال آهن ۽ هڪ وڏو ڪليل دالان ياترين جي کاڌي خوراڪ لاءِ مخصوص آهي، ۽ آخري ڇيڙي تي اصل مندر هڪ غار اندر آهي، جنهن جي ٻاهران بہ هڪ وڏو حال ٺهيل آهي جتي مندر جا رکوالا ۽ پوڄاري وينا هئا. جن اتي اچي اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو، مون ساڻن پنهنجو پياري سليم مهر ۽ ايڊووڪيٽ رفيق چاچڙ جو تعارف

ڪرايو ۽ ٻڌايوسين تہ اسان هن تاريخي مندر جي معلومات ڄاڻڻ چاهيون ٿا. مندر جي برهمڻ چيو تہ اڄو پهريان اوهان کي اصل مندر ۾ ڪالڪا ماتا جو درشن ڪرايان، پوءِ اڄي ڪچهري ڪيون ٿا، هن مندر جو اندريو دروازو ڪوليو ۽ اسين سندس پويان غار اندر مندر ۾ داخل ٿياسين، اندر هڪ وڏو ۽ ڪشادو غار هئو جنهن ۾ داخل ٿيندي ئي سامهون تقريبن 20 فوٽن جي مفاصلي تي ڪالڪا ماتا جي اصل قدرتي مورت جيڪا قدرتي پٿر تي نمودار ٿيل هئي ان جو درشن ڪيوسين، اندر ڪٻي هٿ تي غار اندر هڪ ٻي قدرتي راهداري هئي جنهن جي ٻنهي پاسن کان ديوين ۽ ديوتائن جون مورتيون سجايل آهن، هي هڪ وڏو غار آهي ۽ اندر روشني لاءِ بجليءَ جو سنو انتظام ٿيل آهي، برهمڻ اسان کي غار جي راهداريءَ جي آخر ۾ وٺي ويو، جتي هڪ گول سوراخ نما ٻيو غار ڏيکاريائين ۽ ٻڌايائين تہ هي سرنگهہ آهي، جيڪا هتان کان سيوڻ ۽ پوءِ هنگلاج تائين پهچندي هئي. جنهن رستي ڏکين ڏينهن ۾ پوڄاري محفوظ سفر ڪندا هئا، هاڻي هيءَ سرنگهہ لٽجي بند ٿي ويئي آهي. مون کي ياد آيو تہ اهڙي ئي هڪ سرنگهہ مون مڪليءَ جي شنگهہ پواني مندر پرسان بہ ڏٺي آهي، جنهن لاءِ بہ چيو ويندو آهي تہ هي سرنگهہ پڻ هنگلاج تائين هوندي هئي، جيڪا پڻ هاڻي بند ٿي ويئي آهي ۽ مون پڙهيو آهي، تہ اهڙي قسم جون خفيہ سرنگهون وڏي محنتن ۽ خرچ سان ٺهرايون ويندڀون هيون تہ جيئن مخالف مذهبن جي حڪومت هوندي بہ پنهنجي تحريڪن کي جاري رکڻ لاءِ محفوظ سفر ڪري سگهجي. اسين برهمڻ سان گڏ غار کان ٻاهر آياسين ۽ حال ۾ اڄي ويٺاسين، هن اسان کي ٻڌايو تہ هي مندر قدرتي طور ٽڪريءَ جي هيٺان تعمير ٿيل آهي. اصل مندر تہ غار ۾ قائم ٿيل آهي. برهمڻ جو چوڻ هو تہ ڪيترا ئي لک سال اڳ ۾ ڪالڪا ديوي هن جاءِ تي ڪنهن ديوتا جي حڪم تي هڪ ظالم ۽ شيطان صفت وجود کي

شڪست ڏني ۽ ان وقت جي ماڻهن کي ظلم ۽ جبر کان آزادي ڏياري هئي، انڪري هتي سندس پوڄا لاءِ مندر آباد ٿي ويو.

مون برهمڻ کان پڇيو ته سائين آءٌ مڪليءَ جي شنگهه ڀواني مندر به ويو آهيان، ۽ اسان دوستن ۾ هڪ بحث هتي ايندي ٿيو آهي، جنهن ۾ منهنجو رايو آهي ته ڪالي ماتا، ڪالڪا ۽ شنگهه ڀواني ماتا هڪ ئي ديوي جا نالا آهن، جڏهن ته سليم مهر صاحب جي راءِ آهي ته اهي الڳ الڳ ديويون آهن. اوهان اسان کي ان بابت ٻڌايو ته حقيقت ڇا آهي پوڄاريءَ جواب ڏنو ته اصل ۾ هڪ ئي ماتا جا هي ست روپ آهن، ماتا هڪ آهي، جيڪا مختلف علائقن ۽ مختلف وقتن ۾ مختلف نالن سان سڏي وڃي ٿي ۽ سندس پوڄا ڪئي وڃي ٿي، هن جا نالا ماتا ديوي، ديوي ماں، مها ڪالي، ڪالي ماں، ڪالي ماتا، ڪاليڪا، ماتا شنگهه ڀواني به آهن، ۽ اسان جي ڌرم جو سڀ کان وڏو ديوتا شِو ديوتا کي مڃيو وڃي ٿو، جيڪو ڪالي ماتا جو مڙس هئو، هنن کي وڏو ديوتا ۽ وڏي ديوي مڃيو وڃي ٿو. پوڄاريءَ ٻڌايو ته هن مندر تي نوراتڙيءَ ۾ وڏو ميلو لڳي ٿو ۽ ديوي کي هزارين ناريلن جي ڀيٽا ڏني ويندي آهي. هتي ماتا شنگهه ڀواني مندر (مڪليءَ) جو ذڪر به ڪندو هلان ته ڪراچيءَ کان ٺٽي ويندڙ رستو جڏهن مڪليءَ جي ٽڪريءَ تان هيٺ ٺٽي شهر ڏي لهي ٿو ته بلڪل اُن هنڌ سڄي هٿ تي هي مندر آهي. هيءُ مندر هندو ڌرم جو وڏو ۽ قديمي مندر آهي. هن مندر جو اصل نالو ”ماتا شنگهه ڀواني مندر“ آهي. ماتا شنگهه ڀواني جيڪا ڪالي ديويءَ ۽ ڪالي ماتا جي نالي سان به مشُهور آهي. هن مندر ۾ به ماتا شنگهه ڀوانيءَ جي قُدرتي مورتي آهي، جنهن ڪري هيءُ مندر قديمي دور کان هندو ڌرم جو هڪ اهم زيارت گاهه آهي. هتي ڀري ڀري کان زيارتي اچن ٿا. هن مندر جي هڪ ٻي به خاص اهميت آهي ته هنگلاج وڃڻ وارا ياتري هن مندر تي پهچي پوءِ هتان پنهنجي ڌرمي ياترائن لاءِ پنهنجو سفر شروع ڪن ٿا. سڄي برصغير خاص ڪري رڻ ڪڇ ۽ راجستان کان هنگلاج لاءِ وڃڻ وارا ياتري پهرين

هن مندر تي پهچندا آهن. هتي قُدرتي مورتيءَ کان سواءِ ڪالي ماتا ديوي ۽ هندو ڌرم جي ٻين اهم اوتارن ۽ ديوتائن جون مورتيون به رکيل آهن ۽ هيءُ مندر ڪالڪا جي مندر طور به مشهور آهي. هن مندر جي پر سان هڪ غار به آهي. جنهن لاء مُختلف وقتن جون مُختلف ڏند ڪَٿائون موُجود آهن. هن غار لاءِ چيو وڃي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي هن غار ۾ اندر داخل ٿيو ۽ سڌو وڃي هنگلاج نڪتو. اهڙيءَ طرح جون ڏند ڪٿائون ڀٽائي صاحب کان اڳ جي هندو سامين ۽ ساڌوئن لاءِ به مشُهور آهن. رحيمداد خان مولائي شيدائي اروڙ جي ڪالڪا مندر بابت لکي ٿو ته عربن جي ڪاهه وقت اروڙ سنڌ سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ هئو، ۽ هي مندر تمام وڏو مندر هئو، هتي هڪ سوار جو مجسمو رکيل هئو. جيڪو سڄو هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل هئو ۽ شهر وارن محمد بن قاسم سان آڻ مڃڻ لاءِ جيڪي شرط رکيا هئا انهن ۾ هڪ شرط هن بت جي سلامتيءَ لاءِ به هئو، جيڪو محمد بن قاسن سين شرطن سميت قبول ڪيو هئو ۽ پوءِ اروڙجي قلعي جا دروازا سندس لاءِ ڪوليا ويا هئا.[1]

مندر جي مک پوڄاريءَ سان اسان جي جيڪا ڪچهري ٿي ان ۾ هن اسان کي هندومت ۽ ڪالي ماتا بابت ڪافي ڄاڻ ڏني باقي مندر يا اروڙ جي قلعي بابت ڪا تاريخي ڄاڻ هن کي به نه هئي ۽ نه وري اروڙ جي آثارن بابت ڪا هن کي خاص خبر هئي. هن مذهب بابت پنهنجي وڏڙ کان ٻڌل ڳالهيون ئي ٻڌائيون، اسان هن کان موڪلائي مندر کان ٻاهر نڪتا سين، مندر ننڍي ٽڪريءَ تي آهي جنهن جي پويان وڏو پهاڙ نظر اچي ٿو ۽ آسپاس ننڍيون وڏيون ٽڪريون آهن، جن سين جي وچ ۾ هي مندر پري کان تمام خوبصورت منظر پيش ڪري رهيو آهي. خاص طور مندر پويان وڏي پهاڙ جو سين کان منفرد حسين نظارو آهي، مندر جي سامهون به پهاڙ آهي جنهن جي دامن ۾ سرڪاري اسڪول قائم آهي.

**حوالا:** "جنت السنڌ"، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 74.



## مومل جي ماڙي

سال 2018ع نومبر جي مهيني ۾ سکر جي تاريخي ماڳن ڪي ڏسڻ لاءِ ويس تہ هڪ ڏينهن تاريخ 15 جي صبح تي مانوارو دوست آغا غلام نبي مون کي ”الفرقان ليبرري“ تي وٺي هليو، جيڪا محترم فقير امان الله ماڪا پنهنجي مدد پاڻ تحت قائم ڪئي آهي. هتي مختلف قسمن جا سوين قرآن شريف- تفصير ۽ ترجما موجود آهن ۽ ديني تعليم سائنسي انداز ۾ مفت ڏني وڃي ٿي. فقير امان الله ماڪا ۽ سندس ڀاءُ ڊاڪٽر محمد اسماعيل صاحب سان سٺي ڪچهري ٿي ۽ موڪلائيندي فقير سائين قران شريف جو ترجمي سان مڪمل آڊيو سيٽ مونکي تحفي طور ڏنو ۽ مون پنهنجو ڪتاب ”سنڌ سپيتا“ امان الله ماڪا صاحب کي پيش ڪيو. هن فقيري شخصيت جي مالڪ هڪ جديد ۽ خوبصورت ليبرري قائم ڪئي آهي ڪيس لک شابسون.

ماڪا پائرن کان موڪلائي مومل جي ماڙي (ماٿيلو) روانا ٿياسين، سکر کان نيشنل هاءِ وي رستي روهڙي کان گهوٽڪي پهتاسين، شهر کان پهريان ميڪڊونلڊ جي خوبصورت پارڪنگ تي آغا صاحب ڪار بيهاري چيائين ته سائين مانجهاندو ڪيون ته پوءِ تا اڳتي هلون. پوءِ اندر حال ۾ آياسين ته حال به تمام خوبصورت سينگاريل ۽ صاف سٿرو هو بلڪل بر ۾ بهاري لڳي پئي هئي، هتي ڪجهه دير ۾ ڪائي پي اڳتي روانا ٿياسين ۽ گهوٽڪي شهر مان گذري ماٿيلو ويندڙ رستي سان تقريبن 12 ڪلوميٽر سفر ڪري ماٿيلو پهتاسين. ماٿيلو هڪ ڳوٺ يا ننڍڙو شهر چئي سگهجي ٿو، جتي مک رستي تي ڪافي دوڪان آهن جن کان سواءِ هڪ بازار به آهي، جنهن مان گذري پڇائيندي پڇائيندي وڃي مومل جي ماڙيءَ (نند ڪوٽ) تي پهتاسين. ڪوٽ کان پهرين ئي ”مومل جي ماڙي“ نالي هڪ ننڍو ليڪن خوبصورت ميوزم به ٺهيل آهي جيڪو عام طور تي بند رهي ٿو، ان وقت سرڪاري طور اتي ڪو به ملازم مقرر ٿيل نه هيو جنهن ڪري ميوزم جي سنڀال پاڙي ۾ رهندڙ ڳوٺاڻا ڪري رهيا هئا ۽ ميوزم جي تالي جي چابي به انهن وٽ ئي هئي، چابي وارو ماڻهو موجود نه هئو جنهن کي فون ڪري گهرايو ويو، جيستائين هو اچي، اسين هڪ ٻئي پاڙيسريءَ جنهن کي ڪوٽ ۽ ماڙيءَ بابت ڪافي معلومات هئي، ان کي ساڻ ڪري ڪوٽ تي وياسين، ڪوٽ مٿاهين دڙي تي آهي، جنهن جي اڳيئين ديوار، مورچا ۽ هڪ پاسي واري ديوار جو ڪجهه حصو زبون حالت ۾ موجود آهن. مک دروازي کان مٿي چڙهڻ لاءِ هڪ ڏکي ڏاڪڻ آهي، جنهن تان چڙهي اسين مٿي ڪوٽ جي اندر پهتاسين. ڪوٽ جو وڏو حصو ڊهي پٽ تي ويو آهي، جنهن جي زمين تي قبضا ڪري گهر ٺاهيا ويا آهن ۽ هڪ ڪنڊ تي سرڪاري اسپتال پڻ ٺهيل آهي، باقي بچيل حصي کي بچائڻ لاءِ ثقافت کاتي پاران

لوهي ڪاردار تارن جو لوڙهو لڳايو ويو آهي. جنهن ڪري هي اڳيون حصو محفوظ ٿي سگهيو آهي مک دروای جي سامهون ڪوٽ اندر ثقافت کاتي پاران ڪجهه سال اڳ کوٽائي ڪرائي وئي هئي جنهن هنڌ مومل جي ماڙيءَ جا بنياد ظاهر ٿيا آهن کوٽائيءَ مان پڪيون سرون ۽ انهن جو نڪرانو نڪتل آهي، جنهن مان هڪ پڪي سر موجود هئي جيڪا اسان کي ڏيکاري ويئي، جنهن کان پوءِ اسين ڪوٽ جي پوئين پاسي کان ڦري اچي ميوزم تي پهتاسين.

## قلعي جي تاريخ

هي قلعو سنڌ جي راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ نهرايو ويو هئو، اڳوڻي دور ۾ هن طرف اروڙ (جيڪو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هئو) کان ملتان (سنڌ جي هڪ صوبي جي گاديءَ وارو شهر) ويندڙ شاهي رستي تي هي هڪ وڏو ۽ مضبوط قلعو هئو، جنهن ۾ هميشه وڏي تعداد ۾ سوار ۽ پيدل فوج رهيل هوندي هئي، جيڪا ٻاهرين حملي آوورن کي اروڙ تي ٿيندڙ حملي کان پهريان ئي رستا روڪ ڪندي هئي ۽ امن جي ڏينهن ۾ واپارين ۽ مسافرن جي حفاظت ڪندي هئي.

هن قلعي بابت رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو تہ راءِ گهراڻي جي ڪل پنجن راجائن سن 450ع کان سن 662ع تائين اروڙ ۽ سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندن حڪومت جون حدون اتر ۾ ڪشمير، قنڌار، هيلمند تائين الهندي ۾ ڪرمان جي وادي نور مٿسور تائين ڏکڻ ۾ سوت ۽ اوير ۾ چتور ڳڙهه بہ سندن ماتحت هو. هن سلطنت اندر اچ، ماٿيلو، سيورا ۽ مائو، سيوستان، نيرون ڪوٽ، اروڙ، برهمڻ آباد ۽ ديبل مشهور قلعا هئا.[1]

** عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد سنڌ تي سومرن جي حڪومت جي آخري دور دوران ماٿيلو آزاد رياست هئي، جنهن تي راجا نند (گجر) جي حڪومت هئي ۽ سندس گاديءَ جو هنڌ هي قلعو هئو، جنهن ڪري هن کي نند ڪوٽ سڏيو ويندو آهي. هيءَ رياست سنڌ جي درياهہ جي ڪاڀي پاسي موجوده گهوٽڪي ضلعي کان بدين ۽ راجستان تائين ڦهليل هئي، ۽ انوقت ۾ ڦٽي ويل اروڙ بہ هن رياست جو حصو هئو. راجا نند کي 9 ڌيئرون هيون جن ۾ ٻيو نمبر ڌيءَ جو نالو مومل هئو، جيڪا سين ڀينرن کان سياڻي ۽ خوبصورت هئي ۽ راجا نند جي حڪومتي وهنوار ۾ صلاحڪار ۽ مددگار بہ هئي.

** محمدصديق ميمڻ (ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر جنهن 23 مارچ 1982ع تي ماٿيلي جي قلعي جو معائنو ڪيو هو. تنهن پنهنجي هڪ ماٿيلو جي قلعي بابت مضمون ۾ لکيو آهي تہ راءِ سهاسي سن 630ع ۾ هن شهر وارن تي ڍل انهيءَ شرط تي معاف ڪئي تہ اتي هڪ مضبوط قلعو اڏي تيار ڪري ڏيندا. ماٿيلو تہ متي هجڻ ڪري مشهور ٿيو ليڪن هن شهر کي مومل جي ماڙي ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ مومل جي چوڻ تي راجا نند ڪوٽ اندر مومل لاءِ هڪ عاليشان ماڙي نهرايائين.(2)

** مومل راڻي جي عشق تمام گهڻي مشهوري ماڻي جنهن ڪري راجا نند جو هي ڪوٽ جيڪو رياست جي گاديءَ جو هنڌ ۽ سندس گهراڻي جي مستقل رهائش هئو، انڪري ظاهر آهي تہ سندس سيئي ڌيئرون هتي ئي ڄايون هونديون ۽ هتي ئي وڏيون ٿيون هونديون ۽ ٻيو نند ڪوٽ جيڪو موجوده بدين ضلعي جي شهر جاتيءَ کان 9 ڪلو ميٽر جي پنڌ تي آهي، جتي راجا نند سخت گرمين جا ڏينهن گذاريندو هئو، ڇو تہ اتر سنڌ جي علائقي ۾ سخت گرمي ٿئي ٿي ۽ لاڙ ۾ سمنڊ جي ڪري آبهوا گهٽ گرم ۽

سرد رهي ٿي انڪري راجا نند گرميون لاڙ ۾ گذاريندو هئو، مومل راڻي جي عشق ڪري هي ٻئي نند ڪوٽ مومل جي ماڙي سڏجڻ لڳا. هنن ٻن ڪوٽن ڪانسواءِ مومل پاڻ ٻه (ان وقت ۾ راجستان ٻه سنڌ جو حصو هئو جيڪو هن وقت هندستان ۾ آهي) راجستان ۾ ڪاڪ نديءَ ڪناري هڪ طلسماتي ڪاريگريءَ سان محل جوڙايو هو، جتي ويهي اعلان ڪرايائين ته جيڪو به راجا راڻو يا شاهوڪار هن ڪاڪ محل جي طلسم کي پار ڪري اچي مون تائين پهچندو ته ان سان شادي ڪندس ۽ نه پهتو ته سندس سڀ دولت منهنجي ٿي ويندي. اهڙي، اعلان ڪري ڪيئي شاهوڪار آيا جيڪي مري ۽ لٽيجي ويا پر راڻي سڀ طلسم پار ڪري وڃي مومول ماڻي، جنهن ڪري ڪاڪ محل به مومل جو ماڳ آهي ۽ جڏنهن راڻي کي همير سومري قيد ڪري ڇڏيو ۽ مومل سندس تلاش ۾ آمرڪوٽ ٻاهران اچي راڻي کي ريجهائڻ لاءِ ماڙي جوڙائي اتي رهي ۽ نيٺ راڻي جي واپس نه ورڻ ڪري باهه جي مچ ۾ پاڻ ساڙي پنهنجو انت آندائين ته هي ماڳ به مومل جي ماڙي سڏجي ٿو مطلب ته راجا نند جي ڪوٽن ۽ ماڙين جي مشهوري مومل جي نالي سان مشهور ٿي وئي.

** ماٿيلي وارو نند ڪوٽ (مومل جي ماڙي) راءِ گهراڻي جي دور حڪومت ۾ ٺهيو جيئن ته راءِ سهاسي ٻئي پنهنجي حڪومت دوران مختلف ڇهن علائقن ۾ قلعا جوڙائڻ تي دل جي معافي جو اعلان ڪيو، جنهن ڪري ماٿيلي ۾ آمر راجپوت هي قلعو جوڙايو هئو راءِ گهراڻي جو دور 450ع کان 632ع تائين رهيو. هن گهراڻي جا پنج راجا رهيا، جنهن کان پوءِ برهمڻ دور شروع ٿيو جيڪو پڻ سنڌ تي امن ۽ ترقيءَ وارو دور رهيو، راجا ڏاهر جي دور ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي ۽ اروڙ جي فتح کان پوءِ جڏهن اچ ۽ ملتان کي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ته شاهي رستي تي هن کي نند

ڪوٽ مان سخت مزاحمت ٿي، جنهن ڪري ڪيس خندقوون کوٽائي چاوٽي هٽي هتي رهڻو پيو. نند ڪوٽ تي منجنيڪن سان حملو ڪري فتح حاصل ڪيائين ۽ سندس سپاهه جو هتي وڏو قبرستان به آهي.[3]

** جنهن ڪان پوءِ وري سومرا دور جي مشهور جنگ جيڪا چنسير جي چرچ تي ٿي ۽ هندستان جي بادشاهه علاوءُ الدين خلجي جي فوج جيڪا سلار خان جي سرداري ۾ سنڌ تي ڪاهي آئي، اها جنگ به ماتيلي جي ميدان تي لڳي جيڪو هن نند ڪوٽ کان 10 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي. جنهن کان پوءِ سمن جي دور ۾ به هي قلعو پنهنجي شان شوڪت سان قائم رهيو، پوءِ ارغونن جي دور ۾ شاهه حسن ارغون هن قلعي کي بغاوت جي خدشي کان ٽوڙايو ۽ مغلن به هن ڪوٽ تي حملو ڪيو هو جن کي پڻ مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو هو. انگريزن ۽ ميرن جي آخري معرڪن ۾ مير شير محمد ٽالپور، انگريزن سان وڙهندي ماتيلي طرف روانو ٿيو جتي انگريزن اڳئي هن قلعي جي قلعا بندي ڪري ڇڏي هئي، مير شير محمد راولو بند وٽي چانڊڻ ۾ پنهنجا خيما کوڙيا ۽ انگريزن سان جنگ ڪرڻ جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ مصلحت ڪرڻ لڳا. چانڊڻ اصل چانو يا چنو هيو جيڪو لغارين ناهيو هيو ان بعد هن چني ڳوٺ جي شڪل اختيار ڪئي جيڪو اڄ جي دور ۾ به هڪ تمام وڏي ڳوٺ جي شڪل ۾ ميرپور ماتيلي تعلقي ۾ موجود آهي. مير شير محمد، مير عبدالله خان ۽ ٻيا ٽالپر پنهنجي بچيل کچيل لشڪر سان هن قلعي تي هڪ زوردار حملو ڪيو جنهن ۾ هو سوڀارا ٿيا. هن جنگي معرڪي ۾ مير شير محمد ٽالپر جا به گهوڙي سوار جنگي جوڌا دريا خان لغاري ۽ غلام حسين لغاري شهيد ٿيا ۽ ان ئي غلام حسين لغاري جي نالي تي قائم ٿيل ڳوٺ، داد لغاري ۽ ميرپور ماتيلي جي وچ تي اڄ به موجود آهي.[4]

ماڻيلي جي قلعي کي وڏي ۾ وڏو نقصان انگريزن جي دور ۾ ٿيو، جو هن علائقي ۾ تعمير ٿيندڙ ريلوي جي پٽڙي ۾ ماڻيلي جي قلعي جي پڪين سرن کي ڪنڪريٽ طور استعمال ڪيو ويو. جنهن ڪان پوءِ هي تاريخي قلعو برباد ٿي ويو ۽ لاوارث رهڻ ڪري هتي قبضا ٿي ويا.(5)

** مشهور محقق ڊاڪٽر گربخشاڻي به شاهه جي رسالي ۾ لکيو آهي ته ماڻيلو جي ڪوٽ جو بنياد پهريائين راءِ گهراڻي سال 495ع ڌاري وڌو هو.(6)

هن قلعي بابت هڪڙو بيت ماڻيلي جا ماڻهون اڪثر ٻڌائين ٿا، هن مان پڻ تاريخي ڄاڻ ملي ٿي.

پهرين سر ڪوٽ ۾ هنئين ڄام پڙن،
ٿورا ورهيه ٿهيم هئا، آيو وارو وريامن،
ڪوٽ اسري تيار ٿيو نو سئو ويهه ورهين،
تهان پڇاڻان ٿا چون بادشاهي راجا نند جي.

هن بيت مان معلوم ٿئي ٿو ته قلعي تي بالترتيب ڄام پڙن، ٿهيمن ۽ وريامن جو ڪنٽرول 920 ورهين تائين رهيو آهي ۽ پوءِ راجا نند جي قبضي هيٺ آيو هوندو ۽ بيت مان اهو به محسوس ٿئي ٿو ته قلعي جي اڏاوت جو آغاز ڄام پڙن ڪيو.

** هتي جي ميوزيم ۾ ٽي وڏا حال نهيل آهن، جن مان هڪ حال ۾ ڪوٽ مان مختلف وقتن تي مليل ٽانون جا ٽڪڙا ۽ سڪا رکيل آهن، ٻيو حال آفيس طور استعمال ۾ آهي ۽ ٽيون به ادبي گڏجاڻين لاءِ مخصوص آهي، هن ڪوٽ جي سائنسي تحقيق ٿيڻ گهرجي، هتي صدين جي تاريخ دفن ٿيل آهي ۽ صدين تائين سنڌ جو مضبوط دفائي قلعو رهيو آهي، انڪري هي سنڌ جو وڏو تاريخي ورثو آهي. سنڌ حڪومت کي اپيل ڪجي ٿي ته هن تاريخي ڪوٽ

جي حدن مان قبضا ختم ڪرائي ڪوٽ کي اصل حالت ۾ بحال ڪرڻ گهرجي ڇو ته هي هڪ اهم تاريخي ورثو آهي.

واپسي تي گهوٽڪي شهر ۾ اديب ۽ سماجي اڳواڻ رئوف پارس دايو سان سندس گهر ملاقات ڪئي سون هن جاڪوڙي دوست نند ڪوٽ بابت ڪافي معلومات ونڊ ڪئي هي هڪ همدرد ۽ پرخلوص انسان آهي. دايو صاحب ڪان موڪلايوسين ته رات ٿي وئي هئي، جنهن ڪري واپس سکر روانا ٿياسين ۽ سڌو سينئر ايڊووڪيٽ امان الله ملڪ جي جاء تي پهتاسين جتي منهنجي مان ۾ امان الله صاحب پاران دعوت رٿيل هئي. جتي سکر شهر جا سينئر وڪيل ۽ ٻيا معزز شهري پڻ مدعو هئا جن سيڻ سان ڀرپور ڪچهريون ٿيو.

===========

**** مومل راڻي جو قصو**

سنڌ جي ماٿيلي واري ڀاڱي تي، گجر ذات جو راجا نند حڪومت ڪندو هو. کيس دولت ڪني ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪ ڀيرو ڪنهن جانور جو شڪار ڪري، آن جوڏند هٿ ڪيائين، ۽ ان جي مدد سان پنهنجو سمورو خزانو درياء جي پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيائين.

راجا نند کي نوَ نياڻيون هيون. منجهائن مومل سيني کان وڌيڪ سهڻي سياڻي هئي. راجا ٻه کيس ڏاڍو پائيندو هو. انڪري اهو جادوئي ڏند کيس سنڀالي رکڻ لاءِ ڏنائين، پر ڏند جي اصلي راز جو نه ٻڌايائين.

هڪڙي جادوگر کي ڪنهن طرح راجا جي لڪايل خزاني جي پروڙ پئجي ويئي، سو هڪ ڏينهن جڏهن راجا شڪار تي ويل هو ته هو مومل ساڻ ٺڳي ڪري اهو ڏند وني، درياهه مان سمورو خزانو ڪڍي غائب ٿي ويو. راجا جڏهن شڪار تان موٽيو ته کيس

ڏند وجائڻ جي خبر پئي. هو مومل تي ڏاڍو ناراض ٿيو، پر سندس ڏيءُ آٿت ڏنس تہ ايترو خزانو آئون اوهان کي گڏ ڪري ڏيندس.

مومل پيءُ کان موڪل وٺي، ڪاڪ ڪنڌ تي هڪڙي ماڙي اڏائي ۽ پنهنجي ڀيڻ سومل ۽ نوڪرياڻين کي ساڻ وٺي اتي رهڻ لڳي، هن پنهنجي چالاڪيءَ سان ماڙي جي چوڌاري جادوءَ جو باغ تيار ڪرايو ۽ ان تي رهڻ لڳي ۽ ان جي وچان لنگهندڙ سوڙهي رستي تي خوفناڪ جادوئي جانور بيهاري ڇڏيا. جن جي ڊيڄاريندڙ رڙين تي وڏا وڏا بهادر بہ ڏڪي ويندا هئا. ان کان سواءِ ڪيترائي گمراهہ ڪندڙ ۽ خطرناڪ جادوئي کيل پڻ تيار ڪرائي رکيائين.

جڏهن ڪاڪ محل جي ڪناري تي اهو جادوئي محل تيار ٿي ويو تہ مومل عام اعلان ڪرايو تہ جيڪو شهزادو باغ مان لنگهي مومل وٽ سلامتيءَ سان پهچندو، اهو ساڻس شادي ڪندو. ٻي حالت ۾ ڪيس پنهنجي مال ۽ سامان تان هٿ کڻڻو پوندو.

مومل جي سونهن جي هاڪ ٻڌي ڪيترائي شهزادا آيا، پر پنهنجو ڌن دولت ڦرائي ويا. ان وقت عمرڪوٽ جو بادشاهہ همير سومرو هو. هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي ٽن وزيرن سان گڏجي شڪار تي نڪتو. راڻو مينڌرو سوڍو انهن سڀني ۾ بهادر ۽ عقلمند هو ۽ همير سومرو جو سالو بہ هو. رستي تي هڪ فقير مليو، مومل ۽ ان جي ڪاڪ محل بابت پنهنجي روئيداد ٻڌائي. انهيءَ ڳالهہ چئني يارن جي دل ۾ مومل حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪري ڇڏيو. پوءِ تہ چارئي ڄڻا پنهنجو ڀاڳ آزمائڻ لاءِ ڪاڪ محل ڏانهن روانا ٿيا. اتي پهچي ماڙيءَ جي ٻاهر رکيل پير تي ڏونڪو هنيائون تہ سيڪاريل نوڪرياڻي ناتر ٻاهر آئي ۽ سندن اچڻ جو اطلاع وڃين اندر ڪيائين.

ٿوري دير کان پوءِ ناتر طعام کڻائي اچي سندن اڳيان رکيو. راڻي مينڌري پنهنجي ٽنهي ساٿين کي اهو کائڻ کان منع

ڪئي ۽ ان مان ذرو ڪٽي ڪتي ڪي ڏنو. جيڪو ڪائڻ سان ئي مري ويو. ناتر پوءِ ٻيون به اٽڪلون ڪيون. پر سندس ڪابه اٽڪل ڪامياب نه ٿي. آخر ۾ ڪين چيائين ته، مومل سان ملڻو اٿو ته مون سان هڪ هڪ ڪري ٿي هلو. پوءِ ته اهي هڪ هڪ ٿي ناتر سان گڏجي ويا. پر هو رستي تي گوهي ڏئي نڪري ٿي ويئي. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن راڻي مينڌري کي ساڻ ڪري، هن رستي تان پڇڻ واري ڪئي ته راڻي ڪٽي وارن ڪان ورتس ۽ چڪي سڌو ڪيائينس. اڳيان هلي جڏهن هڪ تلاءَ تي پهتا ته ناتر وري به اٽڪل ڪري پٺي وئي ۽ راڻو اڪيلو رهجي ويو. راڻو پاڻيءَ جي اونهائيءَ کي ڏسڻ لاءِ سوپاري ڪڍي پاڻي ۾ اڇلائي، پر اها آواز ڪندي پري وڃي پئي تڏهن راڻو سمجهيو ته تلاءُ رڳو نڳي جو ٺهيل آهي. پوءِ ته گهوڙي کي ڊوراڙي اچي مومل جي ماڙي وٽ پهتو، جتي ناتر اڳيئي بيٺي هئي. هوءَ ڪيس انهي ڪمري ۾ وٺي آئي، جتي هڪجهڙيون کٽون ۽ ست بسترا هڪجهڙن هنڌن سان پيل هيا. راڻي جڏهن بسترن کي آزمائڻ لاءِ پنهنجي لڪڻ سان مٿن زور ڏنو ته ڇهن بسترن جا هنڌ هيٺ وڃي کوهن ۾ ڪريا، پوءِ راڻو ستين کٽ جي بستري تي وينو. جيڪو صحيح ۽ سلامت هو. جڏهن اها اٽڪل به ڪامياب نه ٿي ته ناتر ڪيس هڪڙي ٻئي ڪمري ۾ وٺي آئي، جتي هڪجهڙين سهڻين شڪلين واريون ڪيتريون ئي ناريون بيٺيون هيون. سندن هٿن ۾ گُلن جا هار هئا. ناتر راڻي کي چيو ته هنن نارين ۾ مومل به بيٺل آهي، پر تون جنهن کي ٻانهن ۾ هٿ وجهندين، ان سان تنهنجي شادي ڪرائي ويندي.

راڻو پهرين ته مُنجهي پيو، پر پوءِ هڪڙي عورت جي وارن جي مٿان پوئنر پرندي ڏٺائين. راڻو سمجهي ويو ته خوشبودار وارن واري ئي مومل ٿي سگهي ٿي. هن اڳتي وڌي وڃي ڪيس هٿ

ڪان ورتو تہ مومل پڻ گُلن جو هار سندس ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. پوءِ تہ خوشيون ٿي ويون ۽ ٻنهي جي شادي ٿي وئي.

راڻي جا ٽئي دوست ڪاوڙجي، پنهنجي علائقي ڏانهن روانا ٿي ويا. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ همير سومرو ڪنهن بهاني سان راڻي کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو تہ جيئن هو مومل سان ملي نہ سگهي. پر راڻي ڪان رهيو نہ ٿيو، هو روز جو ڦڙتيلي اُٺ تي چڙهي ڪاڪ محل هليو ويندو هو ۽ مومل سان ملي تُرت ئي واپس ايندو هو.

هڪ ڀيري راڻي مومل سان ملڻ ۾ گهٽا ڏينهن ٿي ويا تہ سندس جدائيءَ ۾ مومل اداس رهڻ لڳي ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي وڏي ڀيڻ سومل کي مرداڻو لباس پهرائي، پاڻ سان گڏ سمهاري ڇڏيندي هئي. هڪ رات راڻو جيئن ماڙي تي پهتو تہ اونداهہ ۾ سومل کي مرد سمجهي، ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ پنهنجو لڪُڻ نشاني طور مومل جي ڀرسان رکي واپس امرڪوٽ هليو ويو.

صبح جو جڏهن مومل ننڊ مان اٿي تہ سمجهي وئي تہ راڻو ڪاوڙجي واپس هليو ويو آهي. پوءِ تہ ڪيس اچڻ لاءِ ڪيترائي نياپا موڪليائين، هو نہ آيو. پوءِ مومل بہ ڪاڪ محل ڇڏي اچي امرڪوٽ ٻاهران ماڙي نهرائي ان ۾ رهائش ڪئي ۽ راڻي کي پرچائڻ لاءِ وس ڪيائين ليڪن راڻو ڪين آيو، مومل بيزار ٿي ڪاٺ جو هڪ مچ تيار ڪرائي پاڻ کي ان ۾ اڇليائين. راڻي کي جڏهن اها خبر پئي تہ هو بہ ڊوڙندو اتي پهتو. پر تڏهن گهڻي دير ٿي وئي هئي، انڪري پاڻ بہ ان مچ ۾ ٽپي پيو ۽ مومل سان گڏ سڙي امر ٿي ويو. سوين سال گزرڻ باوجود اڄ بہ مومل راڻو کي ياد رکيو وڃي ٿو ۽ سنڌ جي سرتاج شاهہ ڀٽائي بہ پورو سر مومل راڻي تي لکي هنن جي ڪردار کي امر ڪري ڇڏيو آهي.

## حوالا

(1)- ”جنت السنڌ“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 77.
(2)- تحقيقي مضمون، محمدصديق ميمڻ
(3)- تحقيقي مقالو، رئوف پارس دايو
(4)- تحقيقي مقالو، رئوف پارس دايو
(5)- تحقيقي مقالو، رئوف پارس دايو
(6)- ”شاھ لطيف جو رسالو“، ڊاڪٽر گربخشاڻي، صفحو 635



# سکر جي قديمي تاريخ

سکر سنڌ جو تمام خوبصورت شهر آهي، جنهن جي خوبصورتي ۽ ترقي جو اصل سبب سنڌو درياءُ آهي، جنهن جي ڪپ تي سکر شهر آباد آهي. هن جاءِ تي سنڌو درياءُ جي وچ ۾ ٻيٽ ٻه آهن جن جي ڪري وڌيڪ دلڪش نظارا پسڻ لاءِ ملن ٿا، جن جو ذڪر اڳتي هلي ڪبو. اوائلي دور ۾ سنڌ سلطنت جي گادي جو هنڌ اروڙ هئو ۽ سنڌو درياءُ جو هڪ وهڪرو اروڙ پرسان گذرندو هئو، جنهن جي رخ مٽڻ ڪري اروڙ جو وڏو خوبصورت ۽ آباد شهر برباد ٿي ويو، ڇو ته ان وقت ۾ درياهه جي وهڪرن رستي وڻج واپار هلندو هئو، جنهن ڪري درياهن جي ڪنارن شهر آباد ڪيا ويندا هئا، ۽ انهن جي حفاظت ۽ حڪومت قائم رکڻ لاءِ ڪوٽ ۽ قلعا به

جوڙايا ويندا هئا. سنڌو جي هن وهڪري کري اوائلي دور کان اروڙ هن وڏي ملڪ جي واپار جي مرڪزي منڊي پڻ هئو، جيڪو ڏيهان ڏيهہ مشهور هئو، هن درياهي وهڪري کي مهراڻو بہ چيو ويندو هو، جيڪو سکر جي اتر کان سنڌو درياهہ مان نکري اروڙ جي پاسي کان وهندو خيرپور جي ناري واري علائقي کان ٿيندو عمر ڪوٽ کان وهندو وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هئو. عمرڪوٽ جو اوائلي قلعو بہ هن مهراڻي جي ڪپ تي آباد ڪيو ويو هئو، مهراڻ جو اروڙ کان رخ مٽائڻ جو جو سال مسٽر ايچ- ريورٽي تي 335هہ - 946ع لکيو آهي، مسٽر ايچ ڪرينس 345 هہ- 952ع لکيو آهي، جنهن کري اروڙ جي واپار لاءِ سکر جو پتڻ استعمال ٿيڻ لڳو ۽ روهڙي شهر آباد بہ ٿيو، بکر جي قلعي کان واپارين ۽ سامان جي حفاظت شروع ٿي جنهن کري ڏوراهن ملڪن خاص طور وچ ايشيا ۽ ٻين رياستن جي مرڪزي منڊي سکر تي ايريو ۽ ترقي ڪندو رهيو.

سکر جي پتڻ جو ذڪر عرب دور ۾ بہ ملي ٿو ۽ هن جا نالا مختلف وقتن تي مختلف رکيا ويا آهن، بکر جو قلعو ۽ روهڙي سکر جي پتڻ کان بعد ۾ ٺهيا آهن. سکر جو پتڻ پراڻو آهي، بکر جو قلعو فوجي مقصد لاءِ ٺهيو ۽ ڪم آيو شهري آبادي درياهہ جي ڪپ تي ۽ ٽڪرين تي سکر جي هئي، پر بکر قلعي جي فوجي اهميت کري ۽ درياهہ جي وچ ۾ هئڻ کري تاريخ ۾ بکر جو ذڪر وڌيڪ آيو آهي. هن وقت سکر ۾ تمام گهٽيون تاريخي عمارتون ۽ اڏاوتون آهن جنهن کري سکر شهر جي سنڌ جي شهرن ۾ هڪ منفرد حيثيت آهي: 1 بکر جو قلعو، 2 ستين جو آستان، 3 ساڌ ٻيلو، 4 معصوم شاهہ جو منارو، 5 آدم شاهہ جو مقبرو، 6 لينس ڊائون پل (روهڙي جي پل )، 7 سکر بئراج، 8 ايوب پل، 9 لب مهراڻ ۽ ٻيا ڪيترائي خوبصورت تاريخي ماڳ مڪان آهن جيڪي پنهنجي منفرد تاريخي حيثيت رکن ٿا ۽ ڏسڻ وٽان آهن.

تاريخ جي ڪتابن ۾ بکر ۽ سکر جو ذڪر اوائلي دور کان ملي ٿو، جنهن جا مختلف مثال ۽ رايا هن مضمون ۾ هيٺ ڏنا آهن، تہ جئين پڙهندڙ سکر جي قدامت ڪي سولائي سان سمجهي سگهن.

** سنڌ جي سياسي تاريخ کان سواءِ سنڌ جي جاگرافي بہ نهايت اهم آهي سنڌ جي تاريخ تي تہ ٿورو گهڻو ڪم ٿيو آهي ليڪن سنڌ جي جاگرافي ۽ معاشي يا معاشرتي تاريخ تي بلڪل نہ هجڻ برابر ڪم ٿيو آهي، سنڌ جي جاگرافي تي يوناني سياحن ڪجھہ لکيو آهي جن مان هڪ اهم جاگرافي دان بطلبوس بکر جو نالو بينا ننگر ڏنو ۽ لکيو آهي تہ انهيءَ بکر ۾ بينا قوم رهندي هئي.[1]

** سکر ۽ بکر جي نالي بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي خيال موجب سکر ۽ بکر ٻن ميدن جا نالا هئا، جن جي نالي پٺيان هي وسنديون آباد ٿيون، ميدن تمام قديم زماني ۾ سکر ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ پنهنجي رياست قائم ڪئي هئي.[2] ميد سنڌ تي اوائلي چند قبيلين مان هڪ قبيلو هئو، جنهن جو ڪم مڇي مارڻ ٻيڙيون هلائڻ ۽ زراعت ڪرڻ هئو ۽ هن قبيلي مان اڳتي هلي ڪيتريون ئي ذاتيون نهيون جيڪي اڄ بہ سماٽ ذاتين جي اڪثريت جي صورت ۾ موجود آهن.

** سنڌ ۾ يونانين ۽ پورچوگيزن کان سواءِ ڪيترائي ٻيا بہ مغربي ماهر ۽ سياح آيا جن سنڌ جي ان وقت جي تاريخ، جاگرافي ۽ اقتصادي حالتن بابت لکيو آهي، انهن مان ميجر ريوٽي بہ سنڌو ۽ ان مان ڦٽندڙ شاخن بابت لکيو آهي هو لکي ٿو تہ: ”’اکر ۽ بکر‘ بہ شهر آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام کان اڳ سکر کي ’اکر‘ ۽ بکر کي ’بکر‘ جي نالي سان سڏيو ويندو هئو.[3] ميجر ريوٽي ٻي هنڌ هي بہ لکي ٿو تہ قديم زماني ۾ بکر کي بيهڪر جي نالي سان بہ سڏيو ويندو هيو، جو دنيا جي تمدن وارن ملڪن ۾ مشهور هئو.“[4]

** هن علائقي ۾ عربن پنهنجي حڪومت دوران سکر پرسان سنڌو درياهہ تي هڪ پل بہ جوڙائي هئي جنهن جو اشارو " لب تاريخ سنڌ" ۾ هن طرح آهي تہ: "عربن سکر ويجهو ماڻهن جي آمد رفت لاءِ سنڌو نديءَ تي پل ٺهرائي هئي، جنهن کي سکرالميد نالي سان سڏيندا هئا.[4] ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ان وقت بہ ايتري آبادي هئي جنهن لاءِ درياهہ تي پل ٺهي تہ اها شهري آبادي عربن جي اچڻ کان اڳ جي ئي هوندي ڇو تہ ايتري آبادي جي واڌ ويجهہ ۾ ڪئي سال لڳا هوندا.

** ابن بطوطہ 733 هجري ۾ هن شهر جي عظمت جا ڳيچ ڳايا آهن. پنهنجي سفر نامي ۾ لکيو آهي تہ: "بکر بلڪل خوبصورت شهر آهي ۽ سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ شهر جي وچ مان لنگهي ٿي هت هڪ خانگاهہ آهي، جتي مسافرن کي کاڌو ملي ٿو انهيءَ شهر ۾ منهنجي ملاقات امام عبدالله حنفي ۽ شهر جي قاضي ابو حنيفہ ۽ شمس الدين شيرازي سان ٿي جنهن جي عمر 120 سال هئي.[6]

** "عجائب السفار" جي تحقيق موجب سکر ۽ بکر کي هڪ ئي نالي سان "بکر" سان سڏيو ويندو هئو زماني گذرڻ کان پوءِ سکر ۽ بکر جدا جدا نالن سان سڏجڻ ۾ آيا.[7]

الوحيد ۾ لکيل آهي تہ: "قديم تاريخن جي بيانن مان معلوم ٿيو آهي تہ انهن مورخن هتي عالمن ۽ بزرگن کي سکر سان منسوب ڪري ڄڻيو آهي ۽ سندن مدفن بہ بکر ڄاڻايو آهي، ليڪن تحقيق کان پوءِ واضح ٿيو آهي تہ انهن جون مزارون پراڻي سکر جي لڳ نظر ايون آهن، جئين حضرت محمد مڪيءَ جي تربت بکر جي قلعي ۾ ڄاڻائي وئي آهي، ليڪن هن جي مزار سکر ۾ آهي. اهڙيءَ طرح مير معصوم شاهہ کي بکري سڏيو ويندو آهي، پر سندس مزار ۽ حويليون سکر ۾ آهن.

** ايران جي آشڪاني فرمانروائن مان دارا جي حاڪميت وارن ڏينهن ۾ مهراڻ جو الهندو حصو اٽڪ کان وٺي ويندي سمنڊ تائين

سکر سميت ايران جي ماتحت هو، ۽ دارا کي هن حصي مان 178272 پائونڊ ساليانو آمدني ٿيندي هئي، ايرانين قندابيل ۽ بهمڻ آباد شهر تعبير ڪرايا، لاڙڪاڻي ضلعي جي دڙن مان جيڪي شيون مليون آهن سي ايراني ساخت جون آهن.[8]

دارا مهراڻ جي واپار کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ۽ ساموندي رستا معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اميرالبحر سائيڪلاس کي اٽڪ کان جهازن جو دستو ڏئي روانو ڪيو جنهن ٽن سالن ۾ مهراڻ جي ڊيلٽا جي ڳاڙهي سمنڊ کان مصر تائين جو رستو معلوم ڪيو هو، ۽ هي ڪم 480 قبل مسيح ۾ ٿيو آهي.[9]

هنن مختلف حوالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سکر اوائلي دور کان آباد آهي، جيڪو مختلف وقتن تي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي، جن مان اهم نالا "سکر"، "بکر" ۽ "بينا ننگر"، هن ئي اوائلي آبادي جا نالا آهن ۽ تحقيق مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته سکر ۽ بکر هڪ ئي شهر جا نالا آهن سکر اوائلي پتڻ رهيو آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ بکر جو قلعو قائم ڪيو ويو، جو ته ٻيٽ تي نهرايل بکر قلعو انتهائي محفوظ فوجي ڇانوڻي ثابت ٿيو آهي ۽ تاريخي تحقيق مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته اروڙ جي ڦٽڻ کان پوءِ سکر جي پتڻ جي اهميت وڌي ويئي ۽ هن آباديءَ ترقي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جنهن ڪري روهڙي ۽ سکر جا شهر اڏجي ويا.

سکر جي تاريخ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سکر جي خوبصورتي جا اهڃاڻن مختلف ۽ اهم تاريخي ماڳن بابت مون الڳ الڳ مضمون هن ئي ڪتاب ۾ لکيا آهن، جن مان پڙهندڙن کي سکر شهر جي مختلف دورن جي تاريخ، تمدن، حاڪمن ۽ حڪومتن جي ظلم زيادتين يا تعمير ۽ ترقي جا وچور ملندا، ۽ تاريخي ماڳن جا تفصيل پڙهي، انهن جي اهميت کان به يقين واقف ٿيندا.

## حوالا

(1)- ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ ڀاڱو ٻيو، اشتياق انصاري، مضمون بکر جو قلعو.
(2)- ساڳيو
(3)- ساڳيو
(4)- ساڳيو
(5)- ساڳيو
(6)- ساڳيو
(7)- ساڳيو
(8)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي)



(9)- ساڳيو

# روهڙي شهر جي مختصر تاريخ

سکر شهر جي سامهون سنڌو درياهہ جي اوڀرندي ڪناري تي روهڙي شهر آباد آهي، جنهن ڪري سکر ۽ روهڙي کي جاڙا شهر بہ سڏيو وڃي ٿو، جو تہ ٻئي شهر پلين ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل بہ آهن، ۽ تاريخي طور بہ ٻئي شهر هم عصر ليکيا وڃن ٿا.

روهڙي شهر جو بنياد سنڌ تي عربن جي حڪومت دوران وڏي زلزلي سبب سنڌو درياهہ جو هڪ ٻيو وڏو وهڪرو جيڪو اروڙ پرسان وهندو هو، اهو بند ٿي ويو ۽ ٻنهي وهڪرن جو پاڻي گڏ ٿي روهڙي ۽ سکر جي وچان وهڻ لڳو-زلزلي وارو واقعو 962ع ۾ ٿيو.[1] جنهن ڪري درياءَ سنڌ جو وهڪرو بدلجي ويو، تہ اروڙ شهر جيڪو واپار جو وڏو مرڪز هئو، ان جو بندر ڦٽي ويو ۽ اروڙ

جي واپارين روهڙي جي بندر ڪان واپاري سامان جي آمد رفت شروع ڪئي، جنهن ڪري روهڙي جي بندر پرسان پنهنجا گدام ۽ واپاري مرڪز قائم ڪيائون تہ هي شهر نهي پيو ۽ پوءِ ترقي ڪندو رهيو ۽ پوءِ تيرهين صدي عيسويءَ ۾ روهڙي درياهہ سنڌ جو هڪ مصروف بندر ۽ زرعي جنسن جي واپار جو مرڪز هيو.

روهڙي شهر جي اوير ۾ 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اروڙ جو قديم شهر واقع هيو، جنهن جا آثار اڄ بہ موجود آهن. عربن جي اٺين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ۾ آمد کان اڳ واري تاريخ جي باري ۾ ڪن علائقي متعلق رڪارڊ تمام گهٽ آهي، ليڪن اروڙ ان وقت اتر سنڌ جو وڏو شهر ۽ واپاري مرڪز هئڻ سان گڏ پوري مضبوط سنڌو سلطنت جو راءِ گهراڻي جي دور ۽ پوءِ برهمڻ گهراڻي جي گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي، ۽ 711ع ۾ محمد بن قاسم ان تي قبضو ڪيو ۽ عربن جي پهرين دور ۾ بہ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو.[2]

روهڙي شهر جي نالي بابت تاريخ جي ڪتابن ۾ مختلف ويچار آهن، ڪنهن هن شهر کي لوهڙي سڏيو آهي تہ ڪنهن لوهر ڪوٽ، روڙا ننگر ۽ روڙپرا بہ سڏيو آهي. اصل ۾ روڙي سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ننڍو پهاڙ يا ٽڪري. ٻئي پاسي روهہ جي معنيٰ جبل بہ سنڌيءَ ۾ آهي، اڄ تائين پنجاب ۽ هندستان ۾ هن شهر کي روڙي چون ٿا جو هن جو اصل نالو آهي ۽ مختلف دور جي مختلف مرحلن ۽ لهجن مان گزري اڄ ”روهڙي“ مشهور آهي. هي اوائلي دور جو درياهہ ڪناري ٽڪريءَ تي ننڍو ڳوٺ اروڙ جي بندر ڦٽڻ ڪري هي بندر ۽ ان سان گڏ شهر آباد ٿي ويو، هن جي جي تعمير ۽ ترقي مختلف دورن ۾ ٿيندي رهي آهي. روهڙي جي تاريخ، تعمير، ترقي ۽ اهم ماڳن جو ذڪر

هن مضمون ۾ اوهان کي پيش ڪجي ٿو. هن مضمون ۾ اوهان کي پيش ڪجي ٿو.

روهڙي شهر جنهن ٽڪريءَ تي آباد آهي اها درياهه جي پاڻيءَ کان 50 فوٽ بلند آهي، اڳ ٻوڏ جي وقت ۾ پاڻي ٽڪريءَ سان لڳي وهندو هئو جنهن جا نشان اڄ تائين موجود آهن. هي شهر درياهه ڪناري هئڻ ڪري تڪڙي ترقي ڪئي، روهڙي جي آس پاس سني زراعت ۽ ميون جا باغ پڻ هئا، جنهن ڪري هتي جي خوشحالي ڏسي وڏي تعداد ۾ پير ۽ بزرگ هتي اچي آباد ٿيا، هن شهر ۾ سوا لک پير دفن آهن جنهن ڪري هن کي ”روهڙي شريف“ چيو وڃي ٿو، هي علم هنر ۽ روحاني فيض وارو شهر مشهور آهي.

شاهه بيگ ارغون، سنڌ جي فتح کان پوءِ بکر جي قلعي کي مضبوط ڪرڻ وقت، بکر جي سيدن ۽ قاضين کي هن شهر ۾ زمين ڏيئي آباد ڪيو، ان کان پوءِ هي شهر وڌيڪ وڌڻ لڳو. ابن هوقل، ادريسي، ٻين عرب مورخن، ابوالفضل ۽ يورپي سياحن، روهڙي جي باغن، ميون، گلن، ڪارڪن، درياءُ جي مڇي، خاص ڪري پلي، ۽ بندر جي وڻج واپار جي پڻ ساراهه ڪئي آهي.

رحيمداد خان مولائي شيدائي تاريخ سکر ۾ لکي ٿو ته: ”خلجين جي يادگار طور رضوي سيدن جو روهڙي اسٽيشن ويجهو ڪچو قلعو آهي، جنهن ڪري کين ڪوٽائي سيد چيو وڃي ٿو. رضوي سيدن کي سلطان علاءُ الدين خلجي روهڙي جي آسپاس جاگيرون ڏنيون هئائين، ۽ ڪوٽ جي ڏکڻ اولهه پاسي هڪ ٽن قبن ۽ بلند مينارن واري شاندار مسجد به جوڙائي هئائين جيڪا زبون حال ۾ موجود آهي.“ (3)

* هن شهر جي قديم هئڻ جي باري ۾ ڪي شيون درياه جي پيٽ مان 1875ع ۾ هٿ لڳيون، اهي شيون پٿر واري دور سان تعلق رکندڙ هيون. اهڙو بيان رائل انجنير مسٽر ٽويملو ۽ مسٽر جان

ٿيڻ جي ٻن مضمونن مان معلوم ٿيو جيڪي جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي ۾ بيان ڪيل سال ۾ شايع ٿيا هئا. ائين معلوم ٿو ٿئي تہ ٽڪريءَ تي پنجاه فوٽن جي بلنديءَ تي هي شهر ڪيترا دفعا آباد ٿي ۽ پوءِ مٽندو رهيو آهي.[4] سنڌ گزيٽئر ۾ شهر جو نالو ”لوهڙي“ ڄاڻايل آهي. ڪپتان اي- ويسٽ ميڪاٽ 1841ع ۾ جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال ۾ شهر جو نالو ”لوهر ڪوٽ“ لکندي ڄاڻايو هئائين تہ اهو شهر جو قديم نالو هيو. ريوٽي صاحب ”مهراڻ “ ۾ روهڙي جو قديم نالو ”روڙپورا“ يا ”روڙا ننگرا“ لکيو آهي.[5]

* روهڙي شهر سنڌ جي قديمي تاريخي شهرن مان هڪ آهي هتي تمام جهونيون، وڏنڊڙ ۽ تاريخي عمارتون آهن، جن ۾ ڪنهيا لال ڪاتيج تمام مشهور ۽ ڏسڻ وٽان آهي ۽ لئنسڊائون پُل تان لهندي سامهون تمام خوبصورت ڏيک ڏيندي آهي. هي شهر، بکر ٻيٽ کان هڪ دلڪش نظارو پيش ڪري ٿو. هن جي پر سان درياءُ جي ٻيٽن ۽ ٽڪرين مان قديم زماني جون شيون هٿ آيون آهن، جن کي ڏسي قديم آثارن جي ماهر ليفٽيننٽ ٽيوملر اندازو لڳايو آهي تہ هي شهر تمام قديم ۽ پٿر واري دور ۾ بہ آباد هيو. قديم آثارن جي هڪ ٻئي ماهر ڊاڪٽر بلئم فورڊ انهن شين کي ڏسي اندازو لڳايو هو تہ هندوستان جي ٻين علائقن مان لڌل شين جي ڀيٽ ۾ هتان جون شيون وڌيڪ سهڻيون آهن.[6]

* روهڙي شهر بابت سنڌ جي پهرين گزيٽيئر ۾ مسٽر اي ڊبليو هيوز صاحب ڄاڻايو آهي تہ 1297ع ۾ سيد رڪن الدين هي شهر تعمير ڪرايو يعني سلطان علاوالدين خليجي جي حڪومتي دور ۾ جڏهن علاو الدين خلجي رضوي سيدن لاءِ هتي ڪوٽ تعمير ڪرايو. [7]

هي شهر زماني جي لاهين چاڙهين سبب ڪيترا ئي دفعا آباد ۽ غير آباد ٿيندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ هي قديم شهر آهي، پر

هاٽوڪو شهر عربن جي دور جو آهي، جيڪو مٿي زڪر ڪيو آهي، ۽ پوءِ ترقي ڪندو رهيو آهي.

هن شهر ڪي خاص اهميت، حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي وار مبارڪ جي ڪري آهي. وار مبارڪ، هڪ سوني جواهرن سان جڙيل دٻليءَ ۾ رکيل آهي. جنهن جي مون بہ ننڍپڻ ۾ والد صاحب سان گڏ هڪ ڪان وڏيڪ ڀيرا زيارت ڪئي آهي.

مرزا قليچ بيگ لکيو آهي تہ "لوهري يا روهڙيءَ جو شهر اروڙ جي ڦٽڻ ڪري اتي جي ماڻهن اچي اهو شهر ٻڌو ۽ آن جو نالو بہ گهڻو ڪري رور مان پيو ۽ هاڻ سڏجي بہ روهڙي ٿو. اهو وار مبارڪ ۽ ان جي قديم مسجد جي ڪري مشهور هو. اها مسجد سنہ 954 هجري (1545ع) ڌاري جڙي ۽ وار مبارڪ بہ تڏهين آيو. اهو وار حضرت صلعم جن جي سونهاري جو چوڻ ۾ ٿو اچي ۽ عبدالباقي نالي شخص اتي آندو. جو شيخ نظام الدين جو ناني هو ۽ اهو شيخ حضرت ابوبڪر جي اولاد مان هو ۽ لوهريءَ ۾ اچي رهيو هو. اهو هڪ انچ جو چوٿين پتي جيترو مس آهي ۽ سوني قلمدان ۾ رکيل آهي ۽ حج جي ڏينهن ماڻهو انهيءَ جي زيارت ڪندا آهن. (8)

** وار مبارڪ وارو روضو، ايران جي بادشاهہ نادر شاهہ نهرايو هو. وار مبارڪ جي روضي جي ڀر سان هڪ عاليشان مسجد پڻ ٺهيل آهي، جا سن 1545ع ۾ جڙي راس ٿي. روهڙي ۾ هڪ ٻي تاريخي مسجد بہ آهي. جيڪا شهنشاهہ اڪبر جي گورنر فتح خان 1583ع ۾ تعمير ڪرائي، اها مسجد وڏندڙ ڳاڙهين سرن سان ٺهيل آهي، جنهن تي ٽي عاليشان گنبذ آهن، پر اها هن وقت زبون حالت ۾ آهي. ٽين عاليشان مسجد عيدگاهہ آهي جنهن ڪي ٽي قبا آهن، جا سن 1593ع ۾ مير معصوم بکري نهرائي، انهن ڪان سواءِ هڪ ٻي مسجد بہ آهي جيڪا مير يعقوب علي شاهہ جي آهي ۽ 1677ع ۾

جڙي راس ٿي. هي مسجد تمام وسيع آهي ۽ قلعي وانگر اڏيل آهي.[9]

روهڙي شهر جي ڏکڻ پاسي هڪڙيءَ ٽڪري تي درياهه جي ڪناري تي هڪڙو مقام آهي. جنهن کي ستين جو آستان چوندا آهن، هن ماڳ جو تفصيلي احوال اڳتي الڳ ڏبو. روهڙي شهر جي سامنهون روهڙي ۽ بکر جي وچ تي درياهه ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻيٽ آهي، جتي هڪ ننڍڙي مسجد بہ آهي. انهي کي خواجہ خضر جو آستان چوندا آهن. جتي پوءِ هندو اچي ڏيو ٻاري پوڄا ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ زنده پير آهي. يعني درياهه شاهه يا اڏيرو لعل ۽ مسلمانن جي وري الڳ ڏند ڪٿا آهي. جنهن موجب شاهه حسين نالي دهلي جو هڪڙو سوداگر پنهنجي نياڻي سميت ٻيڙي تي چڙهيل اچي درياهہ تان لنگهيو ۽ حج تي ٿي ويو. اروڙ وٽ دلوراءِ بادشاهه هن کي روڪيو ۽ زور سان سندس ڌيءَ کسڻ ٿي گهريائين. پر انهي خدا کي مدد لاءِ سوال ڪيو. خواجہ خضر هڪدم اچي حاضر ٿيو ۽ درياه اروڙ ڇڏي بدلجي اتان روهڙي وٽان وهڻ لڳو ۽ ٻيڙي صحيح سلامت لنگهي ويئي. انهيءَ جي يادگيري لاءِ شاهه حسين اتي هڪڙي مسجد جوڙائي، جيڪا تاريخ اتي اڪريل آهي ۽ جا لفظ" درگاهه اعليٰ" مان ٿي نڪري، سا سنہ 341هه آهي، يعني 952ع، پر شڪ آهي تہ اهو پهڻ پوءِ ناهي اتي هنيو ويو آهي، جن ٻين پهڻن کان پوءِ جو ٿو ڏسجي. مسجد تي تاريخ سنہ 1011هه (=1602ع) جي آهي.[10]

## ** روهڙي جا ٻہ صوفي شاعر بيدل ۽ بيڪس

قادر بخش "بيدل" 1230هه ۾ ڄائو. چوڏهن سالن جي عمر جي تحصيل ڪيائين. روحانيت جي خيال سان قلندر تي ويو. اتان موٽڻ بعد، مير صوفي جان الله شاهه جو مريد ٿيو، جنهن جي طريقت جو

سلسلو صوفي شاه عنايت شهيد سان ملي ٿو. بيدل فقير سنڌ جو عظيم شاعر، وڏو عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي. سندس علم ۽ فضل سندس تصنيفن مان معلوم ٿئي ٿو. جيڪي فارسي نثر ۽ نظم، عربي نظم، سنڌي سرائيڪي ۽ هندي تي مشتمل آهن، فارسيءَ ۾ سندن ٻه ٿي ديوان آهن. بيدل جي 1814 ڪلام ۾ هر هنڌ تصوف ۽ وحدت الوجود جي اپٽار آهي. سندس ڪلام جي ٻولي سادي آهي. بيدل جي سنڌي ڪافي جا ڪجهه بند.

ڪانگ لنوي مٿي لات، محبت مسافر ڄاڻ ڪي ايندا،
ايندا جوءِ ۾ جانب جائي، وائي جنين جي اٿم وات،
دوست دلاسو دل ڏيندا، بيدل بلڪل ٿي نه ماندو،
سمجهه صبح ڪي رات، توسان هڪ ٿين.

* حضرت محمد محسن قريشي المعروف ”بيڪس“ سن 1275 هجري مطابق 1859ع ۾ تولد ٿيو. سندس والد بزرگوار جو اسم گرامي حضرت قادر بخش بيدل رحه هو.سندن تعلق ملتان شريف جي قريشي خاندان سان هو.حضرت قادر بخش رحه جون ٻه شاديون ٿيل هيون.هڪ شادي پنهنجن ئي مائٽن مان ۽ ٻي شڪارپور جي مغل خاندان مان ڪئي هئائين، بيدل ڪي شڪارپور واريءَ گهر مان تولد ٿيو. محمد محسن عرف ”بيڪس“ جو ننڍپڻ کان ئي حسين شين ۽ خوبصورت چهرن ڏسڻ سان ڏاڍو شوق هو، ۽ ساڳئي وقت پاڻ ٻه خوبصورت هو ۽ رنگت پڻ دلڪش سفيد هوندي هئس. جڏهن سندن والد حضرت قادر بخش بيدل رحه 16 ذوالقعد 1289هجريءَ تي وفات ڪئي ته سندن عمر فقط 14 سال هئي. بيدل سائين جي رحلت جو صدمو بيڪس تي وڏي شدت سان اثر انداز ٿيو. جنهن سبب پاڻ هر وقت بيدل جي مزار جي پر ۾ وينو هوندو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ بيڪس ڪجهه فقيرن سان گڏجي درگاهه جهوڪ شريف وارن بزرگن ڏانهن بيدل سائين جون امانتون کڻي

روانا ٿيا. ۽ ان وقت جي سجاده نشين پير زاهد شاهرح بئي جي خدمت ۾ پهتا تہ هن صاحب سندن وڏي عزت ۽ محبت سان آجيان ڪئي.جنهن بعد بيڪس سائين طرفان آندل تبرڪات جنهن ۾ هڪ دستار(تاج) هڪ خرقو(جُبو) ۽ هڪ عصا شامل هئي خدمت ۾ ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو. جنهن تي پير زاهد شاهہ فرمايو”اوهان درويش بلڪل وڏا امانت وارا آهيو، هي تبرڪات اوهان کي لائق ڄاڻي ڏنا ويا آهن. جيڪي اوهان جي عشق ۽ ادراڪ جو انعام آهن. ادا! ڏنل ڏاڻ واپس نہ وٺبا آهن“ اهڙي طرح ذڪر ڪيل تبرڪات سرڪار بيڪس رح جي تحويل ۾ ئي رهيا. درگاهہ جهوڪ شريف ۾ ڪجھ ڏينهن رهڻ کان پوءِ صوفي بيڪس بيڙي ذريعي سيوهڻ شريف روانو ٿيو.جڏهن سرڪار بيڪس رح سيوهڻ شريف پهتا تہ هڪڙا چار درويش اچي ساڻس مليا جن جي رفاقت سان حضرت قلندر لال شهباز رح جي بارگاهہ ۾ وڃي پهتو. پاڻ حضرت عثمان مروندي المعروف قلندر شهباز جي بہ وڏي سوز ۽ عشق سان ثنا ڪئي اٿائون مثال طور:

قلندر ماڙ ڪر منهنجي اچي ٿي راهہ ۾ رهبر. يا قلندر شاهہ سيوهڻ جا سدا ڪرنظر بيڪس بندي تي لڳ خدا.

جڏهن صوفي بيڪس قوهہ جوانيءَ ۾ 5 رمضان 1298 هہ مطابق 01 اگسٽ 1881ع تي وفات ڪيائين. ڪيس سندس والد بزرگوار جي پرسان روهڙيءَ ۾ ئي دفنايو ويو ۽ هرسال هتي ميلو بہ لڳندو آهي.

* سکر ۽ روهڙي بئي شهر پلين جي ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، هڪ پل جو نالو لئنسڊائون پل آهي جيڪا 1888ع ۾ ٺهي راس ٿي ۽ ٻي ايوب پل جيڪا 1962ع ۾ تعمير ٿي، ٻنهي پلين جا ٻہ ٻہ حصا آهن ڇاڪاڻ تي وچ تي بکر قلعي ورو ٻيٽ آهي. روهڙي طرف واري طرف کان ٻنهي پلين کي کو به ٿنيو ڪونهي، ليڪن سکر

واري پاسي کان ٻنهي پلين کي ٽنيا آهن. لئنسڊائون پل تان اڳ ۾ ريل گاڏيون لنگهنديون هيون، پوءِ ايوب پل کي ريلوي پل جي حيثيت سان تعمير ڪري لئنسڊائون پل تان ريل جي پٽڙي ختم ڪئي وئي. لئنسڊائون پل اڄڪلهه هلڪين گاڏين جي اچ وڃ لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي. ٻنهي پلين جا سکر طرف وارا حصا سادا آهن پر روهڙي طرف وارا حصا انجنيئرنگ جو شاهڪار آهن ۽ ستين جي آستان کان هڪ دلڪش نظارو پيش ڪن ٿا. ايوب پل پاڪستان جي واحد (Semi Suspension Bridge) يعني جزوي لڏندڙ پل آهي، ۽ هڪ اڌ گول ڪمان تي رسين جي ذريعي لٽڪيل آهي. هنن ٻن پلين کان سواءِ سکر بيئراج واري پل ۽ ان جي ئي پرسان سنڌو درياهه تي موجوده دور ۾ ٺهيل نئي پل به ٻنهي شهرن جي وچ ۾ آمدرفت جي ڪم اچن ٿيو.

انگريز دور ۾ ريلوي جي قيام ڪري روهڙي ۽ سکر کي ملائڻ لاءِ لينس ڊائون پل ۽ وڏي ريلوي جنڪشن اسٽيشن ٺهي، جيڪا اڄ به پاڪستان جي وڏين اسٽيشنن مان هڪ آهي. ۽ هن جي پليٽفارم کي پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو پليٽفارم چيو وڃي ٿو. هتي ٻين صنعتن سان گڏ هڪ وڏي سيمنٽ فيڪٽري پڻ آهي.

سنڌ جي ٻين شهرن وانگر، آبادي جي واڌ جي ڪري روهڙي شهر ۾ به رهائش، تعليم، صحت ۽ صفائي جا مسئلا موجود آهن.

## حوالا

(1)- "سنڌ عرب دور"

(2)- ساڳيو

(3)- "تاريخ سکر"،رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو40

(4)- "جي- ايچ ڪزنس: سنڌ جا آثار قديم بيان روهڙي ڪلڪتو" 1929ع.

(5)- ساڳيو

(6)- ساڳيو

(7)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 47
(8)- ”قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“، مرزا قليچ بيگ.
(9)- ساڳيو
(10)- ساڳيو



# بکر جو قلعو

شهر سکر ۽ بکر جو قلعو تاريخ ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. سنڌو درياهه جي وچ ۾ بکر هڪ وڏو ٻيٽ آهي، جنهن تي قديمي قلعو نهيل آهي، ۽ سکر ابتدائي طور درياهه جي ڪناري پتڻ طور آباد ٿيو ۽ بکر قلعي جي دفاعي طور تي هر دور ۾ وڏي اهميت رهي آهي، ڇو ته هن جي چوڌاري درياهه جو تيز وهڪرو آهي، جنهن کي عام ڏينهن ۾ به ٻيڙين کان سواءِ پار ڪرڻ ۽ هن قلعي تائين ڪنهن به حملي آور جو پهچڻ تمام ڏکيو هوندو هئو. سنڌ تي اتر ۽ اوڀر کان ڪاهه ڪندڙن کي پهرين مزاحمت هن بکر قلعي مان ٿيندي هئي، جنهن ڪري بکر جي قلعي کي سنڌ جو دروازو سڏيو ويندو هو. تاريخ جي مطالعي مان خبر پئي ٿي ته سکر ۽ بکر اوائلي وسنديون هيون، جن جو ذڪر عرب دور کان

گهڻو اڳ ملي ٿو ۽ روهڙي اروڙ جي برباد ٿيڻ کان پوءِ وجود ۾ آئي، ۽ سکر جي پٽڻ بہ پوءِ تيزيءَ سان ترقي ڪئي.
* بکر جو قلعو هن وقت لينسڊائون برج جنهن کي عام طور تي روهڙي جي پل سڏيو وڃي ٿو، ۽ ايوب پل هي ٻئي پليون سکر ۽ روهڙي ٻنهي شهرن کي ملائڻ ٿيون. لينسڊائون برج روهڙي ۽ سکر کي ملائيندڙ پهرين ريلوي پل آهي، هن جي اهميت انڪري بہ آهي، تہ هن پل جي هنڌ تي سنڌو درياءُ ٻن شاخن ۾ ورهائجي ۽ وري ملي اڳتي وڃي ٿو تہ وچ تي  وڏو ٻيٽ نهي ٿو، جنهن جي ٽڪريءَ تي بکر جو قلعو نهيل آهي، هي ٽڪري بہ اروڙ وارين ٽڪرين جي سلسلي جو حصو آهي.
* موجوده وقت ۾ بکر جي ٻيٽ تي وڃڻ تمام سولو آهي، روهڙي کان يا سکر کان روڊ رستي بکر ٻيٽ تي آرام سان پهچي سگهجي ٿو، جيڪو پڻ ننڍو خوبصورت شهر بڻجي ويو آهي، اسين بہ  اروڙ کان واپسي تي روهڙي کان ٿيندي لينسڊائون پل رستي بکر ٻيٽ تي پهتاسين.

14 نومبر تي 2018ع تي سکر جي تاريخي ماڳن جي دوري دوران اروڙ کان واپسي ٿيندي، لئنسڊائون پل رستي روهڙي کان بکر جي قلعي واري ٻيٽ تي پهتاسين، بکر جي قلعي جي موجوده صورتحال اها آهي، تہ قلعي جون ڪجهہ ديوارون زبون حال موجود آهن. بکر جي قلعي جو وڏو حصو جيڪو لئنسڊائون ۽ ايوب پل کان سکر بئراج واري پاسي تي آهي، اهو سجو فوج جي حوالي آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪو بہ عام طور تي وڃي نہ ٿو سگهي. ٻئي پاسي واري ننڍي حصي ۾ هڪ وڏي درگاهہ بزرگ صدرالدين شاهہ جي آهي، جنهن جي اندر وڃي قلعي جا ٻہ برج بہ ويجهي کان ڏسي سگهجن ٿا، ۽ قلعي جي هن حصي ۾ ڪجهہ شهري آبادي بہ  آهي، جنهن ۾ پراڻيون ماڙيون ۽ ٻيون عمارتون بہ موجود آهن. بکر جي

قلعي جي ايراضي اوير ڪان اولهه 800 گز ۽ ويڪر 300 گز آهي ۽ درياهه ڪان 25 فوٽ اونچي ٽڪري تي نهيل آهي. جنهن جا آثار به هاڻي پوين پساهن ۾ آهن.

اسان پل واري وڏي رستي تان بزرگ صدرالدين شاهه جي درگاهه واري پاسي ننڊي رستي سان هيٺ بکر قلعي ۾ لٿاسين ته هن رستي تي ئي سامنهون قلعي جي هڪ ڏکڻي ديوار نظر اچي ٿي جيڪا مزار پرسان هڪ برج ڪان ڦيرو ڪائي ٿي، آبادي ۾ اندر وڃڻ ڪان پهرين هتان ڪنڊ واري برج ڪان سواءِ سڌي ديوار سان گڏ بيٺل ٻيا به برج به نظر اچن ٿا، جيڪي پڻ ضعيف حالت ۾ آهن، ليڪن اندران ويجهو ڪان ڪوٽ ۽ سندس برج ڏسي دل خوش ٿي، ڇو ته هن قلعي جي اهميت ۽ تاريخي حيثيت تمام بهترين ۽ طاقتور رهي آهي. هن وقت هي ڪمزور آهي، ليڪن سنڌ جي تاريخ جو اهم نشان زنده سلامت بيٺو آهي، هن جي ديوار ۽ برجن کي ڏسي هن قلعي جي عروج جو تصور ڪري سگهجي ٿو، اروڙ جو ته ڪو نشان ئي نه بچيو آهي.

**** بکر قلعي جي تاريخ**

تاريخ ۾ بکر جو ذڪر عربن جي اچڻ ڪان اڳ برهمڻ گهراڻي جي دور ۽ راءِ گهراڻي جي دور ڪان به اڳ ملي ٿو، انهن جي وقت ۾ بکر اروڙ جي ماتحت هڪ دفاعي قلعو هو ۽ سڪندر آعظم جي سنڌ تي ڪاهه وقت به بکر جو قلعو قائم هيو، جنهن جو ذڪر يوناني سياحن ۽ تاريخدانن ڪيو آهي، ته هتي بينا قوم رهندي هئي جنهن ڪري هن کي بينا ننگر سڏيو ويندو هئو، ۽ ريوڙي بينا قوم کي سوڍا ڏيکاري ٿو.[1] بکر جي قديمي هجڻ جو ذڪر چچ نامي ۾ به آهي، ۽ هن قلعي کي مختلفن نالن سان لکيو ويو آهي، جيئن بينا ننگر، بکر، بڪر، بيهڪر ۽ عربن جي عباسي

حاڪمن هن کي نئين سر تعمير ڪرائي هن تي ”فرشتہ“ نالو رکيو پر اڳتي هلي وري پنهنجي اصل نالي بکر سان سڏجڻ لڳو.[2]

* سينئر آرڪيالاجسٽ، اشتياق انصاري صاحب پنهنجي تحقيقي ڪتاب سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا ڀاڱو-2 ۾ قديم ۽ اهم تاريخي ڪتابن جا حوالا ڏيندي بکر بابت لکيو آهي تہ: ”سنڌ ۾ مسلمانن جي آمد کان اڳ ئي بکر ۽ سيوهڻ جا قلعا، دشمنن سان منهن مقابل ٿيڻ جا اهم مورچا هئا، ”بکر جو قلعو هندو دؤر ۾ موجود هو، هر دور جي حاڪمن ان جي مرمت ۽ توسيع ڪئي آهي، ڇا ڪاڻ تہ انهي دؤر ۾ بکر ۽ سيوهڻ جا قلعا، سنڌ جي ٻن مکيہ رستن جون ڪنجيون سڏبا هئا.“ سيوهڻ جو قلعو افغانستان کان ٿيندڙ حملن کي روڪڻ جو اهم دروازو هو. اهڙي طرح بکر جو قلعو اتر سنڌ جي علائقن جو محافظ ۽ پنجاب کان ٿيندڙ حملن کي روڪڻ جو اهم دروازو هو.“

ساڳئي مضمون ۾ اڳتي انصاري صاحب لکي ٿو تہ: ”ريورٽي جي لکت موجب عربن جي فتح کان اڳ ٻہ اتر سنڌ ۾ ٻہ شهر اکر ۽ بکر موجود آهن، سکر کي اکر ۽ بکر کي بکر سڏيو ويندو هو، ۽ بکر تي سوڍن جي حڪومت هئي.“ محمد بن قاسم 711ع ۾ سنڌ فتح ڪئي تہ ان وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ اروڙ هو. ان وقت جو علي ڪوفيءَ ڇچنامي ۾ بکر کي فتح ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکي ٿو تہ: ”بغرور (بکر) جي مقابل ٻئي طرف جي اها اراضي، جا مهراڻ جي ڪناري تي واقع آهي.“ انصاري صاحب وڌيڪ حوالا ڏيندي لکيو آهي تہ محمد بن قاسم جي فتوحات جي سلسلي ۾ غلام ابوالعباس احمد بن يحيا جابر بلازري ٻن شهرن ”الررور“ ۽ ”بغرور“ جن مان مراد اروڙ ۽ بکر سمجهڻ گهرجي.[3]

** سکر ۽ بکر تي نالو ڪيئن پيو ان بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالحميد سنڌيءَ جو چوڻ آهي، ته سکر ۽ بکر ٻن ميدن جا نالا هئا، جن هي ٻئي وسنديون آباد ڪيون هيون، ميدن قديم زماني ۾ سکر ۽ ان جي پسگردائي ۾ پنهنجي رياست قائم ڪئي هئي، ميد سنڌ جي چند اوائلي قبلين مان هڪ آهن، جن جو ڪم مڇي مارڻ ٻيڙيون هلائڻ ۽ زراعت ڪرڻ هئو، جن مان اڳتي هلي ڪئي ذاتيون نهي ويون. مهاڻا ميدن جا پونئير آهن.[4] يوناني جاگرافي دان بطليموس بکر جو نالو "بينا ننگر" ڏنو آهي، ۽ لکي ٿو ته: "بکر ۾ انهيءَ دور ۾ بينا قوم بکر ۾ رهندي هئي."

* عرب دور ۾ اروڙ جي ويراني کان پوءِ اتي رهندڙ عرب عالمن ٻه بکر ۾ رهائش اختيار ڪئي، جنهن ڪري بکر علمي ميدان ۾ ملتان، منصوره، ڪوفي، بغداد ۽ دمشق سان همسري ڪرڻ لڳو.[5]

عرب جڏهن پنهنجي اندروني ويڙه ڪري ڪمزور ٿيا، ته مختلف پرڳڻن ۾ ڪجھ سنڌي قبيلا پنهنجي طور تي طاقتور ٿيڻ لڳا، ليڪن سنڌ تي ٻاهرين جون ڪئي سالن تائين ڪاهون ۽ ڦر لٽ جو دور رهيو، جيڪي اڪثر اولهه اتر کان ٿينديون رهيون، جن جو پهريون نشانو بکر ٿيندو رهيو آهي، جنهن جو مختصر احوال اوهان جي سامهون رکجي ٿو ته جيئن بکر قلعي جي تاريخ کي سمجهي سگهجي.

**** بکر قلعي تي حملا ۽ حڪومتون**

* عربن جي دور کان پوءِ سن 1025ع ۾ سلطان محمود غزنويءَ جي وزير عبدالرزاق سنڌ تي ڪاهه ڪئي. پهرين بکر تي قبضو ڪري، ٻه سال هتي رهيو، انتظامي معاملا پورا ڪري پوءِ سيوهڻ ۽ ٺٽي ڏانهن ويو.[6]

* غلام سلاطين بادشاهن جي 1206ع کان 1290ع تائين حڪومت رهي ۽ بکر سکر سندن ماتحت رهيو. ناصر الدين قباچہ ملتان، اچ ۽ سنڌ جو بادشاهہ رهيو.[7]

* ان کان پوءِ وري 1226ع ۾ سلطان شمس الدين التمش جي وزير نظام الدين الملڪ اچي بکر جي قلعي تي قبضو ڪيو ۽ ناصر الدين قباچہ کي قلعي مان پڄائي ڪڍيو، جيڪو سامان سان پريل ٻيڙين سميت درياهہ پار ڪندي ٻڏي مري ويو.[8]

ان کان پوءِ وري 1251ع ۾، ناصر الدين محمود بن التمش وڏي لشڪر سان اچي بکر تي حملو ڪري قلعو حاصل ڪري ورتو.

* ترڪن جو خلجي قبيلو 1288ع کان 1320ع تائين دهليءَ تي بادشاهي ڪئي، ۽ سنڌ بہ سندن ماتحت رهي. (تاريخ سکر، ص 38).

سلطان علاءُ الدين خلجي جي حڪم تي 1296ع ۾ نصرت خان ڏهن هزارن جو لشڪر ساڻ ڪري سنڌ تي ڪاهہ ڪري آيو تہ پهرين اچي بکر فتح ڪيائين، ۽ هتي قبضو پڪو ڪري پوءِ سيوهڻ ۽ ٺٽي تائين بہ ويو. وري 1320ع کان پوءِ سگهو ئي دهليءَ جي بادشاهہ سلطان غياث الدين تغلق، سنڌ ۾ سومرن جي طاقتور ٿيڻ جو ٻڌي، خواجہ خطير کي بکر جو حاڪم ڪري موڪليو.

ان کان پوءِ وري جڏهن فيروز شاهہ 1351ع ۾ دهليءَ جو بادشاهہ ٿيو، تہ هن ٺٽي ۾ سومرن کي شڪست ڏيئي، موٽي اچي بکر جي قلعي ۾ ڪجهہ ڏينهن رهيو، ۽ مَلڪ رڪن الدين کي پنهنجي پاران سنڌ جو نائب مقرر ڪري ڪيس ”اخلاص خان“ لقب ڏنائين. ڪيائين. فيروز شاهہ بنگال فتح ڪرڻ کان پوءِ وري ٻيهر بہ ۾ بکر ۾ آيو.[9]

* سومرن جي زماني ۾ بکر جو شهر علم جو وڏو مرڪز رهيو. هڪ وڏا وڏا جيد عالم ۽ فقيہ هن شهر ۾ رهندا هئا. شيخ محمد

مکي ۽ ان جا فرزند شيخ صحرائي ۽ سيد جلال سرخ بخاري هن شهر جا جيد ۽ بلند مقام بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن.[10]

* سنڌ جي سما دور جي بادشاهه ڄام انڙ سمي 1354ع ۾ اچي ترڪن کان بکر جو قلعو فتح ڪيو، ۽ وڏي عرصي سوين سالن کان پوءِ بکر جي قلعي تي سنڌين جي حڪومت قائم ٿي. سنڌ جي عظيم سلطان ڄام نظام الدين (ڄام نندو) به 1490ع ۾ ٺٽي کان بکر آيو، ۽ هڪ سال هتي رهي فسادي ماڻهن کي سيکت ڏنائين ۽ امن امان قائم ڪرايو. سنڌ تي سما دور جي ڄام نظام الدين جي وقت ۾ بکر قلعو پوري اتر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، لاڙڪاڻي ۽ سيوي تائين پاسباني ڪندو هو، ڄام سلطان هتي قاضي قادن کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو هو.[11]

* شاهه بيگ ارغون 1520ع ۾ سنڌ جي گاديءَ جي شهر ٺٽي تي قبضو ڪيو، ليڪن ان کان پهرين هن پنهنجي ٻن جرنيلن هڪ فاضل ڪوڪلتاش کي بکر قلعي تي ۽ ٻيو مرزا عيسا خان ترخان کي سيوڻ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليو، ڄام فيروز عياشين ۽ غير ذميوار هجڻ ڪري هنن ٻنهي قلعن تي وقت سر فوجي امداد نه ڪري سگهيو، جنهن ڪري بکر قلعي تي قاضي قادن هٿيارن ڦٽا ڪيا، ۽ سيوڻ تي به قبضو ٿي ويو. جنهن کان پوءِ بکر پرسان درياهه جي ڪاٻي پاسي کان رهندڙ مهر ۽ ڌاريجا مظبوط ۽ جنگجو سماٽ قبيلا هئا، جن تي ڪوڪلتاش هٿ رکي پنهنجو ڪيو، ان وقت دربيلو به بکر سرڪار جو حصو هو.[12]

* جڏهن مرزا شاهه بيگ ارغون مير فاضل جي پٽ سلطان محمود خان کي بکر جو حاڪم ڪري موڪليو هو، تڏهن هو پندرهن ورهين جي عمر جو هو. ۽ ان وقت ڌاريجا به بکر . ڪجهه وقت کان پوءِ اهي سلطان محمود خان سان مخالفت ڪرڻ لڳا ۽ ان کي تڪليفون پهچائيندا رهيا. نه رڳو ايترو بلڪ سلطان محمود خان

کي بکر مان تڙي ڪڍڻ جون ڪوششون ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ڏلن ڏيڻ کان روڪڻ ۾ ڪمر ڪشي بيٺا. سلطان محمود خان جا جيڪي عملدار وٺن ويندا هئا، تن کي بي عزتو ڪريو روانو ڪندا هئا. آخر انهن ڌاريجن روهڙيءَ جي ميدان ۾ لشڪر گڏ ڪيو ۽ سلطان محمود خان کي گرفتار ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. سلطان محمود خان به بکر جي قلعي مان نڪري انهن سان جنگ ڪرڻ لاءِ سنبريو، پر قلعي ۾ رهندڙن ڪوٺائي ساداتن جي صلاح موجب ترسي پيو. هوڏانهن وري ڌاريجن به پيرا درياهه اڪري بکر جي قلعي تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پر ڪوٺائي ساداتن کي سلطان محمود خان جي طرفان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار سيدن کي سامنهون نه ٿيا ۽ مڙي ويا.[13]

* جيڪي ڪوٺائي سادات هينئر روهڙي ۽ سکر ۾ رهن ٿا، انهن جا وڏا گهڻي وقت کان بکر جي ڪوٽ اندر حويليون ٺاهيون ويٺا هئا. ۽ جڏهن مرزا شاهه بيگ ارغون سلطان محمود کي بکر موڪليو هو، ته بکر جي قلعي ۾ رهندڙن ڪوٺائي سيدن نهايت وفاداريءَ سان سلطان محمود خان جي پنيرائي ڪئي. ڌاريجن جي مخالفت ۽ بغاوت وقت به انهن سيدن جا هٿ سلطان محمود خان جو بچاءُ ڪندا آيا، ڌاريجن هڪ پيري سلطان محمود کي قلعي مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ بکر قلعي تي پرپور طاقت سان وڏي ڪاهه ڪئي هئي ته هي سيد سلطان محمود جي حفاظت لاءِ ڌاريجن سان سامنهون ٿيا، ته ڌاريجن سيدن تي هٿ کڻڻ مناسب نه سمجهيو ۽ واپس ٿي ويا.

* جڏهن مير فاضل بکر جي نزديڪ اچي منزل ڪئي، تڏهن لالي مهر جيڪو وڏو زميندار هو، سو پنهنجن پائرن سميت سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ ڌاريجا زميندار به جدا جدا ڳوٺن مان گڏ ٿي مير فاضل جي سلام تي آيا. مير فاضل ستيتاليهن ڌاريچن

وڏيرن کي پاڻ سان بکر ۾ وٺي آيو. سلطان محمود خان پنهنجي پيءُ جي قدم بوسي اچي ڪئي ۽ دل جو سارو احوال ٻڌايو.

مرزا شاهه بيگ ارغون کي خبر پيئي، ته مير فاضل خير سان بکر پهچي ويو، تڏهن پاڻ به تڪڙيون تڪڙيون منزلون ڪري، اچي سکر جي ميدان ۾ منزل ڪيائين، ته سلطان محمود خان اتي وڃي مرزا شاهه بيگ جو سلام ڪيو، جنهن ان کي نهايت مهرباني ۽ نوازشن سان نوازيو. قاضي قاضن به پنهنجن پائرن سميت مرزا شاهه بيگ جي سلام تي آيو. سلطان محمود خان ڌاريجن جي ساري حقيقت مرزا شاهه بيگ جي اڳيان پيش ڪئي. مرزا شاهه بيگ وري قاضي قاضن ڏي منهن ڪري ان کان صلاح پڇي. قاضي قاضن عرض ڪيو، ته: ”هن ملڪ جي زمين پوسل واري آهي، جنهن ۾ ڪنڊا گهڻي قدر اپرندا آهن. زمين کي ڪنڊن کان صاف ڪرڻ واسطي ڪوڏر هميشه ڪلهي تي رکڻ گهرجي.“ مرزا شاهه بيگ انهيءَ گفتي ٻڌڻ شرط سلطان محمود خان کي حڪم ڏنو، ته ”جيڪي ڌاريجا بکر ۾ موجود هجن، تن سيني کي هڪدم وڃي قتل ڪريو.“ تنهن تي سلطان محمود خان بروقت بکر قلعي ۾ آيو ۽ جيڪي به ڌاريچا قلعي ۾ هئا، تن کي هڪڙو هڪڙو ڪري قتل ڪرائيندو قلعي جي برج تان درياهه ۾ ڦٽو ڪرائيندو ويو. ان کان پوءِ ان برج کي خوني برج سڏيندا هئا.(14)

* مرزا شاهه بيگ جي حڪم موجب بکر جي ڌاريجن کي جڏهن سلطان محمود خان قتل ڪرڻ خاطر جمع ڪيو، تنهن کان پوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو ڪوٽائي ساداتن کي ساڻ ڪري مرزا شاهه بيگ جي سلام تي آيو ۽ ساداتن جي نيڪ خدمتن ۽ خير خواهيءَ جي گهڻي تعريف ڪيائين، جنهن ڪري مرزا شاهه بيگ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ساداتن کي انعام اڪرام ڏيئي نوازيائين. جڏهن مجلس برخاست ٿي ۽ سادات به موٽي بکر ۾ ويا، تڏهن مرزا شاهه بيگ سلطان

محمود خان کان خلاصائيءَ ۾ ساداتن جو حال احوال ورتائين. سلطان محمود خان وري بہ سيدن جي تعريف ڪئي، مگر پڇاڙيءَ ۾ عرض ڪيائين تہ: ”سيد حضور جن جي حڪومت جا بيشڪ خيرخواهہ آهن، مگر سڀ هڪڙيئي ڪٽنب جا ۽ ڏاڍا بهادر جوان آهن. تنهن ڪري انهن جي جماعت جو قلعي جي اندر رهڻ خطري کان خالي نہ آهي.“ اها ڳالهہ ٻڌي مرزا شاهہ بيگ مرڪيو ۽ چيائين تہ ”ساداتن جي سفارش تو ڏاڍي چڱي ڪئي آهي.“ پوءِ مرزا ساداتن ڏي پيغام موڪليو تہ: ”ڪي مغل آيا آهن، جيڪي قلعي ۾ ئي رهندا، تنهن ڪري جيڪي بہ سادات جدا جدا حويلين ۾ رهن ٿا، سي ٻن ٽن وڏين حويلين ۾ گڏجي وڃي رهن، تہ باقي حويلين ۾ اهي مغل اچي رهندا. ساداتن انهيءَ طرح سان قلعي ۾ رهڻ ڪي سني ڳالهہ نہ سمجهي، ان ڪري مرزا شاهہ بيگ ڪي چورائي موڪليائون تہ: ”مغل قلعي ۾ اچي رهن، تنهن کان اڳ اسان ڪي اجازت ڏيو، تہ ڪوٽ کان ٻاهر وڃي رهون، اها ڳالهہ ٻڌي مرزا شاهہ بيگ انهن ساداتن ڪي روهڙيءَ ۾ رهڻ لاءِ زمينون ڏنيون، جتي هو پنهنجون حويليون اڏائي اچي رهيا ۽ اڄ تائين سندن اولاد روهڙيءَ ۽ سکر پراڻي ۾ رهندو اچي ٿو.

* سن 1542ع ۾ همايون بادشاهہ هندستان مان شڪست کائي سنڌ آيو ۽ بکر تي چڙهائي ڪري حاصل ڪرڻ چاهيائين، ليڪن ناڪام ٿي پوءِ اتان ٿر ڏانهن روانو ٿيو.

* 1555ع ۾ مرزا عيسا خان ترخان ۽ سلطان محمود خان جي بکر ۾ لڙائي لڳي، پر مرزا عيسا خان نااميد ٿي موٽي ٺٽي ويو. سگهو ئي پوءِ ٺٽي جا ارغون بہ مرزا عيسا کان رنج ٿي سلطان محمود خان وٽ آيا ۽ بکر ۾ رهي پيا.

* سن 1574ع ۾ سلطان محمود خان جي مرڻ تي، اڪبر بادشاهہ ڪيسو خان کي بکر جو حاڪم مقرر ڪيو، ۽ پوءِ هڪٻئي پٺيان

مير عدل ۽ اعتماد خان آيا، ۽ پوءِ مسند علي خان بهادر ۽ راجا پرمانند گڏ مقرر ٿي آيا، جن کان پوءِ نواب محمد صديق خان مقرر ٿي آيو. 1587ع ۾ بکر نواب اسماعيل قلي خان کي جاگير طور مليو، ۽ هن جو پٽ رحمان قلي بيگ بکر ۾ اچي رهيو. ان کان پوءِ اها جاگير شيرويہ سلطان کي ملي، جو نشئي هو. تنهنکري 1589ع ۾ بکر وري بہ نواب محمد صديق خان کي جاگير تي مليو. انهيءَ سال ۾ نواب خانخانان مرزا جاني بيگ سان وڙهڻ لاءِ بکر ۾ آيو، ۽ پوءِ هن کي وٺي بادشاهہ ڏانهن ويو. ۽ سنڌ جي مال تي ڌارين جي ڦر لٽ هلندي رهي. پوءِ اکبر بادشاهہ پاران ابوالقاسم نمکين بکر جو حاکم مقرر ٿيو، جنهن ستين جو آستان وارو ٿلهو ۽ ٻيا بہ يادگار نهرايا، هن کان پوءِ اکبر بادشاهہ پاران 1598ع مير معصوم شاهہ بکر جو گورنر مقرر ٿيو، جنهن جو تفصيلي احوال الڳ مضمون ۾ ڏنل آهي.

* سن 1736ع ۾ بکر ۽ سيوهڻ ۽ ٺٽي جي حڪومت ميان نور محمد ڪلهوڙي کي ملي. جنهن کي "خدا يار خان" لقب مليو. انهيءَ ڏاري شاهزادو محمد معزالدين بہ بکر ۾ آيو، ۽ انهيءَ سال ۾ ميان نور محمد کي بکر ۽ سيوهڻ ۽ ٺٽو، يعني ساري سنڌ ملي. بہ ورهيہ پوءِ، جڏهن نادر شاهہ آيو، تڏهن انهيءَ بہ ميان کي قائم ڪيو ۽ "شاهہ قلي" جو خطاب ڏنائينس.

** بکر جي قلعي جي مختلف وقتن ۾ تعمير، ترقي ۽ مرمت ٿيندي رهي آهي، جيکي بہ قلعي جا حاکم بڻيا، انهن پنهنجي طور تي مرمت ۽ سڌارا آڻڻ جو ڪم ڪرايو آهي. اوائلي قلعي کي ٻٽي ديوار ڏنل هئي، بکر جي قلعي جي پهرين مرمت چوٿين صدي هجري جي آخر ۾ بنو عباس جي حڪومت دوران ٿي، ٻيو ڀيرو مرمت 555 هجري ۾ غزني جي حاکم ڪرائي، ٽيون ڀيرو سن 926 هجريءَ ۾ شاهہ بيگ ارغون ڪرائي، جنهن اروڙ جي قلعي جون

پڪيون سرون ڪيرائي بکر جي قلعي جي ٻٽي ديوار تي لڳرايون، ديوارن جي اونچائي 30 کان 35 فوٽ ڪرايائين. قلعي جا دروازا ۽ برج بہ مضبوط ڪرايائين ۽ ڪجھ نوان برج بہ تعمير ڪرايائين، جنهن مان هڪ وڏي برج تان ڏوهارين کي سزا طور هيٺ درياھ ۾ اڇلائي ماريو ويندو هئو. جنهن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ سلطان محمود بکري گورنر مقرر ٿيو ۽ هن بکر جي قلعي جي چوٿون ڀيرو 948 هجري ۾ مرمت ڪرائي سلطان محمود بکريءَ قلعي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٽين ديوار تعمير ڪرائي، جنهن جي اونچائي 40 فوٽ هئي، ست دروازا لڳرايا نئين ديوار سان نوان مستر برج ٺهرائي قلعي کي ناقابلي تسخير بڻايو ويو، پنجو ڀيرو مرمت 1152 هجري ۾ نادر شاھ افشار ڪرائي. ڇهون ڀيرو بکر جي قلعي جي مرمت 1192 هجري ۾ شڪارپور جي درائي گورنر غلام صديق خان ڪرائي، جنهن جي حڪومت 1773ع کان 1783ع تائين رهي ۽ افغان بادشاھ امير تيمور خان پاران گورنر مقرر ٿيل هئو.(15)

* رياست خيرپور جي ٽالپرن حوالي بکر ۽ سکر 1809ع ۽ 1824ع جي وچ واري دور ۾ ٿيو. 1833ع ۾ قنڌار (افغانستان) جي جنگجو شاھ شجاع ۽ ميرن جي سکر وٽ جنگ لڳي، ليڪن پوءِ معاهدو ڪري بکر ۽ سکر ٽالپرن واپس ورتو. مير نصير خان جي ڏينهن ۾ انگريزن بکر جو قلعو پنهنجي لشڪر لاءِ ٽالپرن کان اڌارو ورتو، ڇو تہ سندن لشڪر شاھ شجاع پناڻ جي مدد لاءِ ٽي ويو. 1842ع ۾ وري انگريزن ميرن سان عهدنامو ڪري، بکر، سکر، روهڙي، ٺٽو ۽ ڪراچي پنهنجي ڪم لاءِ ورتا. ۽ پوءِ جڏهن سنڌ انگريزن فتح ڪئي، تڏهن بکر ۾ توپخاني جي بارود ناهڻ ۽ رکڻ جو بندوبست ڪيائون. 1843 ۾ انگريزن (جنرل چارلس جيمس نئپيئر جي اڳواڻيءَ ۾) ٽالپرن کي حيدرآباد ويجهو مياڻي ۽ دبي وٽ لڙائين ۾

شڪست ڏني ۽ هو سکر ۽ باقي سنڌ جا 1947 تائين حاڪم ٿي رهيا. اڄ وارو سکر ضلعو 1901ع ۾ نهيو جيڪو ڪجهه حصو شڪارپور ضلعي مان ته ڪجهه لاڙڪاڻي مان ڪڍي ناهيو ويو هو.

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت ٿيڻ سان هنن اسڪولن، اسپتالن، ريلوي، امن امان ۽ انصاف تي زور ڏنو. ڪراچي کان سکر ريلوي پهچڻ تي هنن روهڙي ۽ سکر کي ڳنڍڻ لاءِ پل جو بندوبست ڪيو جيئن سامان ٻيڙين رستي ڍوئڻ بدران ريل کي ڪتب آندو وڃي.

بحرحال هن خوبصورت جزيري جي حسن جي واکاڻ ڏيهن ۾ مشهور رهي آهي، بکر جي قلعي جي آسپاس جي زرعي زمينن جي پيداوار ۽ هر موسم جي ڦلدار باغن باغيچن جي ڪري هي علائقو هميشه معيشت ۾ مضبوط رهيو آهي. جنهن ڪري سدائين ڌارين جي لٽ ڦر جو نشانو بڻايو ويو آهي، مٿي بيان ڪيل تاريخي حقيقتن مان ۽ سڄي سنڌ جي تاريخ مان، واضح اها ڄاڻ ملي ٿي ته مال زر جي لالچ ۾ هڪڙا لٽيرا وحشي ٻاهران لشڪر ڪاهي ايندا رهيا، ۽ هتي انهن کان اڳ ۾ آيل پير ملان انهن جي لاء رستا ناهيندا صاف ڪندا رهيا آهن، ۽ سنڌين کي تعويذ ڌاڳي پيري مريدي جي ڄار ۾ ڦاسائي، حملا ڪندڙن جا وفادار رهيا آهن، ڌرتي ڌڻين جي ڦر لٽ ۾ ٻاهرين جا ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا رهيا آهن. ڪجهه نيڪ مرد عالم ۽ فاضل به هتي آيا آهن، ليڪن انهن جو تعداد تمام گهٽ آهي. بکر جي تاريخ ۾ به معلوم ٿئي ٿو ته ساڳيا لٽيرا ۽ نڱ اڪثر وقتن ۾ هتي جي خوشحالي جو فائدو وٺندا رهيا آهن، ۽ سنڌ جي مال خزاني تي هڪ ٻئي سان وڙهندا رهيا به رهيا آهن، ۽ جنهن وقت به ڌرتيءَ ڌڻي سجاڳ ٿيا آهن ته هڪڙن دشمنن هنن کي مذهبي گوري ڏئي سمهاريو آهي ته ٻين دشمنن هنن کي غافل ڏسي راتاهو لڳايو آهي. تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي، ۽ اسان

جي وطن جي خوشحالي اسان جي ڪم نہ آئي آهي. صديون گذرڻ باوجود اڄ بہ ساڳيو حال آهي.

هن اوائلي ۽ تاريخي قلعي کي انگريزن خيرپور رياست جي ٽالپر حڪمرانن کان معاهدو ڪري هٿ ڪيو ۽ هتي بارود خانو ۽ بارود ٺاهڻ جا ڪارخانا ٺاهيا ۽ هن شاندار قلعي کي برباد ڪري ڇڏيو ، بکر جي قلعي جي موجوده صورتحال اها آهي تہ قلعي جون ڪجهہ ديوارون زبون حال موجود آهن. بکر جي قلعي جو وڏو حصو جيڪو لئنسڊائون ۽ ايوب پل کان سکر بئراج واري پاسي آهي اهو سڄو فوج جي حوالي آهي جنهن ۾ ٻيو ڪو بہ وڃي نہ ٿو سگهي ٻئي پاسي واري ننڍي حصي ۾ هڪ وڏي درگاهہ بزرگ صدرالدين شاهہ جي آهي، هن حصي ۾ اندر وڃي قلعي جا ٻہ برج بہ ويجهي کان ڏسي سگهجن ٿا، ۽ ڪجهہ آبادي آهي جنهن ۾ پراڻيون عمارتون بہ آهن. ماضيءَ ۾ هي قلعو پوري اتر سنڌ ۽ سبي جنهن کي سيوي سڏيو ويندو هو، ان تائين پوري علائقي جي حفاظت ڪندو هو. هن وقت هن جا آثار بہ هاڻي پوين پساهن ۾ آهن. حڪومت کي گهرجي تہ هن تاريخي اوائلي قلعي کي اصلي شڪل ۾ بحال ڪري سياحت لاءِ کوليو وڃي. ۽ سنڌو درياهہ جي بيٽ تي هتي، تفريح گاهہ ٺاهي وڃي تہ هي تاريخي جزيرو نہ صرف سنڌ ليڪن پوري ملڪ جو هڪ منفرد ۽ خوبصورت تفريح گاهہ بڻجي دنيا جي سياحن ۽ تاريخ سان چاهہ رکندڙن لاءِ پوري دنيا ۾ مشهوري ماڻي سگهي ٿو.

بکر جي قلعي جي حاڪمن، پِيرن ۽ بزرگن جي تعريف ۾ تاريخ ڀري پئي آهي، ۽ اڄ تائين بہ سندن پونئرن جي آشيرواد سان حاڪمن جون سخاوتون ۽ پِيرن جون ڪرامتون قلم بند ٿي رهيون آهن، پر مستند سمجهيا ويندڙ تاريخ جا ڪتاب سکر بکر جي علائقي ۽ ڀرپاسي رهندڙ اصل ڌرتي ڌڻين، پورهيتن، هنر مندن،

راڄن، برادرين، ذاتين، قبيلن ۽ زميندارن جي لاءِ بلڪل خاموش آهن. جنهن ڪي انتهائي بي حسي چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جن جي محنت ۽ پورهيي سان ڪوٽ نهيا ۽ حڪومتون قائم ٿيون، اُنهن بابت ڪٿي بہ ڪو هڪ جملو نظر نہ ٿو اچي، جيڪا منهنجي نظر ۾ تاريخي نا انصافي آهي.

اسان قلعي اندر بزرگ صدرالدين شاھ جي مزار پرسان واري آباديءَ ۾ دوست سليم مهر جونيئر جي گهر تي مانجهاندو ڪيوسين، پوءِ بکر بيٺ جي پل واري مک رستي کي پار ڪري قلعي جي ٻئي پاسي پرسان سنڌوءَ جي ڪناري واري رستي سان هن پاسي وارو بکر قلعي جو حصو ٻاهران کان ڏسندي ساڌ ٻيلو لاءِ روانا ٿياسين دوست سليم مهر جونيئر تي ئي ساڌ ٻيلو ۽ ستين جو آستان گهمائڻ جي ذميواري بہ رکيل هئي، جنهن ساڌ ٻيلي لاءِ اڳواٽ اجازت نامو بہ وٺي ڇڏيو هئو، جنهن ڪري آئون ۽ رفيق چاچڙ ساڻس ساڌ ٻيلو ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين.

**حوالا:**

(1)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو15
(2)- ”جنت السنڌ“، رحيمداد خان مولائي شيدائي.
(3)- ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ (ڀاڱو-2) اشتياق انصاري، صفحو 83
(4)- ”سکر تاريخ ۽ سماج“ ڊاڪٽر ڪليم لاشاري.
(5)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 29
(6)- ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ (ڀاڱو-2)، اشتياق انصاري، صفحو 90
(7) ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 31
(8)- ”جنت السنڌ“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 259

(9)- ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ (ڀاڱو-2) اشتياق انصاري، صفحو91
(10)- ”تاريخ سومره سنڌ“، وزير علي.
(11)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 58
(12) ”ساڳيو“، صفحو59.
(13)- ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ (ڀاڱو-2)، اشتياق انصاري، صفحو 92
(14)- ”ساڳيو“ صفحو 93
(15)- ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“(ڀاڱو-2) اشتياق انصاري، صفحو 116



## سَتِيُن جو آستان

نومبر 2018ع ۾ سکر جي تاريخي ماڳن جي دوري ڪرڻ دوران سليم مهر جونيئر سان آءُ ۽ ايڊوڪيٽ رفيق چاچڙ مشهور تاريخي ماڳ ”ستين جو آستان“ ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. سکر کان بئراج رستي سنڌو درياهه پار ڪري روهڙيءَ پاسي روانو ٿياسين، ستين جو آستان روهڙيءَ کان ٿورو پهرين روڊ جي کاٻي پاسي تي سنڌوءَ درياهه جي ڪناري هڪ ننڍي ٽڪريءَ جي مٿاڇري تي نهيل پڪي ٿلهي تي نهيل هڪ ننڍو ۽ خوبصورت قبرستان آهي. ٽڪريءَ جي هيٺاهين کان مٿي وڃڻ لاءِ پٿر جي ڏاڪڻ نهيل آهي. ٽڪريءَ جي ٽن پاسن کان درياهه آهي، مٿي چڙهڻ واري ڏاڪڻ واري پاسي اڳيان به درياهه جي پاٽيءَ تي ڪوسٽ گارڊ وارن جي

مسلح لانچ بيٺل نظر آئي، اسين ڏاڪڻ تي مٿي چڙهياسين ته وچ تي ٻنهي پاسن کان هجرا نهيل نظر آيا، ليڪن جڳاڙي مجاور گهرن ۾ وڃڻ کان روڪيو ته هيڏي پاڪن جون قبرون آهن ۽ مردن جو وهڻ منع آهي. مجاور جي پرسان هڪ فقيراڻي ويس ۾ عورت ويٺي هئي مون کي ٻئي منشيات فروش محسوس ٿيا. اسين مري ٽڪريءَ تي هليا وياسين، مٿي ابوالقاسم نمڪين جو خوبصورت تاريخي قبرستان گهٽي عرصي کان پوءِ ويجهڙائيءَ کان ڏسي رهيو هيس، قبرستان جي ٿلهي ۽ سندس چئني ڪندن تي نهيل خوبصورت مينارن جي تازي مرمت ٿيل نظر آئي، پراڻي ئي ڊزائين جون نيون ٽائلون وڏي نفاست سان لڳل هيون، جنهن ڪري هي تاريخي ماڳ تمام خوبصورت نظر اچي رهيو هيو. ابوالقاسم نمڪين ۽سندس خاندان جي قبرن ۽ ڪتبن جي به بحالي ڪئي وئي هئي جنهن ڪري اهي صاف ۽ سنيو نظر اچي رهيون هيون، مون قبرن جي ڪتبن پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن سمجهي نه سگهيس ته سين ڪتبن جون تصويرون ڪڍيون.

* هن ٽڪريءَ کي عام طور تي ”ستين جو آستان“ سڏيو ويندو آهي. ان جو سبب هڪ روايت آهي، ته هتي ست هندو عورتون ستيون ٿيون هيون. ٻيءَ روايت آهي ته اتي ستن درويشن پنهنجو آستانو قائم ڪيو هو، تاريخي ڪتابن ۾ انهن ٻنهي ڳالهين جو ڪو به ثبوت نه ٿو ملي، ۽ نه وري ڪائي وزندار تصديق ٿي ٿئي.

* تاريخ ۾ هن ٽڪريءَ جو ذڪر مير ابوالقاسم نمڪين جي قبرستان واري ٽڪري طور ملي ٿو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن ٽڪريءَ کي قبرستان ٺهڻ کان اڳ به ”ستين جو ٿان“ سڏيو ويندو هو، يعني ستين جو آستان- هي قبرستان روهڙي جي سول ڪورٽ جي ويجهو، اتر ۽ اولهه جي ڪنڊ تي درياهه جي ڪپ تي هڪ بلند ٽڪري مٿان نهيل آهي. اوير کان ٻن فرلانگن جي پنڌ تي

لئنسڊائون پل ۽ ايوب پل آهن. سامهون اتر ڪان درياهه جي ٻي پر سکر جو شهر آهي ۽ ڏکڻ اوڀر ڪنڊ تي ٻن ٽن فرلانگن جي فاصلي تي روهڙي جو شهر آهي. اوڀر ڪان بکر جي قلعي جون ديوارون ۽ برج ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڌ ٻيلو اتر ڪان درياهه جي وچ تي سامهون موجود آهي. جاءِ وقوع جي لحاظ ڪان هي ٽڪرو بي مثال آهي. چارئي طرف ڪليل ڪوهن تائين نظر پوي ٿي، قدرتي مناظر صبح شام پري پري تائين ڏسي سگهجن ٿا. سڄو ڏکڻ طرف انبن ۽ ڪجين جي باغن سان ڀريو پيو آهي، سکر ڪان ايندڙ رستو (پراڻو قومي شاهراهه) درياهه جو ڪپ ڏيو، انهي ٽڪري جي پهلو کي ڇهندو روهڙي ڏانهن وڃي ٿو.

تاريخي طور سنڌ جي هڪ مضبوط ڏند ڪٿا آهي، ته جڏهن مسلمانن بکر تي حملو ڪيو هو تڏهن شاهي گهراڻي جي عورتن پنهنجي ست بچائڻ لاءِ انهي جڳهه تي پاڻ کي باهه ۾ ساڙي آپگهات ڪيو هو، جنهن ڪري ان تي ستين جو ٿان نالو پيو آهي، پر پوءِ مسلمانن ان جاءِ تي قبرون نهرائي ان جاءِ کي پنهنجي شناخت ڏني، ليڪن هن ماڳ کي اڄ بي ستين جي آستان سڏيو وڃي ٿو.

## ⁕ مير ابوالقاسم نمڪين

جو ذکر برصغير تي مغل دور جي حڪومت دوران جي تاريخن ۾ شهنشاهه اڪبر ۽ جهانگير جي دور جي هڪ امير ۽ نواب طور ملي ٿو. مير ابوالقاسم نمڪين بابت ڄاڻ ملي ٿي ته پاڻ حسيني هروي (هرات جو) سيد هو. سندس والد جو نالو مُلا مير سبزواري هو. جيتوڻيڪ ميرابوالقاسم نمڪين برِصغير سطح تي مختلف ماڳن ۽ جدا جدا عهدن تي ڪم ڪيو، تڏهن به اسان وٽ سندس اهميت، بکر، سبي ۽ سيوهڻ جي حاڪم طور نمايان ملي ٿي.

رحيمداد خان مولائي شيدائي لکيو آهي ته: ”ميرابوالقاسم نمڪين نه رڳو سياست ۽ تلوار ۾ مجيل ڪردار هو. جنهن ڪري شهنشاهه اڪبر کيس پهرين خوشاب ۽ پيري جا پرڳڻا کيس جاگير طور ڏنائين ۽ پوءِ 1003هجري ۾ بکر کيس جاگير طور ڏنائينس.“[1]

مير ابوالقاسم نمڪين بهادر سپهه سالار هجڻ سان گڏ ساڳئي وقت بطور مصنف ۽ اهل قلم جي به هن کي وڏي مڃتا ملي آهي، سندس مشهور تصنيفن ۾ منشئات النمڪين ۽ جوامع الجواهر شامل آهن. ”تاريخ مظهرشاهجهاني“ جو مصنف يوسف ميرڪ سندس فرزند هو. هن جو ٻيو پٽ امير خان به مشهور هو، انهيءَ جو اولاد ٺٽي ۾ وڃي رهيو. مير نمڪين اڪبراعظم ۽ جهانگير جي دور ۾ پورا اٺيهه سال مختلف عهدن ۽ مرتبن تي رهي، 1018 هجري ڌاري قنڌار کان موٽندي واٽ تي انتقال ڪيائين ته سندس لاش سکر آندو ويو ۽ روهڙي جي هن ٽڪريءَ تي سندس پاران جوڙايل صفحه صفا/ستين جي آستان تي سندس وصيت مطابق دفنايو ويو.[2]

مير ابوالقاسم نمڪين جڏهن بکر ۾ حاڪم ٿي آيو ته بکر کي ئي پنهنجي رهائش لاءِ پسند ڪيائين ۽ اتي ئي پنهنجا يادگار نهرائڻ شروع ڪيائين. تڏهن انهي ٽڪري جو ماحول، جاءِ وقوع ۽ پرپاسي جا ڏيک کيس پسند آيا ۽ هن انهي ٽڪري جي چوٽي کي صاف ڪرائي، هموار ڪري، چوڌاري ديوار ڏئي، پڪين سرن جو فرش ٻڌرائي، چئني ڪندن کان چار منارا ۽ گوشا ٺهرائي، ان کي پنهنجي خاندان جي قبرستان طور ڪتب آڻڻ جو ارادو ڪيو، مگر ان کان اڳ جو فوتين کي اتي دفن ڪيو وڃي، مير صاحب ان جاءِ کي چاندوڪين راتين ۾ مجلسن لاءِ ڪتب آندو ۽ ان جو نالو ”صفه صفا“ رکيائين.[3]

لب تاريخ جي مصنف انهي پهاڙي کي ”قاسم خواني“ جي نالي سان سڏيو آهي، انهي پهاڙي جي ايترن جدا جدا نالن جي هوندي اڄ بہ هن ماڳ کي ستين جي آستان سڏيو وڃي ٿو. ”هن ٽڪريءَ کان ڏکڻ طرف چند ڪلوميٽرن تي سنڌ جو تمام پراڻو گادي جو هنڌ اروڙ آهي، جنهن کي عربن فتح ڪان پوءِ الور سڏيو، مير ابوالقاسم جي زماني ۾ اهو مير صاحب جي جاگير ۾ شامل هو.“[4]

مير ابوالقاسم سنگتين ساٿين عالمن ۽ اديبن کي چانڊوڪين راتين ۾ انهي ٽڪري تي گڏ ڪري مجلسون ڪري قدرتي نظارن مان سڀ لطف اندوز ٿيندا هئا. انهيءَ صحن تي چانڊوڪين راتين جون مجلسون مير صاحب جي زندگي تائين قائم رهيون. 1018ھ ۾ مير نمڪين پھريون پاڻ ان ٽڪري تي آرامي ٿيو ۽ بعد ۾ اصلي مقصد مطابق اهو سندن خاندان جو قبرستان ٿي ويو. ڏکڻ کان مٿي پهچڻ لاءِ جيڪا ديوار آهي، ان جي بنهي پاسن کان خوبصورت صحرا ٺهيل آهن، جيڪي ڏينهن ۾ آرام جي لاءِ ڪتب ايندا هئا، اهڙي طرح اتر جي طرف کان اوپر ۽ اولهہ جي ڪنڊن تي بہ حجرا آهن جن جو رخ درياهہ طرف آهي، جيڪي صبح شام درياهہ جي نظاري ڪرڻ لاءِ نشيمن جو ڪم ڏيندا هئا. ”فرش جي سطح کان پنج فوٽ چار انچ اوچائي تي هڪ ٿلهو ٺهيل آهي جنهن جي ڊيگهہ 48 فوٽ 6 انچ ۽ ويڪر 38 فوٽ آهي. ڏهہ قبرون آهن، جن مان مکيہ مير ابوالقاسم نمڪين جي آهي. انهي ٿلهي تي چئني ڪنڊن تي چار منارا ترڪي منارن جي نموني تي آهن، جيڪي پنج فوٽ کن اوچا ٿيندا. نمبر 9 ۽ 10 قبرون چوني جي پلاسٽر جون آهن باقي سڀ پٿر جون آهن، جن تي اڪر جو ڪم ٿيل آهي، هي قبرون اڪر جي بهترين ڪم جو شاهڪار آهن.“[5]

هن شاندار شاهي قبرستان ۾ سڀ کان نمايان قبر بکر جي حاڪم ابو القاسم نمڪين جي آهي، جيڪو اڪبر اعظم جي وقت ۾ بکر ۽ سيوهڻ جو جاگيردار هو ۽ پوءِ جهانگير جي دور ۾ قنڌار لڳ هڪ لڙائيءَ ۾ 1018 هجريءَ (1609ع) ۾ مارجي ويو هو. سندس لاش سکر آندو ويو ۽ پوءِ روهڙيءَ لڳ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو. ٻيون قبرون سندس ويجهن مائٽن جون آهن. ستين جي آستان جا ٻيا نالا قاسم خاني ۽ صفن صفا آهن، جتي پهرين قبر ابو القاسم جي نهي ۽ پوءِ هي ماڳ شاهي خاندان جي قبرستان ۾ تبديل ٿيو آهي. قبرستان ۾ موجود قبرون 1018 هه کان 1301 هه جون آهن.

گهڻي وقت گذرڻ ۽ مرمت نہ ٿيڻ ڪري، هي مير ابوالقاسم جو نهرايل قبرستان زبون تي ويو هو، منارا ڍهي اچي پٽ پيا هئا، قبرون ڍهي ويون هيون ۽ ڪتبا منتشر ٿي چڪا هئا. ليڪن هن ماڳ جي خاص اهميت ۽ ٽڪريءَ جي چوڌاري جي خوبصورت نظارن محڪمہ آثار قديمہ کي متاثر ڪيو، جنهن ڪري محڪمي هن ماڳ کي پنهنجي حفاظت ۾ ورتي، ان جي نئين سر تعمير ۽ مرمت ڪري قبرستان کي اصلي حالت ۾ آندو منارا ٺاهيا ويا، قبرن جي مرمت ڪري مٿن اصلي ڪتبا لڳايا ويا فرش لڳايو ويو ۽ حدبندي واري ديوار ٻيهر مضبوط ڪئي وئي ۽ حجرن کي بہ مرمت ڪري استعمال لائق ڪيو ويو جن تي هاڻي ڄڱاڙي فقيرياڻن جو قبضو آهي. ليڪن سنڌودرياهہ ڪناري ”ستين جو آستان“ تمام خوبصوت منظرن وارو ماڳ آهي، جيڪو درياهہ جي هر طرف کان پاڻ بہ خوبصورت ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هن ماڳ تي پهچڻ کان پوءِ هن جي چوڌاري دلفريب نظارا آهن، جن ۾ سنڌو درياهہ جا خوبصورت منظر ۽ ماڳ جي سڄي هٿ تي لينسڊائونس پل ۽ ايوب پل، سامهون بکر جو تاريخي قلعو ۽ بکر جي قلعي ۽

ساڌ ٻيلي جي ٻيٽن پويان سنڌو درياهه جي ويڪري پيٽ جي پريان سکر شهر جون خوبصورت اوچيون عمارتون ۽ انهن جي وچ ۾ معصوم شاهه جو منارو، ڪٻي هٽ تي ساڌ ٻيلو ۽ سکر بئراج ۽ بئي پاسي نيشنل هاءِ وي پريان انبن ۽ ڪجين جي خوبصورت باغن جا منظرن آهن، ۽ هنن سڀن منظرن جو هيءَ ٽڪري مٿاهون خوبصورت مرڪز آهي. هن ٽڪريءَ جي چوڌاري نظر ڦيرائڻ سان جيڪي خوبصورت منظرن نظر اچن ٿا، انهن جي خوبصورتي لفظن ۾ بيان نه ٿي ڪري سگهجي. هن خوبصورت ماڳ جي هر طرف جا منظر اکين مان اوتجي دل جي گهراين ۾ پهچي ذهن کي سڪون بخشين ٿا.

**حوالا**

(1)- "تاريخ سکر"، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو94
(2)- "ساڳيو"، صفحو95
(3)- "ساڳيو"
(4)- "ساڳيو" صفحو96
(5)- "ساڳيو"، صفحو97

روزاني ايڪتا 2 جنوري 2020ع



## معصوم شاه جو منارو
## ۽ ٻيا تاريخي ماڳ

سونهاري سنڌ جي هر شهر جي پنهنجي اهميت آهي، ليڪن سکر شهر تاريخي ماڳن جي ڪري خاص حيثيت رکندڙ آهي، سکر شهر جي خوبصورتي وڏو سبب سنڌو درياهه ۽ ان تي ٺهيل بئراج ۽ ٻيون پليون به آهن. جنهن ڪري هن شهر جا منظر تمام خوبصورت ۽ دلڪش آهن. سکر / بکر جي اهيمت سنڌو درياهه جي اروڙ کان رخ مٽائڻ کان پوءِ وڌي وئي ۽ خوش قسمتيءَ سان سنڌو درياهه اڄ به سکر کان وهي رهيو آهي، جنهن ڪري سکر شهر جي اهميت ۽ خوبصورتي ان به قائم آهي.

آءٌ ڀهريائين سکر/بکر جي شروعاتي دور جو ذڪر ڪري آيو آهيان، جنهن ۾ بکر جي قلعي جي اهميت ۽ مشهوريءَ جو بہ ذڪر ٿيل آهي، ۽ هن قلعي ڪي سنڌ جو اهم دروازو سڏيو ويندو هو، اروڙ جي ڦٽڻ کان پوءِ بکر قلعي جي اهميت وڌي وئي ۽ اڳتي هلي اتر سنڌ جي گادي جو هنڌ بڻجي ويو، تہ آبادي وڌڻ لڳي ۽ بکر جو قلعو ۽ ٻيٽ محدود هئو، جنهن ڪري سنڌس سامهون سکر پاسي بہ سرڪاري ۽ ٻيون پڪيون جايون نهڻ شروع ٿيون ۽ شهر آباد ٿي ويو، جنهن ڪي هاڻي پراڻو سکر سڏيو وجي ٿو. مغل شهنشاهي دور ۾ سکر واري پاسي تي تاريخي عمارتن جي اڏاوت شروع ٿي، پهرين مير ابو قاسم نمڪين جڏهن بکر جو حاڪم مقرر ٿيو، تہ هن تعيراتي ڪم ڪرايا، هن مسجدون ۽ عيد گاهہ ٺهرايا جيڪي هاڻي بلڪل متجي چڪا آهن، ليڪن سنڌس اهم يادگار ”صفہ صفا“ ستين جو آستان اڄ بہ روهڙيءَ پاسي درياهہ جي ڪناري موجود آهي. ابوالقاسم نمڪين ۽ ستين جي آستان جو الڳ تفصيلي احوال لکبو، هن مضمون ۾ مير معصوم شاهہ ۽ سکر جي سيڻ کان نمايان ۽ اهم تاريخي ماڳ مير معصوم شاهہ جي مينار، مير صاحب ۽ سنڌس اڏايل ٻين تاريخي عمارتن جو زڪر اوهان جي سامهون رکجي ٿو.

### ❋ مير معصوم شاهہ

سکر جي معصومي سيد گهراڻي جو فرزند مير معصوم شاهہ بکري جنهن جي پيدائش 944هہ.[1] سنڌس والد جو نالو سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ ترمنذي هئو، جن جي نسبت مشهور اولياءُ ”حسن ابدالي“ سان ٻڌائي وجي ٿي.

مير معصوم شاهہ پهريان بکر جي حاڪم سلطان محمود خان وٽ سرڪاري عهدي تي مقرر ٿيو ۽ پوءِ شهنشاهہ اڪبر جي دربار

۾ اميريءَ جو منصب ماڻيائين. هن 1595 ۾ مغل فوج جي ڪمان ڪندي بلوچستان جي سبيءَ وارو علائقو فتح ڪري مغل سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان بعد 1598ع ۾ اڪبر بادشاهه پاران کيس سنڌ جو نواب مقرر ڪيو ويو ۽ هن پنهنجي شهر سکر کي ترقي ڏيارڻ لاءِ وڏا تعميراتي ڪم ڪرايا ۽ 1014هه/ 1605ع ۾ وفات ڪيائين.[2]

پير علي محمد راشدي لکيو آهي ته: ”سکر ۽ روهڙيءَ ۾ مير محمد معصوم گهڻيون عمارتون تعمير ڪرايون آهن. مسجدون ۽ مذهبي عمارتون تعمير ڪرائڻ هن جو مشغلو هو. عمارتن ۾ جيڪو پٿر استعمال ٿيندو هو، انهن کي پنهنجي نقاشي نمونن تي نهرائيندو هو. تاريخ ڪڍڻ جي فن ۽ ڪتبا نهرائڻ ۾ يگانه عصر هو. ان کان سواءِ خوشخطي جو وڏو ماهر هو. هڪ دفعي اڪبر پاران شاهي سفارت سان ايران ويو هو، ۽ هندوستان کان وٺي تبريز تائين ۽ اصفهان تائين پنهنجي سفر جا حالات مسجدن ۽ خاص عمارتن تي نقش ڪندو ويو. آگره جي قلعي جي دروازي، فتح پور سيڪري جي جامع مسجد ۽ ٻين مسجدن تي هن جا ڪتبا لڳل آهن. بکر جي آسپاس هن گهڻيون عمارتون جوڙايون. سندس منارو اڃا به موجود آهي. هن گهڻا ڪتاب نثر توڙي نظم ۾ لکيا. ”تاريخ معصومي“ سنڌ جي احوال بابت مشهور آهي. شعر ۾ سندس تخلص ”نامي“ سندس خلاصو ”طب نامي“ اڃا موجود آهي.[3]

* مولائي شيدائي تاريخ سکر ۾ لکي ٿو ته: ”مير محمد معصوم صاحب سيف و قلم هو فنِ شاعري ۾ سندس تخلص ”نامي“ هو ۽ صاحب ديوان هو. ديوان نامي کان سواءِ هن عالم فاضل سنڌ جي مشهور افساني ”سسئي پنهون“ کي پارسي ۾ منظوم ڪري مٿس ”ناز و نياز“ نالو رکيو. مختلف لڙاين ۾ بهادريءَ جا جوهر ڏيکاري، نوابي جو لقب ۽ عهدو حاصل ڪيائين ۽ دربار اڪبري کان جاگير حاصل ڪيائين. پنهنجي وقت جو باڪمال معمار هو ۽

سندس خوش نويسي جي ثبوت لاءِ سندس ڪتبا دکن، آگره کان اصفهان ۽ تبريز تائين پکڙيل آهن. هن کي پنهنجي وطن سکر سان بيحد محبت هئي، سر زمين وطن کي پنهنجن هٿن سان سينگاري، صنعت گري ۽ هنرمندي، صدق ۽ اخلاص جو مثال پوين لاءِ ڇڏي ويو. سندس صناعي هٿن جيڪي عمارتون تعمير ڪيون، تن جي وجود ڪري سکر سياحن لاءِ آماجگاه آهي. سکر جي قدرتي نظارن ۽ لافاني حسن ۽ رعنائيءَ کي مناري تي چڙهي ڏسي سگھجي ٿو. مير صاحب پنهنجي وقت جو مؤرخ ۽ محقق به هو، سندس ”تاريخ معصومي“ جا هن پنهنجي فرزند مير بزرگ جي تعليم لاءِ لکي آهي، سنڌ جي وچين زماني جي تاريخ اڪبري دور تائين آهي. مؤرخن ۽ محققن لاءِ ماخذ آهي. انگريزي راڄ جي شروعات 19 صديءَ ۾ منشي نيوندرام سيوهاڻيءَ ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، بعد ۾ شمس العلماء مرحوم عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب، جڏهن انڊيري ڪاليج بمبئي ۾ پروفيسر هو، تاريخ معصومي کي اهتمام سان قلمبند ڪري پارسي نسخو تيار ڪيو، جنهن کي ”ڀنڊارڪر اورينٽل انسٽيٽيوٽ پونا“ 1938ع ۾ مطبع قيمه مان شايع ڪرايو، تنهن کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ، تاريخ کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. مير محمد معصوم صاحب پنهنجي وقت جو حڪيم به ٿي گذريو آهي. طب ۾ سندس ڪتاب ”طبِ نامي“ آهي، جنهن جو نسخو سندس پوين مان سيد منور علي شاهه صاحب سکر پراڻي وٽ موجود آهي ۽ ”مفردات - نامي“ جا چند اجزا شيخ عبدالرحيم روهڙائي وٽ آهن.(4)

مير معصوم شاهه بکر جو نواب/ گورنر مقرر ٿي اچڻ کان پوءِ سکر جي اهم تاريخي عمارتن جي تعمير ڪرائي جنهن ۾ معصوم شاهه جو منارو ۽ هن جي پرسان گنبذ جنهن نالو فيض محل آهي ۽ هن کي آرامگاهه به سڏيو ويندو آهي، ان کان سواءِ

پراڻي سکر ۾ مسافر خانو، مسجد منزل گاهہ جون عمارتون باغ باغيچا ۽ شاد ٻيلي ۾ ”ستياسر“ نالي هڪ وڏي گنبذ واري عمارت مشهور آهن ۽ روهڙيءَ ۾ وڏو عيد گاهہ پڻ تعمير ڪرايو.

**** معصوم شاهہ جو منارو**

مير صاحب هي منارو سکر جي اونچيءَ ٽڪريءَ تي 1003هہ ۾ تعمير شروع ڪرائي جنهن جو ڪم اڃا ۾ هئو تہ مير صاحب فوت ٿي ويو ۽ سندس وفات کان تيرهين سال پوءِ سندس پٽ مير بزرگ مناري کي 1027هجري ۾ مڪمل ڪرايو.[5]

هن مينار جي تعمير جو مقصد هڪ يادگار ۽ اونچائيءَ کان پري پري تائين نظرداري ڪري شهر جي دفائي حڪمت عملي کي قائم رکڻ هئو.

آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا نمبر 2 جي دوران ۾ مناري جي ماپ وغيره ڪرائي وئي آهي، ۽ ان رپورٽ مان معلومات ملي ٿي تہ "هي مينار ٽڪري تي واقع آهي، هن مينار تي پڪيون سرون ۽ چوني جي پٿر جو استعمال ٿيل آهي. هن مينار جو بنياد وٽ 84 فٽ ويڪرو آهي، ۽ هن جي اونچائي بہ 84 فٽ آهي ۽ مينار جي اندران گولائي ۾ نهيل ڏاڪڻ جي ڏاڪن جو تعداد بہ 84 آهي.“[6]

هن شاندار مينار جي چوٽي تي هڪ هوادار گنبذ جڙيل آهي جنهن تي اندرين ڦيردار ڏاڪڻ رستي پهچي پري پري تائين جو خوبصورت نظارو ڏسي سگهبو هئو. بعد ۾ چوٽيءَ واري گنبذ جي چوڌاري ميونسپالٽي چوڌاري پنجرو هڻائي ڇڏيو آهي، ورنہ اڳ ڪيترا ماڻهو مٿان ٽپ ڏئي خودڪشي ڪندا هئا، ۽ هن حفاظتي پنجري لڳڻ سبب مينار جي خوبصورتي ۾ پڻ وڏو اضافو ٿيو آهي-

مينار بابت اي ڊبليو هيوز صاحب سنڌ گزيٽئر ۾ لکي ٿو ته "تعجب انگيز ڳالهه هيءَ آهي ته منارو سڌائي کان ڪجهه مڙيل آهي، اها خبر نه ٿي پئجي سگهي ته اهو ان جي تعمير ۾ ڄاڻي واڻي پاڻ ڪيو ويو آهي، يا پوءِ سندس پيڙهه جي هڪ پاسي جهڪي وڃڻ ڪري مڙي پيو آهي،" يا ڪنهن ڪاريگر جي غلطي سبب ٿيو آهي، يا وري پوءِ ڪنهن وقت زمين جي ڌڏڻ ڪري اهو فرق ٿي پيو آهي. سنڌ ۾ گهڻائي دفعا نهايت شديد نموني ۾ ڌرتي ڌٻڻ جا واقعا ٿيندا رهيا آهن، 1828ع ۾ به ڌرتي اهڙي ڌٻي هئي جو ڏکڻ سنڌ جي طبعي جاگرافي تبديل ٿي وئي هئي.[7]

اڄ به هي شاندار منارو سکر جي تاريخ جو دنيا ۾ ڳاٽ اونچو ڪيون بيٺو آهي. سنڌو درياهه مان يا سکر بئراج کان روهڙيءَ ويندڙ رستي کان سکر کي ڏسبو ته شهر جي وڏين عمارتن جي باوجود هي مينار نمايان نظر اچي ٿو ۽ سکر شهر جي منظر کي دلڪش بڻائي ٿو.

هاڻي هن مينار تي مٿي چڙهي وڃڻ جي اجازت نه آهي، ليڪن آءٌ ننڍي هوندي ۽ نوجوانيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا هن ميناري تي مٿي چڙهي وجي سکر شهر ۽ سنڌو درياهه جي دلڪش منظرن جو نظارو پسيو آهي، ۽ مٿي چوٽيءَ واري هوادار گنبذ ۾ ڪافي دير ويهي سڪون وٺندو هئس ڇو سکر جي گرم موسم ۾ به هتي سنڌو درياهه کي ڇهي ايندڙ ٿڌڙيون هوائون لڳنديون هيون جن جو لطف اڄ به ياد آهي. ڪجهه عرصو اڳ 2018ع ۾ سکر ويس ته صبح جي وقت مهربان دوست آغا غلام نبيءَ سان هن مينار جي دلڪشي پسڻ لاءِ پهتاسين مٿي چڙهڻ واري ڏاڪڻ جي دروازي کي مستقل بند ڪيو ويو آهي جنهن ڪري مٿي چڙهي سکر ۽ سنڌوءُ جو نظارو پسڻ جي حسرت اداس ڪري ڇڏيو ۽ پراڻين

يادگيرن جي گهري ۾ هجڻ باوجود مناري- فيض محل ۽ مير معصوم جي مزار تي ڪجهه فوٽوگرافي ڪري واپس ٿياسين.

**** فيض محل (آرامگاه)**

ميرصاحب 1003هه ۾ مناري جو بنياد رکيو ۽ پوء 1004هه ۾ منار جي پرسان اتر فوٽن جي فاصلي تي هڪ خوبصورت اڻ ڪندو حال ۽ مٿان گنبذ واري خوبصورت عمارت جوڙائي وئي، جنهن جو اصل نالو ”فيض محل“ آهي، مگر عام طور تي هن کي آرامگاهه سڏيو وڃي ٿو. اڻ ڪندو گنبذ زمين کان پنجاه فوٽ کن اونچو آهي. جنهن ۾ ونگن سان چار دروازا آهن ۽ زمين کان 14 فوٽ کن مٿي اندرين پاسي ڏانهن هڪ گيلري اٿس، جنهنڪري چار دريون آرپار آهن. چارئي دريون چئني دروازن جي مٿان آهن، ۽ ٻن درين جي مٿان پٿر جي ڇڄهري آهي. ڇڄهري جي ڇتين تي ڪي نصيحت آميز رباعيون پٿر تي اُڪريل آهن، جي چوڏاري ڦري آيون آهن. عمارت سهٽين پڪين سرن جي آهي ۽ زينت جي خيال سان ڪاشيءَ جون سرون ڪثرت سان منجهس استعمال ڪيل نظرن اچن ٿيون، جنهن ڪري هي جاءِ رنگا رنگي تي پئي آهي. ان جاءِ جي ويڪرائي اندرين پاسي کان سترهن فوٽ کن آهي. ذڪر ڪيل رباعيون گهٽيون آهن، پر هڪ رباعي مان جاءِ جو نالو ۽ تعمير جو سال ملي ٿو.

**** روهڙي جو عيدگاه**

سکر (ٻکر) ۾ مير صاحب جون ٺهرايل عمارتن ۾ قدامت جي لحاظ سان روهڙيءَ وارو عيدگاه سڀ کان پهرين نمبر تي آهي، جيڪو مير صاحب 1002هه ٺهرايو. روهڙيءَ جو عيدگاهه روهڙي شهر جي اولهه ڏکڻ جي ڪنڊ طرف ٽڪريءَ تي اهو عيدگاهه آهي.

ٻن ايڪڙن کن زمين جي چوڌاري ديوار نڪتل آهي، ٽن طرفن کان ننڍي ديوار ۽ اولاهين طرف کان وڏي ديوار آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنڊن ۽ وچ تي ننڍا ننڍا گنبذ ٺهيل آهن. اهي گنبذ فقط اولاهين ديوار ۾ آهن. وچين گنبذ هيٺان محراب آهي، جنهن جي مٿان ٻاهرين طرف ڏانهن هڪ سفيد پٿر لڳل آهي، جنهن تي ٽن سٽن ۾ ڪتبو اُڪريل آهي. هي عيد گاهه اڄ به موجود آهي جنهن جي مرمت ۽ واڌارو سرڪاري خرچ تي ٿيو آهي.[8] باقي ٻيا مير معصوم شاهه جا تعمير ڪرايل تاريخي ماڳ مٽجي چڪا آهن جنهن جو بيحد افسوس آهي.

### ** مسافر خانو

پراڻي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ موجود جيل خاني جي پر ۾ هڪ  سٽ ڪنڊي گنبذ نما جاءِ آهي، ان جي اوساري پڪسري ۽ ٻاهران سفيد پڪو چونا گچ چڙهيل اٿس. چون ٿا ته ان جاءِ جي چوڌاري ست ڪوهه هوندا هئا، جن مان ڇهه ڪوهه لٽجي ويا آهن، باقي هڪ ڪوهه ان جي اولاهين پاسي ڏانهن اڃا تائين سلامت آهي. جنهن مان ماڻهو عام جام پاڻي وٺي رهيا آهن. ڪوهه جي سڄي اوساري پٿر جي آهي. ذڪر ڪيل هشت پهلو جاءِ لاءِ روايت آهي، ته مير محمد معصوم مسافر خاني طور عام ماڻهن ۽ واپارين جي آسائش لاءِ جوڙائي هئي.

### ** روهڙي ۾ مير معصوم حويلي

مير صاحب سکر ۽ ٻکر کان سواءِ، روهڙيءَ ۾ به پنهنجي هڪ حويلي جوڙائي هئي، جا ”حويلي مير محمد معصوم“ جي نالي سان سڏي ويندي هئي. اها حويلي روهڙي شهر ۾ ٻکر جي مغل

نواب فتح خان جي تعمير ڪرايل مسجد جي ڏکڻ اولهہ ۾ واقع هئي، ۽ اها 1 اپريل 1811ع تي مرزا سهراب خان افغان خريد ڪئي هئي. انهيءَ حويليءَ جي سامهون بکر قلعي جو هڪ برج نظر ايندو هو. هو.

**** پختہ پل**

مير صاحب پراڻي سکر ۾ ”لاڙ واهہ“ تي عام ماڻهن جي سهولت لاءِ هڪ پُل تعمير بہ ڪرائي هئي. هڪ قلمي سَندَ مان پتو پوي ٿو تہ اها پُل سن 1750ع تائين موجود هئي. هن پُل جي محل وقوع جي سلسلي ۾ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اها پُل سکر پراڻي جي مشهور ”دبن واري زمين“ جتي سيد تقي الدين محمد پُورانيءَ جي زمين جي جي پرسان هئي.

**** ستياسر**

سيد حسام الدين راشديءَ هن عمارت جو ذڪر ”سيتاسر يا ستياسر“ جي نالي سان ڪيو آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هيءَ هڪ بي مثال وڏي ۽ خوبصورت گنبذ واري عمارت هئي. هي عمارت سکر شهر سامهون هڪ ننڍڙي ٻيٽ جي ٽڪريءَ تي نهرائي وئي هئي، ۽ هن ٻيٽ کي دين ٻيلو سڏيو ويندو هو، جيڪو هاڻي سادو ٻيلي سان ملحق آهي، اڳ هن کان ڌار هو. راشدي صاحب، انهيءَ عمارت جي تعمير جو سن ”گنبذ دريايي“ مان 1007هہ وضع ڪيو آهي. سيد مرتضيٰ ميرڪ، انهيءَ مٿئين عمارت جو نالو”سيتاسر يا ستياسر“ جي بجاءِ ”سيت سر“ يعني سفيد سر يا گنبذ دريائي ڄاڻايو آهي.[9]

** منزل گاهہ تي جايون. سکر جو بندرگاهہ هتي هو ۽ هتي لاهور ۽ لاڙ جي لاهڙي بندر کان غوراب جهاز لنگر انداز ٿيندا هئا، ۽ سکر

ٻنهي جو مرڪزي وڏو بندرگاهه هو، ان ڪان سواءِ ساموندي رستي ڪان سنڌو درياهه رستي آيل سامان هتان ڪان ڪوئيٽا ۽ افغانستان ويندو هو. جنهن ڪري واپارين ۽ مسافرن جي سهولت لاءِ مير معصوم شاهه منزل گاهه تي جايون تعمير ڪرايون. سندس پٽ اتي وڏو باغيچو پڻ نهرايو هو.

مير صاحب سکر ۾ شاندار عمارتون تعمير ڪرائي سکر کي خوبصورت ٺاهيو، سندس يادگار اڄ به سکر جي خوبصورتي، ۽ تاريخي اهميت جا نمايان اهڃاڻ آهن. مير معصوم شاهه بکري 1605ع ۾ وفات ڪئي ۽ شهنشاهه اڪبر به انهيءَ سال ۾ وفات ڪئي. اهو مير معصوم شاهه جي پٽ جو نالو مير بزرگ هو ۽ چيو وڃي ٿو ته انهيءَ جو اولاد گهٽو ٿيو ۽ اڃا تائين معصومي سيد بکر ۽ سکر ۾ رهندا اچن ٿا.

روزاني ايڪتا 23 جنوري 2020ع

**حوالا**


(1)- "تاريخ معصومي"، مير معصوم شاهه بکري

(2)- "تاريخ سکر"، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 107

(3)- "سکر ۽ روهڙيءَ جا آثار قديمه"، (اخبار الوحيد ۾ ڇپيل مضمون)، پير علي محمد راشدي

(4)- "تاريخ سکر"، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 117

(5)- "ساڳيو"، صفحو 118

(6)- "ساڳيو"، صفحو 109

(7)- "ساڳيو"

(8)- "ساڳيو"

(9)- "ساڳيو"، صفحو114



# آدم شاهه ڪلهوڙو

سنڌ تي حاڪميت ڪندڙ ڪلهوڙا خاندان جو وڏو بزرگ آدم شاهه ڪلهوڙو ٿي گذريو آهي، سندس مزار سکر شهر ۾ ملٽري روڊ پرسان هڪ ٽڪريءَ تي آهي، هي ٽڪري سندس نالي سان (آدم شاهه جي ٽڪري) مشهور آهي. آءٌ سکر ۾ پڙهڻ دوران هن ٽڪريءَ تي ويندو هئس ڇو تہ اسان جو سکر ڊگري ڪاليج هن ٽڪري جي ويجهو هئو ۽ ان وقت هي مزار ۽ ٽڪري پري کان نمايان نظر ايندي هئي ملٽري روڊ ۽ ٽڪريءَ جي وچ تي ڪجهه ڪچي آبادي هئي باقي ٽڪريءَ وارو پورو حصو خالي هئو ۽ پري کان آدم شاهه جي ٽڪري ۽ مقبرو نمايان نظر ايندا هئا ۽ هن ٽڪريءَ جي مٿان ويهڻ سان سکر شهر جو پري پري تائين نظارو ڏسڻ ۾ ايندو هئو ۽ سنڌو درياهه جو ڪجهه حصو سکر بئراج ۽ ان مان سڄي هٽ تي

نڪرندڙ ٽئي ڪينال صاف نظر ايندا هئا ۽ انهن جو خوبصورت منظر ڏاڍو راحت بخش هوندو هئو، 2018ع جي نومبر مهيني ۾ سکر جي تاريخي ماڳن تي ويس ته هڪ صبح تي آغا غلام نبي سان گڏ آدم شاهه جي ٽڪريءَ تي وياسين، هن وقت ملٽري روڊ کان هڪ رستو وڃي ٿو جنهن جي ٻنهي پاسن کان دوڪان ۽ ٽي چار منزل جايون نهي ويون آهن هن رستي مان هڪ سوڙهي گهٽي آدم شاهه جي ٽڪريءَ تي وڃي ٿي جنهن مان نڪرڻ به ڪار به مشڪل سان گذري سگهي ٿي، موٽر سائيڪل تي يا پنڌ آسانيءَ سان وڃي سگهجي ٿو، ٽڪريءَ جي آس پاس ۽ ٽڪريءَ جي هيٺاهين حصي تي افغاني پناهگيرن جو قبضو آهي. وڏي مشڪل سان وڃي هڪ هنڌ ڪار بيهاري ۽ اسين ٻئي مٿي مزار تي وياسين فاتح کان پوءِ مقبري ڀاهران نظارو پسڻ جي ڪوشش ڪئي ته هر طرف شهر جي جاين جو منظر نظر پئي آيو، ليڪن درياهه جي ٻئراج يا انهن مان نڪرندڙ ڪئنال پوري طرح ڏسي نه ٿا سگهجن ڇو ته وچ ۾ وڏيون وڏيون جايون نهي ويون آهن مون آغا صاحب سان پنهنجي شاگرديءَ واري دور جون يادون ۽ ٽڪريءَ تان پسيل منظر ٻڌايا ۽ آغا صاحب به ٻڌايو ته هو به ننڍي هوندي پنهنجي والد صاحب سان گڏ هتي ايندا هئا ۽ اهي پراڻا خوبصورت منظر پسندا هئاسين ۽ پوءِ اتي موجود مجاور ۽ مرمت جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر سان به ڪجهه ڳالهيون ڪيوسين ۽ ڪجهه تصويرون ڪڍي واپس ٿاسين.

## آدم شاهه ڪلهوڙو جي تاريخ

سنڌ ۾ سمان دور جي ختم ٿيڻ ارغونن ۽ ترخانن جي سنڌ تي قبضي ۽ ظلم خلاف سنڌ جي مختلف قبيلن جي مختلف هنڌن تي مزاحمت هلندڙ هئي ته مٿان اچي مغلن قبضو ڄمايو، ان دوران ڪلهوڙن جو خاندان جيڪي زميندار هئا، اهي به سنڌ جي ٻين پاڻ

جهڙن، مُکيه قبيلن وانگر سنڌ ۾ ڏارين خلاف، پنهنجي مُنهن وڙهندا رهندا هئا. سندن وڏو ميان چنو پڳدار هو. هن سيوهڻ کان ڇه کوهه پري جهانگارا ۽ باجارا جا شهر ٻڌايا. هو هڪ وڏو ڀاڳيو ۽ سجاڳ زميندار هو ۽ وڃام چنو، ستن مُک قبيلن کوريجن، سهتن، چنن، سمن، مهرن، ٻلالن ۽ ڏهرن جو پڳدار هو. ۽ وڏي ساک وارو، سخي، پهلوان مڙس هو. هن 1220ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.[1]

ميان چنو جي قبيلي مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو پيدا ٿيو، هن جا ڪيترائي مريد ٿيا هئا، هو الله وارو ۽ درويش صفت انسان هو. تحفة الڪرام موجب سن 1592ع ۾ مغل ڪمانڊر عبدالرحيم خانخانان سنڌ جي فتح وقت ميان آدم شاهه وٽ دعا لاءِ آيو هو، جنهن کان ميان صاحب جي خاص مريد کبڙ ابڙي مريدن فقيرن جي لنگر لاء مدد جي گهر ڪئي ته خانخانان هن بزرگ جي لنگر خاني لاءِ چانڊڪي جو پرڳڻو ڪيس جاگير طور ڏنو هئو، هن جاگير جون حدون مدئجي کان سيوڻ تائين هيون، جنهن ۾ لاڙڪاڻو، قنبر ۽ نصير آباد شامل هئا، ابڙن هن ۾ واهه کوٽائي فصل ۽ باغ آباد ڪيا، جنهن ڪري هن جاگير جي سالياني آمدني ٻارهن لک هئي.[2]

هڪ راءِ آهي ته جاگير ملڻ سان سندس ميانوال تحريک زور ورتو ۽ مريدن ۾ ٻه اضافو ٿيندو ويو، سندس مريد ٻين زميندارن کي آزارڻ لڳا، جن جون دانهون مغلن کي ملڻ لڳيون ۽ ٻيو سبب آدم شاهه جو مهدوي هجڻ ۽ ان فرقي جي پرچار ڪرڻ ٻه هئو، جنهن ڪري آدم شاهه سان تصادم جو خطرو ٿيو بکر جي نواب ان معاملي کي ملتان جي گورنر تائين پهچايو ۽ ملتان جي گورنر نواب ميان صاحب کي پاڻ وٽ گهرايو ته ميان صاحب سان پنج سو کن مريد ڳڏ ملتان ويا، جتي ڪيس ڪافي وقت قيد ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ 1598ع ۾ ڪيس شهيد ڪرايو ويو.

محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو ته: ”ڪلهوڙا سنڌ جي اصل رهاڪن جو هڪ مُک قبيلو هئا، جيڪي سنڌ جي ٻين پاڻ جهڙن، مُک قبيلن وانگر سدائين سنڌ جي ڌارين خلاف، پنهنجي مُنهن وڙهندا رهندا هئا. سنڌن وڏو ڄام چنو، ستن مُک قبيلن ڪوريجن، سهتن، چنن، سمن، مهرن، ٻلالن ۽ ڏهرن جو پڳدار هو. هن سيوهڻ کان ڇهه ڪوهه پري جهانگارا ٻاجارا جا شهر ٻڌايا. هو هڪ وڏو ڀاڳيو ۽ سجاڳ زميندار هو ۽ وڏي ساک وارو، سخي، پهلوان مڙس هو. هن 1220ع ۾ وفات ڪئي. هن قبيلي مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو پيدا ٿيو، جنهن جا ڪافي مريد هئا. هو الله وارو ۽ درويش صفت انسان هو. سندس ڏينهن ۾ خان خانان سنڌ تي ڪاهه ڪئي. هن ترخانن ۽ مغلن جي تصادم جو فائدو وٺي، پنهنجي مريدن کي منظم ڪري، ڌارين فاتحن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. ان ڪري ملتان جي گورنر کيس شهيد ڪرائي ڇڏيو.“[3]

**مقبرو**

ميان آدم شاهه ڪلهوڙي پنهنجي مريدن کي وصيت ڪئي هئي ته کيس سکر جي ان ٽڪري تي دفن ڪيو وڃي، (ميان صاحب ملتان وڃڻ اڳ هن ٽڪري تي ترسيو هو) انڪري سندس وصيت موجب ملتان مان سندس مڙهه ڪڍي اچي هن ٽڪري تي دفن ڪيو ويو.

آدم شاهه جي ٽڪري سکر وارين ٽڪرين مان هڪ مشهور ٽڪري آهي، هيءَ ٽڪري سکر شهر جي اتر الهندي پاسي آهي ۽ ان تي ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي مزار جي ڪري آدم شاهه جي ٽڪريءَ جي نالي سان مشهور آهي.

ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو ته: ”آدم شاهه کان پوءِ هن جي پوٽي ميان الياس گادي سنڀالي. ميان الياس کان پوءِ شاهل محمد پنهنجي مريدن کي گڏ ڪري مغلن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند

ڪيو، جنهن ڪري ڪيس شهيد ڪيو ويو. ڪانئس پوءِ ميان نصير محمد 1657ع ۾ شاهجهان جي ڏينهن ۾، گاديءَ ڪي زور وٺرايو، جنهن جي وفات ڪان پوءِ سندس پُٽ دين محمد گاديءَ تي وينو جنهن مغلن خلاف بغاوت ڪي زور وٺرايو، ان ڪري ڪيس قتل ڪيو ويو. ميان دين محمد ڪان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ ميان يار محمد پنهنجي اهل عيال ۽ ٻين پنهنجن ماڻهن سميت جابلو علائقن ۾ پناهه ورتي ۽ اتان مغل شهزادي معزالدين سان جنگ جاري رکي ۽ ان کي شڪست ڏني. ان ڪان پوءِ هو جبلن تان هيٺ لهي آيو ۽ نئينگ ڪان ٿيندي، منڇر ڍنڍ جي ڪناري وارا شهر سامتائي ۽ ڳاهن جي ايراضي، فتح پور، شڪارپور، گڇيرو، ڪاري، ڪنڌيارو ۽ لاڙڪاڻو آزاد ڪرائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. 1701ع ۾ مغلن پنهنجي اختيار جي سج جو زوال ڏسندي سبي، بکر ۽ سيوهڻ جي علائقن جا اختيار سندن حوالي ڪري خدايار خان جي لقب سان گڏ خلعت، سوني جڙت واري ڪلنگي، ترار، گهوڙو ۽ هاٿي به هن جي پذيرائيءَ طور ڪيس ڏنا.“[4]

آدم شاهه جي مزار مٿان مقبرو ۽ پرسان مسجد ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو ٺهرايل آهي ۽ تعمير جو ڪم 1774ع ۾ مڪمل ٿيو مقبرو چوڪندو آهي.[5] ٻاهران سندس ماپ 29.8 x 29.8 فوٽ آهي، ۽ اوچائي 42.6 فوٽ آهي. مقبرو ڏکڻ منهن آهي. دروازي جي ماپ 8.5 فوٽ آهي.

انگريزن طرفان هتي دفائي مورچو قائم ڪيو ويو هئو، جنهن ڪري 1890ء ڪان 1914ع تائين هن زيارتگاهه تي بندش پيل هئي. هن مقبري جي وقت به وقت مرمت ٿيندي اچي ٿي.

هن تاريخي مقبري تي اچڻ واري رستي تان قبضا ختم ڪرائي رستو صاف ڪيو وڃي ته هي زيارت گاهه سان گڏ هڪ سني تفريح گاهه به ٿي سگهي ٿي.

## حوالا

(1)- پروفيسر غلام محمد لاکو.
(2)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو91
(3)- ”شاهه سچل سامي“، محمد ابراهيم جويو، صفحو55
(4)- ”ساڳيو“
(5)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 92



## مسجد منزل گاهه

سکر جي مسجد منزل گاهه پوري برصغير ۾ شهرت رکندڙ آهي، هن مسجد جي تاريخي وجود بابت بنيادي وچور اوهان جي سامهون رکجن ٿا.

2018ع ۾ سکر جي تاريخي ماڳن جي دوري دوران اروڙ کان واپسي ٿيندي بکر جي قلعي اندر بزرگ صدرالدين شاهه جي مزار پرسان واري آباديءَ ۾ دوست سليم مهر جونيئر جي گهر تي مانجهاندو ڪيوسين ۽ هن دوست تي ئي ساڌ ٻيلو ۽ ستين جو آستان گهمائڻ جي ذميواري به رکيل هئي، ماني کائڻ کان پوءِ ساڍا ٽي بجي اسان ۽ رفيق چاچڙ ساڌ ٻيلي لاءِ روانا ٿياسين، سليم مهر جونيئر دوست ساڌ ٻيلي جي انتظاميه وارن سان اڳ ۾ ئي ڳالهائي ڇڏيو، اسان بکر ٻيٽ کان لينسڊائونس پل جي ننڍي حصي ذريعي سنڌو درياهه جو ننڍو وهڪرو پار ڪري پراڻي سکر پهتاسين ۽

بندر روڊ تان سفر ڪري اچي ساڌ ٻيلي واري پتڻ جي مک دروازي تي پهتاسين، تہ دروازي جي بلڪل سامهون سکر جي مشهور مسجد منزل گاهہ آهي. ڪار مان لهي مون دوستن کي چيو تہ هن مسجد جي بہ وڏي تاريخي حيثيت آهي، پهرين اها ڏسندا سين، مسجد سامهون ئي آهي، اسان مسجد ڏانهن مڙياسين هن وقت قديمي مسجد جو فقط هڪ گنبذ ئي باقي بچيو آهي، جنهن جي پرسان وڏي نئين مسجد تعمير ٿي وئي آهي. اسان نئي مسجد ۾ پراڻي تاريخي مسجد جي گمبذ جا فوٽو ڪڍيا.

مير معصوم شاهہ جي مناري ۽ سندس ٻين تعميرات واري مضمون ۾ مسجد منزل گاهہ ۽ ان جي پرسان هشت پهلو پڪسري ٻي عمارت جنهن مٿان بہ گنبذ ۽ چوٽي نهيل هئي، جو مختصر ذڪر ڪيو آهي، ليڪن هتي هنن عمارتن جو تفصيلي احوال لکبو تہ جيئن، هن اهم مسجد بابت تاريخي ڄاڻ حاصل ڪري ان بابت ماضيءَ ۾ ٿيل مسئلي کي بہ سمجهي سگهجي.

** مسجد منزل گاهہ جي تعمير ۽ تاريخ

مير معصوم شاهہ پنهنجي دؤر حڪومت ۾ سکر شهر کي سنو سنواريو ۽ سينگاريو، هن يادگار عمارتون، مسجدون، عيدگاهہ، مسافر خانا، باغ باغيچا ۽ تفريح گاهہ نهرائيا، جيڪي سندس تعميرات جو شوقين، باذوق ۽ باوقار شخصيت هجڻ جا زندهہ مثال آهن. سندس دور ۾ بہ سکر واپار جو وڏو مرڪز هو، ۽ سمنڊ کان ٺٽي جي لاهڙي بندر کان سنڌو درياهہ رستي واپاري ٻيڙا سکر پهچندا هئا ۽ هتي منزل ڪري پوءِ وري هتان لاهور ۽ پنجاب جي ٻين بندرن ڏانهن روانا ٿيندا هئا. ڪوئيٽا ۽ افغانستان لاءِ بہ سامان سکر جي بندر تي لهندو هو، ۽ هتان انن جي قافلن ذريعي اڳتي روانو ٿيندو هيو. واپاري ٻيڙن لاءِ سکر جو بندرگاهہ پهرين وڏي منزل گاهہ هئي. انڪري مير معصوم شاهہ سنڌوءَ جي ڪپ

تي ٻه عمارتون ٺهرايون، پهريان هڪ اٺ پاسائون وڏو گنبذ ۽ جنهن کي سراءِ يا مسافر خاني طور ڪم ايندو هيو، ۽ ان کان هڪ سال پوءِ گول گنبذ واري مسجد ٺهرايائين هنن عمارتن تي لکيل ڪتبن مان سندن ٺهڻ جي تاريخ واضح ٿئي ٿي. انهن ئي ڏينهن ۾ مير معصوم شاهه منزل گاهه جي سامهون دين ٻيلي ۾ هڪ خوبصورت گنبذ تعمير ڪرايون جنهن کي ”ستياسر“ سڏيو ويندو ۽ هي عام ماڻهن جي سير تفريح لاءِ مخصوص هو. منزل گاهه جي ٻن عمارتن ٺهرائڻ کان پوءِ مير معصوم جي پٽ ”مير بزرگ“ انهن جي پرسان واري زمين خريد ڪري مسافرن جي آرام لاءِ باغ ٺهرايو، جنهن جو دستاويزي ثبوت پڻ مير معصوم شاهه جي پوئينءَ وٽ موجود آهي.

هي ٻئي عمارتون سوين سالن تائين ساڳئي مقصد لاءِ ڪم ايندون رهيون. اوڻهويهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ تي انگريزن جي فتح وقت اهي ٻئي عمارتون انگريزن پنهنجي قبضي ۾ ڪيون. ۽ پوري برصغير تي انگريز جي قبضي کان پوءِ ٻين مقبرن ۽ عمارتن جيان هنن عمارتن کي به پنهنجي سکر ۾ مقرر فوجي ۽ سياسي عملدارن جي رهائش لاءِ استعمال ڪيائون. هنن عمارتن جي حقيقيت پروڙڻ لاءِ ڪافي تاريخي حوالا موجود آهن. جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.

* سکر شهر جو تاريخدان رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو ته: ”هي ٻئي عمارتون مير معصوم شاهه پهرين 1006 هجري ۾ مسافرن جي آسائش ۽ آرام لاءِ پتڻ پرسان نهرائي ۽ ٻئي سال هن خوبصورت مسافر خاني جي اولهه ۾ 1007 هجري ۾ مسجد نهرائي هنن ٻنهي عمارتن تي لڳل ڪتبن مان اڏاوت جي تاريخ ۽ مقصد جو بيان ملي ٿو.“ ڪتبن جي اصل تحرير به رحيمداد خان جي ڪتاب ۾ موجود آهي.[1]

* ڪزنس صاحب بہ ان سلسلي ۾ هڪ نهايت اهم نڪتو بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ: ”اهي جايون هڪ باغ سان ملحق آهن، جن مان هڪ ۾ سير تفريح ڪندڙ عوام آرام وٺي سگهي ٿو ۽ ٻي عمارت عبادت گذاريءَ لاءِ آهي.[2]

* منزل گاهہ بابت هڪ نهايت ئي قيمتي دوستاويز مان بہ ثابت ٿئي ٿو، جيڪو اصل حالت ۾ سردار ثابت علي شاهہ صاحب معصومي وٽ موجوده آهي، ان دوستاويز مان هي حقيقيت معلوم ٿئي ٿي، ”تاريخ 9 جمادي الثاني 1005 هجري ۾ سيد محمد معصوم ۽ سندس فرزند مير بزرگ ”ڪوهہ شاد ٻيلي“ جي سامهون سکر شهر ۾ قاضي فخر الدين جي پوين کان هڪ سئو ٽڪا جي عيوض، قيمت ڏئي ورتو حدود نروار ڪيل آهن تہ اوپر ۾ باغيچو ۽ سراءِ مشترين (يعني خريد ڪندڙ جي) اولهہ ۾ زمين سعادت سلطان بيگم بنت مير يار حسين اتر ۾ عام رستو ۽ ڏکڻ ۾ درياهہ، هي اصل دستاويز 1005 هجري جو لکيل آهي ۽ قاضي علي بن محمد اسماعيل جي مهر لڳل آهي، مغليہ دور ۾ سرڪاري دفتري زبان ۾ سکر کي ٻکر لکيو ويندو هو ۽ گهرو زبان ۾ سکر سڏبو هو، ۽ جنهن ٻيٽ کي هينئر ساڌ ٻيلو سڏيو وڃي ٿو، ان کي ان دور ۾ شاد ٻيلو سڏيو ويندو هو.[3]

* انگريزن جي سکر تي قبضي ٿيڻ سان هنن جاين ۽ باغ تي بہ سندن قبضو ٿي ويو، انگريز ابتدائي دور ۾ ان جاءِ تي سفارت خانو کوليو هو ۽ هشتم پهلو جاءِ ۾ سفارتخاني جي آفيس هوندي هئي هينئر اهو عظيم الشان باغ برباد ٿي ويو. عيسوي ويهين صدي جي شروعا ت ۾ هن ميدان ۾ انبن ۽ ڪجين جا وڻ هئا ۽ ايرندي پاسي ۾ کوهہ بہ هو، راقم هتان پاڻ انب خريد ڪيا هئا.[4]

* جنهن هنڌن تي نئون سکر آهي، اتي اڳ جهنگ، زمينون ۽ٻ ڪجين جا باغ هئا، اڪثر جلائر مغلن جون زمينون هيون،

اليگزيندر برنس کي وائسراءِ لارڊ آڪليند بولان لڪ واري رستي کي صاف ڪرڻ لاءِ پهرين افغان جنگ وقت روانو ڪيو هو، ان وقت اليگزيندر برنس جي اچڻ وقت نئين سکر ۾ م معصوم شاهه جي مينار ۽ مسجد منزل گاهه وارين عمارتن کان سواءِ ٻي ڪا به عمارت نہ هئي.[5]

* رچرڊ برٽن، جنهن پنهنجي نوڪريءَ جا شروعاتي سال سنڌ ۾ گذاريا. سندس لکتن مطابق انگريزن انهن گنبذن ۾ دريون جوڙيون ۽ انهن جاين جي ٻاهران مٽي ۽ گاري سان وراندا جوڙي انهن کي فوجن جي رهڻ لاءِ بنگلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.[6]

* هنن عمارتن جي هڪ ابتدائي مڪينن مان هڪ اي بي ايسٽ وِڪ هو، جيڪو 1839ع ۾ چوويهن سالن جي ڄمار ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ آيو هيو ۽ سکر ۾ متعين سياسي آفيسر بڻيو. هو اڍائي سال هت رهيو ۽ تڏهوڪي سنڌ بابت هڪ انتهائي دلچسپ ڪتاب "پراڻي مصر جا نوان ورق Dry leaves of young egypt) لکيائين.[7]

* فارسي ڄاڻيندڙ ايسٽ وڪ چڱي موچاري تحقيق ڪئي ۽ ان علائقي ۾ موجود مزارن ۽ تاريخي عمارتن تي ٽيل تحريرون نوٽ ڪيائين. اهي عمارتون آفيسرن طرفان خالي ٿيڻ کان پوءِ سرڪاري ڪنٽرول ۾ رهيون. بهرحال عمارت جي تحفظ يا مرمت لاءِ ڪجهه به نہ ڪيو ويو.[8]

سنڌو درياهہ ۾ چاڙهہ اچڻ سبب هنن جاين تائين پاڻي اچي ويو، جنهن ڪري انگريز آفيسرن هي جايون خالي ڪيون، ۽ پاڻي ورڻ بعد انگريزن هنن جاين کي رهائش جي قابل نہ سمجهيو، ساڌ ٻيلو جي انتظاميا وارن ياترين جي اچڻ لاءِ مستقل پتڻ مسجد منزل گاهہ سامهون مقرر ڪري ڇڏيو ۽ اثر رسوخ هلائي انگريزن پاران

منزل گاهه جون عمارتون خالي ڪرڻ تي انهن کي تالا هڻائي چڙهيائون.

جنهن تي اڳتي هلي مسلمانن مسجد جي بحالي جي تحريڪ هلائي جنهن ڪري هنگاما آرائي خونريزي ٿيڻ بعد مسجد منزل گاهه 1940ع ۾ بحال ٿي. مسجد منزل گاهه جي تحريڪ جو ذڪر اڳتي بئي مضمون ۾ بيان ٿيندو.

روزاني ايڪتا 10جون 2022ع

**حوالا**


(1)- ”تاريخ سکر“، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 112
(2)- ”ساڳيو“
(3)- ”ساڳيو“، صفحو113
(4)- ”ساڳيو“
(5)- ”ساڳيو“، صفحو 112
(6)- ”محمد ايوب کهڙو“، ڊاڪٽر حميده کهڙو، باب ڏهون
(7)- ”ساڳيو“
(8)- ”ساڳيو“



## ساڌ ٻيلو

ايڊووڪيٽ رفيق چاچڙ ۽ سليم مهر جونيئر سان ساڌ ٻيلي لاءِ پراڻي سکر کان بندر روڊ رستي تي هلندي، اسان پتڻ جي مک دروازي تي پهتاسين، جنهن جي سامهون سکر جي مشهور مسجد منزل گاهه موجود آهي. درياهه جي چاڙهه کي مد نظر رکندي پتڻ جي گيٽ اونچي نهيل آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ڏاڪڻ نهيل آهي جنهن، تان چڙهي وجي پتڻ تي پهتاسين. ساڌ ٻيلي جي انتظاميه وارن سان اڳ ۾ ئي ڳالهائي ڇڏيو هو، جنهن ڪري انتظاميا پاران اجازت ملڻ تي موٽر واري ٻيڙيءَ تي چڙهي ساڌ ٻيلي روانا ٿياسين، ساڌ ٻيلو بکر جي ٻيٽ جي مقابلي ۾ ننڍو ٻيٽ آهي، ليڪن هتي مندر جي مک عمارت کان سواءِ مندر سان منصوب ٻيون جايون بہ آهن ۽ ڪافي وڏي ايراضيءَ تي مشتمل

آهي، ٻيڙي جيئن تہ سنڌو درياهہ ۾ هلڻ لڳي تہ سکر شهر ۽ سنڌودرياهہ جا وڏا خوبصورت نظارا هتي پسڻ لاءِ ملن ٿا. سچ پچو تہ اهڙو منظر پوري ايشيا کنڊ جي ڪنهن بہ هنڌ نہ ملندو، وچ درياهہ ۾ سامهون وڏي وٽڪاري وارو ساڌ ٻيلو، سڄي هٽ تي سکر بيراج جنهن جي پاسن کان نڪرندڙ واهن جو خوبصورت منظر ۽ ڪٻي هٽ تي ستين جو آستان، لينس ڊائون پل، ايوب پل، بکر جو قلعو ۽ وچ درياهہ ۾ درياهہ جي هلڪين چولين تي سج جا ڪرڻا پون پيا تہ ستارن جيان چولين ۾ تجليون ۽ ترورا بہ ڏاڍا دلڪش نظر اچن پيا. پوئتي ڪناري تي سکر شهر جون گنجان عمارتون خوبصورت منظر پيش ڪري رهيون هيون، جن تي هڪ قد آوار چوڪيدار طور مير معصوم شاهہ جو منارو ڄڻ تہ اڄ بہ پنهنجو فرض نڀائي رهيو هيو. مطلب تہ وچ درياهہ مان چوڌاري نظر ڦيرائيندي هر نظر هڪ نئين خوبصروت منظر کي پسي پئي، سکر کي ڏسڻو آهي تہ هن هنڌ تان ڏسجي تہ مون کي يقين آهي تہ يورپ جا نظارا وسري ويندا. اسين هي سڀ نظارا پسندي اچي ساڌ ٻيلي جي گهاٽ تي پهتاسين. ساڌ ٻيلي ٻيٽ جي چوڌاري پٿرن جي خوبصورت ۽ مضبوط ديوار ڏٺل آهي، جنهن جي مک دروازي تي گول مورچا بہ ٺهيل آهن، مک دروازي وٽ پڪي سنگ مرمر جي ڏاکڻ بہ ٺهيل آهي، جنهن ڪري درياهہ جو پاڻي ڪيترو بہ هجي ليڪن مندر تي پهچڻ ۾ آساني رهي ٿي، پٿر جي ٻاهرين پڪي ديوار جو دروازو پار ڪرڻ کان پوءِ مندر جي مک وڏي ونگدار گيٽ آهي، جيڪا تمام خوبصورت ۽ اونچي ٺهيل آهي، ۽ مڪمل سنگ مرمر جي جڙيل آهي، گيٽ جي ڪٻي هٽ تي ساڌ ٻيلي جو مک مندر ٺهيل آهي، جيڪو پڻ تمام وڏو آهي، ۽ پورو سنگ مرمر سان جڙيل آهي ۽ هن جي ٻاهران مغليہ ۽ راجستاني طرز تعمير جيان دروازا دريون پلر ۽ بالڪونيون ٺهيل آهن.

هن مکيہ مندر جي وڏي شاندار حال ۾ بابا بنکنديٰ مهراج جي مک مورتي خوبصورت سونهري چاري ۾ سجايل آهي، ان کان سواءِ هن حال ۾ شريمد ڀاڳوت، سکن جو ڪتاب گرو گرنٿ صاحب، ان سان گڏ سريچند بابا، رام ڪرشڻ ۽ ٻين ديوين ۽ ديوتائن جون مورتيون پڻ رکيون ويون آهن. هڪ وڏي مورتيءَ جنهن جو نالو ترلوڪ ناٿ آهي، جڏهن ته ٻيون مورتيون گيٽس، ڪارتڪ، سوام، پارپتي ۽ رشي جون بہ رکيل آهن. اسان کي ٻڌايو ويو تہ جڏهن بنکنديءَ مهراج ساڌو ٻيلي جو ٻيٽ وسايو تہ اتي تمام وڏو جهنگ هوندو هيو، جنهن ۾ شينهن سميت ٻيا بہ ڪيترائي جانور رهندا هئا. پوءِ وري ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ ڪري يا تہ اهي ساڌو ٻيلو ڇڏي هليا ويا يا وري هوريان هوريان ختم ٿيندا ويا. تنهن ڪري انهن جي يادگار طور، سنگرمرمر جي پٿر مان هڪ شينهن جو مجسمو نهرائي مندر جي وچ تي رکيو ويو آهي، جيڪو نهايت خوبصورت نظر اچي ٿو.

هن مک مندر کان سواءِ ٻيون بہ گهڻيون عمارتون هتي ٺهيل آهن، جيڪي پڪين سرن سان جڙيل آهن. هنن عمارتن ۾ هڪ بہ منزلہ لئبريريءَ جي عمارت بہ آهي، جنهن جي مٿين منزل تي ڪاٺ جون خوبصورت گئلريون ٺهيل آهن، ساڌ ٻيلو جي انتظاميا جو هڪ نمائندو اسان سان گڏ هيو، جنهن ٻڌايو تہ هن لئبريريءَ ۾ ٻين ڪتابن سان گڏ هندو ڌرم بابت تمام گهڻا ڪتاب رکيل آهن، جيڪي سنڌيءَ سميت ٻين ٻولين ۾ بہ آهن. ساڌ ٻيلي ۾ وڏي مندر کان سواءِ اونچي چوٽيءَ وارو ننڍو شو مندر (شوالو) نانگ ديوتا جو مندر پڻ موجود آهي. جو لئبرريءَ کان ڪجهہ پرڀرو هتي انڪنديٰ ديوارن مٿان گول گنبذ ٺهيل آهي، جنهن جي گنبذ مٿان نيل نمان چوٽي بہ ٺهيل آهي، گنبذ جو رنگ ڳاڙهو آهي ۽ لئبريريءَ جو رنگ بہ ڳاڙهو آهي، هي گنمبذ مختلف نظر آيو،

جنهن متعلق مون انتظاميا جي نمائندي کان پڇيو تہ هي ڇا آهي؟ هن وراڻيو تہ هن اندر هڪ پراڻو کوھ آهي، جنهن جو دروازو لوهي گرل سان بند هو. ٻيون عمارتون پيلي رنگ سان رنگيل هيون. هنن جي سامهون هڪ وڏو باغيچو بہ آهي، ۽ ياترين جي لاءِ رهائش ۽ خوراڪ جو پڻ هتي وڏو بندوبست ٿيل آهي. اولھ پاسي ڪجھ نيون عمارتون بہ ٺهي رهيون هيون، جن جي جديد آر. سي. سي. اڏاوت ٿي رهي هئي، بهرحال پوري ٻيٽ کي خوبصورتيءَ سان سنيگاريو ويو آهي ۽ هر طرف خوبصورتي ۽ صفائي نظر اچي رهي هئي.

مطلب تہ ساڌ ٻيلو مندر جيڪو پري کان سنڌو درياھ جي وچ ۾ هڪ خوبصورت گلدستي وانگر نظر اچي ٿو. هن کي ساڌو ٻيلو بہ چيو وڃي ٿو ۽ بابا بنکنڊي مهراج جنهن هتي هن مندر جو بنياد رکيو. تاريخ جي ڪتابن ۾ ان کان اڳ هن ٻيٽ کي شاد ٻيلو سڏڻ ۽ هتي مير معصوم شاھ جي وقت ۾ ٺهيل هڪ گنبذ جو ذڪر بہ ملي ٿو. ۽ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ ٻئي عمارتون ٽالپرن جي دور تائين ميسارجي ويون هيو. ۽ ٽالپرن جي دور ۾ ساڌو بابا بنکنڊي مهراج هتي اچي، هن ٻيٽ تي دوهنين دُکائي تہ پوءِ آهستي آهستي ڪيترائي چيلا (ساڌو) اچي بنکنڊي سان گڏ رهڻ لڳا.

اسان کي انتظاميا جي نمائندي ٻڌايو تہ جن ڏينهن ۾ بنکنڊي مهراج هن ٻيٽ تي آستان قائم ڪيو انهن ڏينهن ۾ خيرپور رياست جي والي مير رستم خان ٽالپر کي اولاد نہ پئي ٿيو، تہ هو بابا بنکنڊي جي آستان تي ساڌ ٻيلو ۾ پهتو، ۽ اولاد لاءِ ڪيس عرض ڪيو. بابا بنکنڊيءَ دعا ڪئي، جنهن جي نتيجي خيرپور جي والي مير رستم ٽالپر کي اولاد عطا ٿيو. ٻن سالن کان پوءِ والي خيرپور مير رستم ٻن پٽن سان گڏ ساڌ ٻيلي ۾ بابا بنکنڊي جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ بابا وڻکنڊي جي عقيدت ۽ احترام ۾ ساڌ ٻيلي وارو

ٻيٺ بابا وڻکنڊي نالي الاٽ ڪري پنهنجي مهر هڻئي ۽ اڄ تائين هي ٻيٺ بابا وڻکنڊي جي نالي سان منسوب آهي جيڪو هن جديد دور جي حڪومتن پڻ برقرار رکيو آهي ۽ متروڪ املاڪ واري کاتي پاران ساڌ ٻيلي جي سمورن مندرن، مورتين، لائبررين، ڌرمشالائن، ڀاندارن ۽ ٻين عبادت وارن هنڌن جي انتظامڪاري جو خيال رکيو وڃي ٿو.

ساڌ ٻيلو تي بنکنڊي مهراج مورتيون ڪڙيون ڪري مندر جو بنياد رکيو، جنهن کان پوء هن ٻيٽ کي ساڌو ٻيلو سڏيو ويو. هندو ياتري زيارت لاءِ هتي ايندا رهيا ۽ هي مندر وڏو تيرٿ بڻجي ويو ۽ هتي تڪڙي ترقي ٿيندي رهي. هن وقت ٻيٽ تي سنڌ جو هڪ اهم ۽ مشهور مندر موجود آهي، هن مندر جي هندو ڌرم ۾ وڏي مڃتا ۽ تمام گهڻي اهم حيثيت رهي آهي. ساڌ ٻيلي تي مندر جي زيارت لاء ويندڙن ياترين لاءِ صرف ٻيڙي ذريعي وڃڻ جو رستو آهي.

** بابا بنکنڊي مهراج

مهراج بابا بنکنڊيء جو جنم 1763ع ۾ شري رامچند شرما گور برهمڻ جي گهر ۾ ٿيو. سندس پيدائشي نالو ٻالچند رکيو ويو هو. هن 9 سالن جي عمر ۾ ئي علم حاصل ڪري بن (جهنگ) ڏانهن رخ ڪيائين. جيئن ته هن جي حياتيء جو گهڻي وقت اتي گذاريو هو، ان ڪري سندس نالو ٻالچند مان ڦيرائي "بنکنڊي" رکيو ويو. هي هندستان جي پٽيالا رياست جي مهاتما ميلارام کان سکيا وٺي سندس شيوڪ ٿيو. هو پاڻ 1803ع ۾ پنهنجو اباڻو ملڪ نيپال ڇڏي برصغير جا مختلف علائقا بر تر ۽ ڪوهستان جاڳي ٽالپرن جي دؤر ۾ روهڙي ۾ آيو. هو ذات جو برهمڻ ۽ اداسي پنٿ هو، "اداسي پنٿ" مڃڻ وارو سڄي عمر شادي نه ڪندو آهي. هي اچي روهڙيء ۾ رهڻ کان پوء بابابنکنڊي مهراج 60 سالن جي عمر ۾ سال 1823ع ۾ هن ٻيٽ تي اچي ڏوڙي

قائم ڪيائين. جنهن ڪان پوءِ ٻيا ساڌو ٻہ اچي ساڻس گڏ ٿيا، هن ماڻهن کي ڪنهن ٻہ خاص پوڄا جي هدايت نہ ڪئي، ان جي برعڪس هر ڪنهن کي آزادي هئي. ان جو پتو هن مان ٻہ ملي ٿو تہ بنکنڊي مهراج جي آستاني ساڌ ٻيلي ۾ اڄ تائين ڪيترن ئي قسمن جا مندر جوڙيل آهن، جن مان ديوي ماتا مندر، شو مندر (شوالو)، گڻيش مندر، هنومان مندر، وشنو مندر ۽ بابا سريچند جو مندر موجود آهن. بابا بنکنڊي مهراج سؤ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. هن وقت ساڌ ٻيلو سنڌ ۾ هندو ڌرم وارن جو اهم تيرٿ آهي.

بابا بنکنڊي صاحب کان پوءِ جيڪي بہ ساڌو ٻيلي جا گادينشين ٿيندا رهيا، جن کي ”گادي سر“ سڏيو ويندو آهي. هن مندر جي ترقي ٿيندي رهي، ياترين جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ عمارتون ٺهرايون ويون. اڳتي هلي ورهاڱي کان پوءِ وارن ڏينهن تائين، ساڌو ٻيلي جو گادينشين سوامي هرنام داس هيو، جيڪو سدائين عام عوام جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪندو رهندو هيو. سندس دور ۾ ساڌو ٻيلي کي گهڻو سڌاريو ۽ سينگاريو ويو. ٻيٽ جي چئني پاسن کان سنگ مرمر جا گهاٽ ۽ پٿرن جي مضبوط ديوار ٻڌائي وئي تہ جيئن درياهہ جو پاڻي ٻيٽ ۽ مندر کي ڪاڌ نہ ڪري سگهي. هن مندر جي شاندار لائبريري ۾ خاص ڪري هندو مذهب بابت سوين ڪتاب ۽ رسالا رکيا ويا آهن. اهي ڪتاب سنڌي، هندي، سنسڪرت، انگريزي، اردو ۽ ڪجهہ ٻين ٻولين ۾ لکيل آهن. ساڌ ٻيلي ۾ هر جمعي تي هڪ خاص ڏڻ ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾خاص ڪري اتر سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن کان هندو ياتري شريڪ ٿيندا آهن، ۽ سندن روحاني تربيت ڪئي ويندي آهي. ۽ هر سال جون مهيني جي وچ ڌاري بابا بنکنڊي چند شرما جي ورسي ملهائي ويندي آهي، جنهن ۾ سڄي دنيا کان هزارين ياتري شامل

ٿيندا آهن. انهن مان اڪثر ياتري پنهنجن گهرن کان ڪٽڪ پچي ڪٽي ايندا آهن، جنهن کي ”ستو“ چيو ويندو آهي. سيئي ياتري ستو کائي ۽ چانهه پي مندر جي اڱڻ تي ڳائيدا وڄائيندا ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. اهي پوڄا هندو سناتن طريقي موجب ڪندا آهن، ۽ سنڌو درياهه مان مور جا ڪنپ ٻوڙي هڪ ٻئي کي هڻندا آهن ۽ هٿ ڪٽي ترشي نمشڪار جو اشارو ڪندا آهن.

* سادو ٻيلو بابت رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو ته:

”نئين سکر سامهون سنڌو درياهه ۾ ٻه ننڍا ٻيٽ آهن، جن کي اڳ شاد ٻيلو ۽ دين ٻيلو سڏيو ويندو هو، هتي ڪجين جي وڻن جا جهڳٽا هئا، شاد ٻيلي تي پهرين عمارت مرزا شاهه حسن ارغون جوڙائي هئي ۽ اڪبري دور ۾ نواب مير محمد معصوم هڪ گنبذدار عمارت ”ستياسر“ دين ٻيلي تي نهرائي هي عمارت ڪجين جي جهڳٽن اندر پري کان تمام خوبصورت منظر پيش ڪندي هئي، ۽ هي عمارت تفريح گاهه طور نهرائي وئي هئي.“[1] مٿين ٻنهي عمارتن جو موجوده دور ۾ ڪو وجود نه آهي.

* مولائي شيدائي صاحب هي به لکيو آهي ته: ”سن 1823ع ۾ جڏهن مير سهراب خان جي پٽ مير رستم خان مٿيان ٻئي ٻيٽ سکر ۽ بکر سميت شڪارپور جي درانين کان فتح ڪيا. ان وقت ۾ هندستان کان هڪ سيلاني بنکنڊي مهراج هن شاد ٻيلي ٻيٽ تي آيو، هن سڄي سنڌ جو سفر ڪيو هو ليڪن هن کي هيءَ جاءِ وڻي وئي ۽ هن ٻيٽ تي دونهين دکائي وينو، بنکنڊي مهراج جي پيدائش 1962ع ۾ ڪرو ڪيشتر (ڪرنال) ۾ ٿي هئي ۽ پاڻ ساڌن جي اداسين فرقي مان هو ۽ 58 سالن جي عمر ۾ سنڌ آيو. 1838ع ۾ پهرين افغان ويڙهه وقت انگريزن بکر ۽ سکر تي قبضو ڪيو ته ملٽري لاءِ جايون ناهڻ لاءِ سنڌن ٺيڪيدار اڪثر هندو هئا جن جي مدد سان شاد ٻيلي ۾ ورکنڊي مهراج پٿر جا بت نهرائي کڙا ڪيا،

جنهن ڪري هي شاد ٻيلو ڦري ساڌ ٻيلو سڏجڻ لڳو."[2] هن مندر ڪي اداسين جو آشرم بہ سڏيو ويندو هو ۽ هي اهم تيرٿ بڻجي ويو، 1862ع ۾ سوامي ورکنڊي پرلوڪ پڌاريو تہ سندس گادي ٻين سنياسي ۽ پوءِ 1883ع ۾ انگريزن سکر کي ضلعو ٺاهيو تہ هندن اثر هلائي هتي عمديون عمارتون تعمير ڪرايون، 1893ع ۾ سکر جي هڪ واپاري جو پٽ سوامي هرنامداس ساڌ ٻيلي جي گاديءَ تي وينو تہ هن ٻيٽ تي سنگمرمر جو اعليٰ شان مندر تعمير ڪرايو، ٻيٽ جي گهاٽ تي بہ سنگمرمر جو وڏو گيٽ ٺهرايو ۽ ٻيٽ کي چوڌاري پٿر جي ديوار ڏياري جنهن ۾ ننڍو ٻيٽ دين ٻيلو بہ ديوار جي اندر ڪرائي ڇڏيو. ان سان گڏ ياترين جي اچڻ لاءِ مستقل پتڻ مسجد منزل گاهہ سامهون مقرر ڪري ڇڏيو ۽ اثر رسوخ هلائي انگريزن پاران منزل گاهہ جون عمارتون خالي ڪرڻ تي انهن کي تالا هٽائي ڇڏيائيون.[3]

* بکر کان لهواري طرف وٽن سان گهريل سھٹو ٻيٽ سنڌ جو شايد سڀ کان سھٹو تيرٿ آستان آهي. ساڌ ٻيلي جي تاريخ گهٽي پراڻي ناهي پر مسلمانن جي اها دعوا تہ ساڌ ٻيلو اصل ۾ شاد ٻيلو يا سعيد ٻيلو هو، اجائي لڳي ٿي ڇاڪاڻ تہ اها دعوا سؤ سيڪڙو مفروضي تي ٻڌل آهي.[4] بدر ابڙو صاحب پنهنجي هن موقف بابت ڪو بہ دليل نہ ڏنو آهي.

* بدر ابڙو صاحب لکي ٿو تہ "چون ٿا تہ بنکنڊي مهاراج نيپال ملڪ کان آيو، جتي سندس ڏُوٽي آهي. سندس گرو هندستان جي رياست پٽيالہ ۾ هو. بابا بنکنڊي جڏهن سنڌ ۾ آيو تڏهن سندس عمر 60- سالن جي لڳ ڀڳ هئي . اهو ٽالپرن جو دور هو. چون ٿا تہ مير سهراب خان اڪثر هن ساڌوءَ سان ملڻ ايندو هو. ساڌ ٻيلي ۾ ٻڙن جا ٽي وڻ هنيا ويا جن جا نالا برهما، مهيش ۽ وشنو رکيا ويا ان سان گڏوگڏ هوريان هوريان ڪالي، شو، گڻيش ۽ هنومان جا

مندر ٺاهيا ويا. ڇاڪاڻ تہ بکر ۽ روهڙيءَ جي وڏي آبادي هندن تي ٻڌل هئي ۽ ميرن جا وزير ۽ شهر جا شاهوڪار سيٺيون هندو هئا، تنهن ڪري ساڌ ٻيلي ترقي وٺڻ ۾ دير نہ ڪئي. خود مير سهراب خان ۽ پوءِ انگريزن هيءُ ٻيٽ تيرٿ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو. شروع شروع ۾ هيءُ تيرٿ هندو ياترين لاءِ آشرم ۽ اَجهي طور ڪتب آندو ويو، ليڪن پوءِ پاڻ بہ هوريان هوريان تيرٿ ٿي ويو." بدر ابڙو صاحب هي بہ لکيو آهي تہ " چون ٿا تہ مير سهراب خان اڪثر هن ساڌوءَ سان ملڻ ايندو هو. ساڌ ٻيلي ۾ ٻڙن جا ٿي وڻ هنيا ويا جن جا نالا برهما، مهيش ۽ وشنو رکيا ويا ان سان گڏوگڏ هوريان هوريان ڪالي، شو، گڻيش ۽ هنومان جا مندر ٺاهيا ويا. ڇاڪاڻ تہ بکر ۽ روهڙيءَ جي وڏي آبادي هندن تي ٻڌل هئي ۽ ميرن جا وزير ۽ شهر جا شاهوڪار سيٺيون هندو هئا، تنهن ڪري ساڌ ٻيلي ترقي وٺڻ ۾ دير نہ ڪئي. خود مير سهراب خان ۽ پوءِ انگريزن هيءُ ٻيٽ تيرٿ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو."[(5)]

مون ساڌ ٻيلو تفصيلي ڏسڻ کان پوءِ ان بابت مختلف ڪتابن پڙهڻ کان سواءِ سکر جي مختلف هندو ۽ مسلم ساڃاهہ وندن کان بہ معلومات حاصل ڪري ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ ساڌو ٻيلي تي بنکنڌي مهراج جي اچڻ کان اڳ واري دور ۾ ڪا عمارت يا گنبذ تعمير ٿيا بہ هئا، تہ اهي وقت گذرڻ سان گڏ ختم ٿي ويا، ساڌو ٻيلو بنکنڌي مهراج جي اچڻ کان پوءِ ساڌن جي گڏ ٿيڻ سان آباد ٿيو آهي، ۽ انهن جي ئي نالي سان سڏجي ٿو.

اصل ۾ هن ٻيٽ جي خوبصورتي آهي، جيڪا ضرور ڏسڻ وٽان آهي. هن ٻيٽ جو هرهڪ منظر منفرد ۽ دلڪش آهي. ڇو تہ سنڌو درياهہ جي وچ ۾ وڏي وٽڪاريءَ اندر مختلف رنگن وارين عمارتن ۽ باغن سان سينگاريل آهي، جنهن ڪري پري کان سنڌو درياهہ جي وچ ۾ هڪ خوبصورت گلدستي وانگر نظر اچي ٿو. اندر

۽ خوبصورت عمارتون، وٽڪاري، صفائي سترائي ۽ پرسڪون ماحول آهي، جنهن ڪري جيڪي ٻه گهڙيون هتي گذريون ڏاڍيون راحت بخشيندڙ هيون. ساڌ ٻيلو سنڌ ۾ هندن جي انهن تمام ٿورن تيرٿ آستانن مان هڪ آهي، جتي مسلمان نٿا وڃن. نه ته لڳ ڀڳ هر تيرٿ مسلمانن لاءِ ساڳي اهميت جو ماڳ آهي. اڄڪلهه ڪنهن به غير هندوءَ کي ساڌ ٻيلي ڏانهن وڃڻ کان اڳ مقامي انتظاميه ۽ پنچائت کان اجازت نامو وٺڻو پوي ٿو، البت سِک مت وارا سولائيءَ سان وڃن ٿا ڇاڪاڻ ته ”سريچند“ جي نالي سان به هتي هڪ مندر آهي، ۽ سريچند سکن جي وڏي پشوا ”گرونانڪ“جو وڏو پٽ ۽ اداسي پنٿي هو. هونئن به سنڌ جا سک هندو ڌرم جو حصو سمجهيا وڃن ٿا.

انتظاميا کي گذارش ڪجي ٿي ته سنڌو درياهه جي هن خوبصورت ٻيٽ تي هڪ اهم ۽ مشهور تيرٿ مندر موجود آهي، جنهن مندر جي هندو ڌرم ۾ وڏي مڃتا ۽ تمام گهڻي اهم حيثيت رهي آهي. ان جي باوجود ساڌ ٻيلي تي مندر جي زيارت لاءِ ايندڙ ياترين لاءِ صرف ٻيڙي ذريعي وڃڻ جو رستو آهي، جيڪو تمام خطرناڪ پڻ آهي، خاص طور درياهه جي چاڙهه واري موسم ۾ وڌيڪ خطرناڪ آهي، ۽ ان موسم ۾ هر سال جاني نقصان ٿين ٿا، جنهن کي ماتا جي بلي جو رنگ ڏنو وڃي ٿو، ان لاءِ ڪو بهتر بندوبست ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ هن تيرٿ ۽ خوبصورت ٻيٽ تي سياحن ۽ ساجاهه وندن جي لاءِ کوليو وڃي.

روزاني ايڪتا 17 جون2022ع

**حوالا**

(1)- ”تاريخ سکر“ رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو114

(2)- ”ساڳيو“ صفحو157

(3)- ”ساڳيو“، صفحو158

(4)- ”سنڌوءَ جو سفر- ساڌ ٻيلو“، بدر ابڙو، سنڌ سلامت ڪتاب گهر.

(5)- ”ساڳيو“




## نئين سکر جي تعمير

پراڻو سکر اڄ بہ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکندڙ آهي، جيئن تہ پراڻو سکر شهر بکر قلعي تي مغل شهنشاهي دور جي حاڪمن جي دور ۾ آباد ٿيو. هن کان پهرين مضمونن ۾ پراڻي سکر جي شروعاتي دور جو ذکر ڪري آيو آهيان، جنهن ۾ بکر جي قلعي جي اهميت ۽ مشهوريءَ جو بہ ذکر ٿيل آهي، تہ جڏهن بکر قلعو اتر سنڌ جي گادي جو هنڌ بڻجي ويو تہ سندس آبادي بہ وڌڻ لڳي ۽ بکر جو قلعو ۽ ٻيٽ محدود هجڻ ڪري سندس سامهون سکر پاسي بہ سرڪاري ۽ ٻيون پڪيون جايون نهڻ شروع ٿيون ۽ شهر آباد ٿي ويو. ٻارهين صدي عيسويءَ کان پراڻو سکر درياهہ جي

اولهندي ڪناري تي واپاري سرگرمين سان ڀرپور دريائي بندر هوندو هو ۽ زرعي جنسن جي واپار جو وڏو مرڪز هيو.

جنهن ڪي هاڻي پراڻو سکر سڏيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ مغل شهنشاهي دور ۾ ئي نئي سکر واري پاسي تي تاريخي عمارتن جي اڏاوت شروع ٿي، پهرين مير ابوالقاسم نمڪين جڏهن بکر جو حاڪم مقرر ٿيو، ته هن تعميراتي ڪم ڪرايا، هن مسجدون ۽ عيد گاهه ٺهرايا جيڪي هاڻي بلڪل متجي چڪا آهن، صرف سندس هڪ اهم يادگار ”صفه صفا“ ستين جو آستان اڄ به روهڙيءَ پاسي درياهه جي ڪناري موجود آهي. ان کان پوءِ نئين سکر جي هڪ اونچي پهاڙي تي مير معصوم شاهه پنهنجي حڪومت ۾ سکر جي سڃاڻ نمايان ۽ اهم تاريخي ماڳ مير معصوم شاهه جي مينار تعمير ڪرايو ۽ ان جي ڀرسان خوبصورت گنبذ تعمير ڪرايو، نئي ۽ پراڻي سکر جي وچ تي هڪ شاندار مسافر خانو به مير معصوم شاهه صاحب تعمير ڪرايو، جيڪو موجوده ڊسٽرڪٽ جيل سکر ڀرسان هيو. ان کان سواءِ مير معصوم شاهه ٻين تاريخي ماڳن سان گڏ سنڌو درياهه جي منزل گاهه واري پتڻ سامهون مسافر خانو ۽ مسجد جي به تعمير ڪرائي ۽ سندس پٽ هنن عمارتن ڀرسان مسافرن جي آرام ۽ سهولت لاءِ باغ ٺهرايو. جنهن کان پوءِ غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي دؤر ۾ آدم شاهه جو مقبرو تعمير ڪرايو ۽ ان کان سواءِ شاهه لطيف جو اوتارو پڻ تعمير ڪرايو، جنهن جو هاڻي وجود نه رهيو آهي. ان کان پوءِ انگريزن جي اچڻ تائين سکر ۾ ڪائي به قابل ذڪر تعمير نه ٿي سگهي. چيو وڃي ٿو ته انگريزن جي اچڻ وقت به معصوم شاهه جي مناري ۽ منزل گاهه جي وچ تي صرف جهنگ هيو.

*** ٽالپرن جي دؤر ۾ سکر**

سنڌ تي ٽالپرن جي حڪومت کان پهرين ڪلهوڙن جي دور ۾ ئي شڪارپور ۽ ان جي آسپاس اتر سنڌ جا علائقا افغانستان جي ماتحت هئا، جنهن تي دوراني گورنر حڪومت ڪندا هئا ۽ هن پوري علائقي کي مغولي سڏيو ويندو هو، بکر جو قلعو بہ انهن جي قبضي هيٺ هو.

ٽالپرن 1783ع ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي سنڌ جون واڳون سنڀاليون، ليڪن ٽالپر بہ ڪلهوڙن وانگر ڪابل کي ڍل ڀريندڙ هئا، ڪجهہ وقت کان پوءِ ٽالپرن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو تہ خيرپور رياست مير سهراب خان ٽالپر جي حصي ۾ آئي. بکر ۽ شڪارپور بہ سهراباڻين کي ويجهو هئا. "جڏهن 1793ع ۾ تيمور شاهہ وفات ڪري ويو ۽ زمان شاهہ تخت تي وينو تہ ان وقت بکر قلعو سکر، شڪارپور ۽ آسپاس جي ٻين علائقن کي سري جو مغولي علائقو سڏيو ويندو هو، جنهن تي افغانستان جي ماتحت دراني حڪومت ڪندا هئا.

ان تي مير سهراب خان جي پٽن مير رستم خان ۽ مير مبارڪ خان سکر پرسان دورانين سان جنگ ڪري کين شڪست ڏئي، هنن علائقن تي پنهنجو قبضو ڪيو، فقط شڪارپور مٿان ڪابل پاران نائب حڪومت ڪندو هو، پوءِ 1824ع ۾ شڪارپور تي بہ ٽالپرن قبضو ڪيو." (1)

ٽالپرن جي دور ۾ سکر جي علائقي ۾ خوشحالي هئي هتي جون زمينون ۽ باغات خوشحالي جو وڏو سبب هئا، ۽ ميرن هتي آبپاشي بهتر بنائڻ لاءِ واهہ کوٽايا هئا، جيڪي اڄ بہ ميرواهہ سنڌجن ٿا.

انگريزن هندستان جي پوري ملڪ کي فتح ڪرڻ بعد "وائسراءِ لارڊ آڪلنڊ ڪابل سان جنگ ڪرڻ لاءِ رنجيت سنگهہ ۽ شاهہ شجاع سان عهد نامو ڪري بمبئي ۽ بنگال جي لشڪر کي

تيار ڪيو، جن ڪي سنڌ مان لنگهڻو هو ان لاءِ وائسراءِ پنهنجي پاران اليگزينڊر برنس ڪي 25 ڊسمبر 1838ع تي مير رستم خان ڏانهن موڪليو جنهن مير صاحب سان زبردستي معاهدو ڪيو تہ بکر جو قلعو فوجي مقصدن لاءِ انگريزن وٽ رهندو، جنهن ڪي افغان جنگ کان پوءِ انگريز خالي ڪندا.“ (2)

بکر جو قلعو انگريزن جي هٿ اچڻ ڪري پراڻو سکر بہ سندن قبضي ۾ اچي ويو ۽ نئين سکر جي ٽڪرين تي بہ فوجي بيرڪون ۽ ڇاوڻيون اڏجي ويون.

انگريزن بکر قلعو هٿ ڪري ان ۾ هٿيار ناهڻ ۽ بارود ٺاهڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا جن جو انچارج ليفٽيننٽ جان جيڪب هئو، جنهن بعد ۾ جيڪب آباد شهر ٺاهيو.

** ”نئين سکر“ جي نئين تعمير 1843ع کان شروع ٿي، جڏهن انگريزن پوري سنڌ تي قبضي بعد سکر کي فوجي لشڪر جو هيڊ ڪوارٽر بڻايو. انهيءَ کان اڳ رياست خيرپور جي ميرن جي اجازت سان هتي هڪ فوجي ڇانوڻيءَ جو قيام عمل ۾ آيو هو، انگريزن جي قبضي ۾ پراڻو سکر هو، نئين سکر جو وجود بعد ۾ ٿيو.

انگريزن سکر جي فريڪ هل تي فوجن لاءِ بريڪون تعمير ڪرايون، جتي 18000 فوجن کي سکر ڇاوڻيءَ ۾ آرام ڪرڻو هئو، جن جو نيڪو آغا خانين جي امام آغا خان حسن علي جي مريدن خواجن، ميمڻن، پارسين ۽ هندو سينين کي نيڪن جا ڪم مليا، جن پنهنجي رهائش لاءِ نئين سکر ۾ ڪچا گهر ناهي وينا ۽ سرڪاري پڪا دفتر اسپتالون ۽ رهائشي بنگلا تعمير ٿيا.بکر ۽ آسپاس علائقي جي هندن معصوم شاهہ جي ميناري کان هيٺ جهوپڙن ۾ سيڌي سامان جا دوڪان کوليا، جنهن ڪري هنن دوڪانن کي ڇپري بندر سڏيو ويو، جنهن ۾ وقت سان گڏ واڌارو ۽ ترقي ٿيندي ويئي هيئنر اها مک ڪپڙي جي بازار آهي.

ان کان اڳ معصوم شاهہ جي مناري کان هيٺ گهاٽو جهنگ هو ۽ خوفناڪ جانور بہ اتي رهندا هئا. انگريزن انهيءَ جهنگ کي ڪٽرائي صاف ڪيو ۽ اتي هنن ملٽريءَ جو مرڪز قائم ڪيو، جنهن بعد آبادي وڌندي وئي ۽ هي شهر تعميري ترقيءَ تي گامزن ٿيو. عاليشان محلاتون، پهاڙين تي سرڪاري دفتر ۽ رهائشگاهون تعمير ٿيون. 1845ع ڌاري هڪ مهلڪ بيماريءَ منهن ڪڍيو، جنهنڪري 500 کان وڌيڪ فوجي مري ويا. اهو ڏسي چارلس نيپئر باقي فوج کي ٻئي هنڌ منتقل ڪيو.

1842ع ۾ سکر شهر شڪارپور ضلعي ۾ هو ۽ اڪثر ڇيو وڃي ٿو تہ 1883ع ضلعي هيڊ ڪوارٽر بڻيو. ليڪن پير علي محمد راشدي سکر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ٿيڻ جو سال 1901ع لکيو آهي. جنهن لاءِ پير علي محمد راشدي صاحب لکي ٿو تہ: ”سنڌ تي انگريزن جي قبضي بعد بہ سکر ضلعو پهريائين شڪارپور ضلعي جو هڪ حصو هو. 1901ع ڌاري، شڪارپور ضلعي کي ختم ڪري، منجهانئس بہ ضلعا ناهيائون، يعني سکر ۽ لاڙڪاڻو. سکر جي ڪليڪٽرن جو ٻابو آدم ڪرنل ميهو هوندو هو، جنهن سڀ کان پهرين سکر کي ناهي ۽ سينگاري، موجوده صورت ونرائي.“[3]

سکر ضلعو ٺهڻ کانپوءِ سکر جي وڌيڪ ترقي ٿي ۽ شڪارپور جي تجارت بہ گهٽي ڀاڱي سکر ۾ منتقل ٿي. ليڪن ان کان اڳ بہ انگريز حڪومت سکر جي ترقي لاءِ اهم تاريخي منصوبا عمل ۾ آندا، جن ۾ سڀ کان پهرين سنڌو درياهہ رستي جديد جهاز راني قابل ذڪر آهي.

* انگريزن پوري برصغير تي قبضي کانپوءِ جديد جهاز رانيءَ جي شروعات سنڌ مان ڪئي. هنن سنڌو درياهہ ۾ پهريون وڏو ٻيڙو ”اندس“ تہ 1835ع ڌاري هلايو ويو، پر ان کان پوءِ انگريزن (Planet) ۽ (Satellite) نالي بہ ٻيا ٻيڙا سنڌو درياهہ ۾ هلايا. انهن ٽنهي ٻيڙن

ڪي انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ وقت استعمال ڪيو هو. سنڌ تي قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ انگريزن سنڌو درياهہ ۾ هڪ ننڍو جهاز بيهاري ڇڏيو، جنهن لاءِ نيويءَ جو هڪ آفيسر بہ مقرر ڪيو ويو.

* سنڌو درياهہ ۾ ٻيڙين وسيلي آمد رفت ۽ وڻج واپار اوائلي دور کان جاري رهيو آهي. پر سنڌوءَ ۾ جديد جهاز رانيءَ جي ابتدا انگريزن جي دور ۾ ٿي. 1852ع ڌاري انگريزن ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين پاڻيءَ جو هڪ ننڍو جهاز هر پندرهين ڏينهن ٽپال لاءِ استعمال ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت سرڪاري سطح تي برصغير ۾ ٽپال جي ابتدا بہ سنڌوءَ درياهہ وسيلي سنڌ مان ڪئي وئي.

جڏهن انگريزن سنڌو درياهہ کي واپاري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ ان لاءِ سڀ کان پهريائين 1856ع ڌاري "Oriental Inland Steam Company" قائم ڪئي وئي ۽ ان ڪمپنيءَ کي برطانوي سرڪار ساليانو 50 هزار روپيا سبسڊي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان ڪمپنيءَ اڍائي لک پائونڊ جي سيڙپڪاريءَ سان برصغير ۾ 'اسٽيم ٽرين' هلائڻ جو برطانيا سرڪار سان ناهہ ڪيو، ليڪن بد انتظامي جي ڪري ترت ئي ان ڪمپنيءَ جو ڏيوالو نڪري ويو ۽ ان 1869ع ڌاري پنهنجو ٻيڙو وڪرو ڪري ڇڏيو. 1859ع ڌاري انگريز سرڪار جي ڪوشش سان " Indus Steam Flotilla" جي نالي سان ڪمپني ٺاهي وئي ۽ ان ڪمپنيءَ کي انگريز سرڪار ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ جي وچ ۾ تعمير هيٺ ريلوي لائين وڇائڻ ۾ مدد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سمنڊ وٽ انڊس ڊيلٽا ۾ پاڻي جي سطح مٿي هئڻ جي ڪري انگريز سرڪار سنڌ جي قديم شهر جهرڪ ۾ 'انڊس اسٽيم فلوٽيلا' جو بندرگاهہ ٺاهيو، جيڪو برطانيا سرڪار پاران سنڌ ۾ قائم ٿيل پهريون بندرگاهہ آهي. ان دور ۾ جهرڪ ويجهو سنڌو درياهہ انتهائي گهرو هو، تنهن ڪري اتان جهاز جي آمد رفت آسانيءَ سان ٿي پئي سگهي. بندر نهڻ

ڪري ”جهرڪ“ شهر تمام گهڻي ترقي ڪئي. اندس فلوٽيلا تي جهرڪ ۾ سامان چاڙهڻ کان اڳ ٻاهران ايندڙ سامان ڪراچي ڪياماڙيءَ تي لاٿو ويندو هو، جتان اهو سامان سنڌ، پنجاب ۽ سرحد ڏانهن درياهه وسيلي موڪليو ويندو هو. سنڌو درياهه ۾ هلندڙ وڏا جهاز ڪوئلي تي هلندا هئا ۽ اهي ملتان ۽ اٽڪ کان ٿي ڪالاباغ واري هنڌ تائين ويندا هئا. 1859ع ڌاري ڪراچي هاربر کان گذريءَ تائينءَ پٽڙي وڇائجي وئي. جنهن بعد ڪياماڙيءَ کان سامان ريل رستي گذري، ڪراچيءَ تائين ايندو هو، اتان ٻيڙين ۾ وجهي سمنڊ وسيلي اندس ڊيلٽا وارو رستو وٺي جهرڪن تائين پهچايو ويندو هو.

* اندس اسٽيمر فلوٽيلا بابت نامور تاريخدان مولائي شيدائيءَ پنهنجي ڪتاب ’تاريخ سکر‘ ۾ لکيو آهي ته: ”انهن ڏينهن ۾ ’اندس فلوٽيلا ڪمپنيءَ‘ جا جهاز مهراڻ جي ڊيلٽا مان  ملتان مال ڍوئيندا هئا، جن سان فلاٽون ٻڌندا هئا. مال آڻيندا هئا، جيڪو ڪراچيءَ کان ولايت ويندو هو ۽ ولايتي مال سنڌ ۽ پنجاب جي شهرن کي پهچندو هو. آگبوٽن ۾ ڪاٺيون ٻرنديون هيون، جن جي ڪٽڻ لاءِ مهراڻ جي ڪپ تي اسٽيشنون قائم ڪيون ويون، وري جيڪي شهر بندر هئا، اتي ٽرئفڪ ايجنسيءَ جا دفتر کوليا ويا. سکر ۾ مسجد منزل گاهه واري هشت پهلو عمارت ۾ ٽرئفڪ جي آفيس کولي وئي هئي، ان کان اڳ ۾ ٻيڙين وسيلي جيڪو اناج سکر پهچندو هو، سو وٽن هينيان ڍڳ ڪري رکندا هئا. مگر اندس فلوٽيلا ڪمپنيءَ جي باقاعدي سروس کلڻ کان پوءِ بندر تي ريلوي ڦاٽڪ لڳ هڪ وڏو گدام مال رکڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو، جيڪو وقت گذرڻ کان پوءِ نواب فئڪٽري ۾ بدلجي ويو، سکر بندر تي هيءُ پهريون گدام هو. 1858ع ۾ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين اندس فلوٽيلا ڪمپنيءَ جو هيڊ ڪوارٽر ڪوٽڙيءَ ۾ منتقل ڪيو

ويو. سنڌ ۽ پنجاب ڪان ايندڙ مال ڪوٽڙيءَ ۾ لهندو هو ۽ هتان ريل گاڏين ۾ چاڙهي ٻين هنڌن ڏانهن موڪليو ويندو هو. هن بندر تي هزارين مزدور ڪم ڪندا هئا. جهازن جي گودي بہ ڪوٽڙيءَ ۾ منتقل ٿي آئي. انهيءَ سموري عرصي دوران ڪوٽڙي بندر کي وڏي اهميت ملي ۽ ڪوٽڙي سنڌ جو بمبئي بندر بڻجي ويو." [4]

انگريزن جي دور ۾ ٻهريون وڏو منصوبو سکر ۽ روهڙيءَ کي ريل رستي ملائڻ لاءِ لينسڊائونس پل، سکر بيراج جنهن کي لائڊ بيراج جو نالو ڏنو ويو سو بہ برٽش دور ۾ ٺهيو جيڪو دنيا جي سڀ کان وڏي آبپاشي سسٽم کي ڪنٽرول ڪري ٿو. ان کان سواءِ تعليمي ادارا، بجلي گهر، سکر ريلوي اسٽيشن، روهڙي ريلوي اسٽيشن، ڪارخانا ۽ فيڪٽريون جن سان سکر جي صنعت ۽ تجارت جي وڏي ترقي ملي. انگريز دور جي مک ترقياتي منصوبن جو تفصيلي احوال اڳتي هلي الڳ الڳ لکبو.

روزاني ايڪتا 2 جولاءِ 2022ع

**حوالا**


(1)- "تاريخ سکر"، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 140

(2)- "ساڳيو" صفحو 143

(3)-"اهي ڏينهن اهي شينهن"، پير علي محمد راشدي، صفحو51- 52

(4)- "تاريخ سکر"، رحيمداد خان مولائي شيدائي، صفحو 159



## سکر انگريزن جي دور ۾

سکر شهر انگريزن جي دور ۾ گهڻي ترقي ڪئي، ليڪن دور ۾ سنڌي هاري، مزدور خاص طور اٺن جي قافلن ذريعي مال برداري کي نقصان پهتو، ڀهراڙيءَ جو سنڌي نئين هنر ۽ ترقيءَ کي سمجهي نہ سگهيو ۽ شهرن کان پري رهيو جنهن ڪري سنڌن وڏو معاشي نقصان ٿيو. جيئن تہ انگريزن جي وقت ۾ سڄو برصغير هڪ ملڪ هو، انگريزن واپار ۽ صنعت جي ترقي لاءِ سنڌ کان ٻاهران مزدور ۽ ڪاريگر گهرائي هتي آباد ڪيا.

انگريزن جي دور ۾ سکر ۾ ٿيل اهم اڏاوتن ۽ ادارن جون خاص تاريخي حقيقتون اوهان جي سامهون رکجن ٿيون.

### * سکر ۾ ريلوي جي آمد

ڊسمبر1855ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سرڪار وچ ۾ ڪراچي ۽ ڪوٽڙي جي شهرن کي ريلوي لائين ذريعي جوڙڻ جو

معاهدو ٿيو جنهن جو مقصد واپار کي هٿي وٺائڻ هيو ان لاءِ هڪ سنڌ ڪمپني نالي ڪمپني جوڙي وئي.

ان ريلوي لائين جي پيڙهه جو بنياد 29 اپريل 1858ع تي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر رکيو ۽ اها لائين 13 مئي 1861ع تي تياري تي ڪولي وئي رستو هڪ طرفو هيو پٽڙي جو معيار ماپو 5 فوٽ 6 انچ هو ان ڪان پوءِ ٻيو قدم ڪوٽڙي سکر جي وچ ۾ ريلوي لائين جوڙڻ، ان ڪان علاوه ملتان لاهور امرتسر لائين رک ڪان سبي ان ڪم لاءِ مختلف ڪمپنيون جوڙيون ويون هيون، جن ۾ سنڌ ريلوي پنجاب ريلوي دهلي ريلوي پنجاب نادرن اسٽيٽ ريلوي اندس فلوٽيلا ڪمپني اندس ويلي ريلوي اسٽيٽ ريلوي ايسٽرن سيڪشن آف سنڌ ساگر ريلوي سائوٿ سيڪشن آف سنڌ پشين ريلوي ۽ قنڌار اسٽيٽ ريلوي، انهن سيني ڪمپنين کي حڪومت 1جنوري 1886ع تي پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي ان کي نادرن ويسٽرن ريلوي نالو ڏنو.

1879ع ۾ ريلوي لائين ڪوٽڙي ڪان براسته دادو لاڙڪاڻو سکر پهتي ۽ مهراڻ جي ڪاٻي ڪپ تي روهڙيءَ ڪان خانپور پنجاب تائين ريلوي لائين چالو ٿي. ان وقت روهڙي جي ريلوي اسٽيشن جنهن کي بندر اسٽيشن سڏيو ويندو، جتي هڪ ويٽنگ روم ٻه جڙيل هئو، اها پائي وسڻ رام جي باغ وٽ هئي يعني ستين جي آستاني ڪان اولهه طرف ساڌ ٻيلي جي سامهون ۽ سکر جي ريلوي اسٽيشن وري بندر روڊ تي موجده گونگن ٻارن جي اسڪول جي سامهون هئي ۽ بندر روڊ تي پٽر واري گودي ريلوي لوڪو شيڊ هئي سکر بندر اسٽيشن تي جڏهن ريل گاڏي ايندي هئي، تڏهن اها هڪ انجڻ ۽ اٺ گاڏن تي مشتمل هوندي هئي ان وقت روهڙي ۽ سکر وچ ۾ درياه تي اجان پل نه جڙي هئي، جنهن ڪري ڪري ڪمپنيءَ ريلوي گاڏي کي روهڙي پهچاڻڻ لاءِ وڏا پاٽي جا ٻيڙا

ٺهرايا هيا جن تي مال سميت گاڏا ۽ انجڻ چاڙهي روهڙيءَ واري پاسي موڪليا ويندا هئا جتان اها ساڳي ٽرين جڙي پنجاب ڏانهن ويندي هئي اهڙيءَ طرح روهڙيءَ کان ٽرين ٻيڙن ذريعي ايندي هئي جيڪا اڳتي ڪراچيءَ ويندي هئي 27 مارچ 1889ع ۾ لئنسڊائون پل جڙي ان جو افتتاح بمبئي جي گورنر لارڊ ري کيو ۽ اهڙي طرح سکر روهڙي جو ريلوي لائين ذريعي رابطو جڙي ويو، جنهن ڪري بندر اسٽيشن سکر کي مال گدام ۾ تبديل کيو ويو ۽ پٽر گودي واريءَ لوڪو شيڊ ۾ريلوي جون آفيسون جڙي ويون ۽ عارضي سکر ريلوي اسٽيشن موجده جڳهہ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو 1891ع ۾ موجده وڏي ريلوي اسٽيشن سکر جي جوڙي وئي اهڙي طرح ستين جي آستان واري اسٽيشن کي بند ڪري روهڙي واري اسٽيشن پهاڙيءَ کي ڪٽي جتي اڳ رضوي بکري سيدن جو قبرستان هو اتي ٺاهي وئي.

1882ع آدم شاه جي ٽڪري هينان ڏاڪٽي طرف انجڻين جي مرمت لاء ريلوي ورڪشاپ کولي وئي جنهن کي نارٿ ويسٽرن ريلوي جي ورڪشاپ ۽ گودي سڏيو ويندو هو جنهن ۾ ان وقت موٽو ۽ ويگن ورڪشاپ پڻ هئي جيڪا بعد ۾ مغلپورا شفٽ ٿي وئي ان زماني ان ۾ 2 هزار مزدور ڪم ڪندا هئا، ان سان گڏ انهن ملازمن لاءِ ورڪشاپ جي آسپاس ڪجهه بنگلا ۽ ڪواٽر ڪلب ۽ گرائونڊ جوڙيا ويا.

ان وقت ان ورڪشاپ ۾ زياده مزدور ڪم ڪرڻ لاءِ پنجاب کان آيل هيا، جيڪي نئين ڳوٺ جنهن کي پنجابي ۾ نئون پنڊ سڏيو ويندو هيو. ان جاءِ تي چمڙيءَ جو گدام وٺ جتي ريلوي برج ڪاتي جو اسٽور آهي اتي خانگي جهوپڙيون جوڙي رهندا هئا ان بعد ريلوي وارن اتي کين رهائش لاء ڪچا ڪواٽر جوڙائي ڏنا ان سان گڏ سکر ريلوي اسٽيشن لڳ لوڪو شيڊ جي ملازمن لاءِ

ڪواٽر جوڙايا ويا، ان سان گڏ جيڪب آباد جي لوڪو شيڊ کي ختم ڪري سکر ريلوي اسٽيشن پرسا لوڪو شيڊ ٺاهي وئي جنهن ۾ ان وقت 50 انجڻيون اينديون وينديون هيون.

15 ڊسمبر 1896ع حيدرآباد پرسان شادي پلي ريلوي اسٽيشن کا روهڙي تائين ريلوي لائين وڌي وئي ۽ 25 مئي 1900ع ڪوٽڙي ۾ درياھ مٿان پل جڙي وئي ۽ اهڙي طرح روهڙي جو ڪراچيءَ سان ريل جو رستو جڙي ويو جيڪو پراڻي روٽ کان فاصلي ۾ گهٽ هيو 1858ع ۾ ريل جون جون ننڍڙيون انجڻيون هيون، جيڪي 20 کان 35 گاڏا ڇڪي سگهنديون هيون اهي انجڻيون ڪاٺين جي ٻارڻ سان پاڻي جي ٻاڦ تي هلنديو هيون، ان لاءِ انجڻ سان گڏ هڪ گاڏو ڪاٺين جو پريل لڳل هوندو هو ان سان گڏ هڪ اسٽيشن ڇڏي ٻي اسٽيشن تي ڪاٺين جو گدام ۽ پاڻي جو ٽانڪيون ٺاهيون ويون هيون. روهڙي ۾ ڪاٺين جو وڏو اسٽور پليٽ فارم 4 جي اتر طرف قائم هيو جتي هاڻي ٻيو سامان رکيو وڃي ٿو. پوءِ ڪوئلن تي هلڻ واريون انجڻيون اچي ويون، جنهن ڪري ڪاٺن جي اسٽورن کي پٿرن جي ڪوئلن جي اسٽور ۾ تبديل ڪيو ويو. شروع ۾ ريلوي جون گاڏيون مال ڪڻنديون هيون مسافرن جون گاڏيون بعد ۾ هليون، مئي 1861ع ۾ ريلوي وٽ 20 انجڻيون ۽ 40 گاڏا هئا ڊسمبر 1874ع ۾ 25 انجڻ 734 گاڏا 116 پٿر ڪڻڻ جا گاڏا هئا.

سکر ۾ ريلوي جو ڪم وڌڻ ڪري بعد ۾ ريلوي ڊويزن ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو، سکر جي گرم گودي ورڪشاپ ۾ عارضي دفتر قائم ڪيو اپريل 1963ع موجده نئين عمارت جڙي تيار ٿي وئي جتي سکر ريلوي ڊويزن جو دفتر پنهنجو ڪم شروع ڪيو.

**⁕ لئنسڊائون برج**

انگريزن برصغير ۾ ريلوي نظام شروع ڪيو، سنڌ ۾ پهرين ريلوي لائين ڪراچي کياماڙيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين وڇائي وئي جنهن کان پوءِ ”انڊس اسٽيٽ وئلي ريلوي“ ۽ ”سنڌ پشين ريلوي“ لائنن جي لڳائڻ کان پوءِ انگريز سرڪار فوج جي چرپر، جنگي حڪمت عملي ۽ مال گاڏين ذيعي واپار وڌائڻ لاءِ ڪوئٽا کي لاهور ۽ ڪراچي سان ملائڻ ضروري سمجهيو، جنهن ڪري هنن سکر ۽ روهڙي وارين درياهه جي ٻنهي شاخن تي لوهي پل تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جي منظوري 1883ع ۾ ڏني وئي ۽ 1885ع ۾ ڪم شروع ٿيو جيڪو 1889 ۾ مڪمل ٿيو.

روهڙي ۽ سکر کي ڳنڍيندڙ ”لئنسڊائون پل“ دنيا جي ٻيو نمبر اهڙي پل ليکي وجي ٿي، جنهن کي متحرڪ يعني ( Suspention Bridge) چيو وجي ٿو، اها پل مضبوط گارڊرن تي بيٺل آهي، هيءَ پل سکر ۽ روهڙيءَ کي پاڻ ۾ ملائي ٿي. 1879ع کان 1889ع تائين ريلوي جا سامان ۽ مسافر مال بردار جهاز انهيءَ پل ذريعي گذاريا ويندا هئا. بمبئيءَ جي گورنر مارچ 1889ع ۾ پل جي تعمير مڪمل ٿيڻ تي ان جو افتتاح ڪيو، جنهن تي نالو به گورنر ’لارڊ لئنسڊائون‘ جي پنيان ’لئنسڊائون پُل‘ رکيل آهي.

”لئنسڊائون پُل“ جا ٻه حصا آهن، هڪ سکر پاسي وارو ۽ ٻيو روهڙي پاسي وارو وچ تي بکر جو ٻيٽ ۽ قلعو آهي، سکر پاسي واري پل ٽن ٿنڀن تي جڙيل آهي جيڪي ٽيئي درياهه تي ٺهيل آهن هن حصي جي ڊيگهه 600 فوٽ آهي ۽ ٻيو وڏو حصو روهڙي پاسي وارو آهي، جنهن جي ڊيگهه 820 فوٽ آهي ۽ هي حصو بغير درياهي ٿنڀن جي ٻنهي ڪپرن روهڙي ۽ بکر ٻيٽ کان ڪئنچين ذريعي بيٺل آهي، ۽ وچ چابيءَ ڪل تي ٺهيل هئو، جنهن کي حرڪت ۾ آڻڻ سان پل کي ٻنهي ڪئنچين سان ڇڪي پل جو رستو ختم

ڪري سگهجي، اها حڪمت عملي دشمن فوج جي درياهه پار ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪئي ويئي هئي. هن پل تي ان وقت ۾ چاليهه لک روپيا خرچ آيو ۽ ان وقت جي وائسراءِ لارڊ ليئنسڊائون جي نالي تي هن جو نالو ”لئنسڊائون برج“ رکيو ويو ۽ هيءَ پل دنيا جي عجائبات ۾ شمار ٿئي ٿي.

پل جي افتتاحي رسم بمبئيءَ جي گورنر ادا ڪئي، جنهن لاءِ سکر ميونسپالٽي پاران بکر جي قلعي ۾ وڏو شاميانو جهنڊين سان سينگاريل کوڙيو هو. هن موقعي تي سنڌ جو ڪمشنر مسٽر چارلس رچرڊ ۽ خيرپور جو والي هزهائنس، سر مير علي مراد خان ٽالپر، هندوستان ۽ پنجاب جي وڏن ماڻهن هن تقريب۾ شرڪت ڪئي، گورنر تقرير ۾ چيو ته افغانستان سان واپار ترقي ڪندو. پل تي چاليهه لک روپيا خرچ ٿيو ۽ ٺيڪو انگلنڊ جي ڪمپني ”ويسٽ ووڊائنڊ ايلي“ کي ڏنو ويو ۽ مسٽر رابرٽن انجنيئر جي نگراني هيٺ ڪم هليو، وائسراءِ لارڊ لينسڊائون جي نالي تي پل ”لينسڊائون برج“ سڏجڻ لڳي، سکر جا ياڳ ڪلي ويا ڇو ته هيءِ پل دنيا جي عجائبات ۾ شمار ٿئي ٿي، جنهن ڪري پري پري کان ماڻهون هن کي ڏسڻ اچن ٿا، اندس فلو ٽيلا ڪمپنيءَ جو ڪاروبار 1889ع ۾ پل کلڻ کان پوءِ بند ٿي ويو ۽ سکر تجارتي مرڪز بنجي ويو.سکر ۽ روهڙيءَ وچ ۾ آمدرفت انهيءَ پل ذريعي ٿيڻ لڳي. لڳ ڀڳ سوا صدي گذرڻ باوجود بہ لئنسڊائون پل هڪ خوبصورت ڏيک ڏئي ٿي، پر اڄڪلهه ان تان بس ۽ ٽرڪ وغيره جي گذرڻ تي پابندي مڙهيل آهي. اڄ هيءَ پل صرف عام گذرگاهه لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته 1967ع ۾ پُل جي پرسان ئي ٿوري تبديليءَ سان ريلوي ڪراسنگ لاءِ الڳ پل ٺاهي وئي، جنهن جو نالو ’ايوب پل‘ رکيو ويو.

هن وقت لئنسڊائون پل هڪ روڊ رستي واري عام پل آهي جنهن تي سکر ۽ روهڙي اچڻ وڃڻ لاءِ عام ٽريفڪ جي استعمال ۾ آهي.

## ❋ هو جمالو

هن وقت سنڌ جي قومي گيت ۽ رقص جو درجو رکي ٿو، هن لاءِ پڪختي روايت آهي تہ سکر واري پل جو هن لوڪ گيت ۾ ذکر سکر جي لينسڊائون پل متعلق آهي. هن پل جي خاصيت هئي تہ روهڙيءَ واري پاسي کان ان ۾ کوبہ ٿنل نہ هيو، جنهن ڪري هڪ لوڪ ڪهاڻي جنم ورتو ۽ روايت ۾ اچي وئي. ڪهاڻي مطابق جڏهن هيءَ پل تيار ٿي تہ هڪ پاسي ٿنڀ نہ هجڻ ڪري ريل جي ڊرائيورن ڊپ جي ڪري هن پل تي ريل هلائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري انگريزن کي مشڪل پيش آئي ۽ انتظاميہ ان کي حل ڪرڻ جو انوکو منصوبو جوڙيو. سکر جيل جي سنڌي شيدي جمالو نالي موت جي سزا واري قيدي کي ريل هلائڻ سيکاري ۽ معاهدو ڪيو تہ پل تان ريل کي پار ڪندو تہ کيس سزا کان معافي ڏني ويندي. اهڙي طرح جمالو پل تان ريل کي پار ڪري ڏيکاريو تہ کيس سزا کان معافي سان گڏ انعام بہ مليو تہ ان جي زال مڙس جي ڪاميابي جي خوشي ۾ هو جمالو نالي گيت ڳايو اهڙي طرح ان لوڪ گيت جي ابتدا ٿي. ان روايتي ڪهاڻي جي اجان ڪٿان ثابتي نہ ٿي آهي. ليڪن اڪثر ليکڪ هن ئي روايت کي صحيح سمجهن ٿا.

هن وقت بہ هيءُ گيت سنڌ جي قومي ۽ ثقافتي اهڃاڻ جي حيثيت رکي ٿو ۽ هن گيت جي ڌن تي قومي رقص ڪيو ويندو آهي. هيءُ گيت سنڌي ماڻهن جي نفسيات سان جڙيل آهي. جَمالَي ۾ ڪيترن شاعرن وقت بہ وقت نيون ڳالهيون بہ شامل پئي ڪيون

آهن. هي ڳيت ڳائيندي گول ڦر ناهي، وچ ۾ سازنده بيهاري، گروپ جي صورت ۾ اهو رقص ڪيو ويندو آهي، جيڪو هر ڪنهن جي وس ڪان ٻاهر آهي. مگر سنڌي ڳوناٽن جي رڳ رڳ ۾ اهو رقص سمايل آهي، تنهن ڪري ڳوناٽن ڪي هن جي صدا ڪن تي پئي تي تہ ڳوناٽا پاڻ مرادو ٿڙڪڻ شروع ٿيو وڃن۽ رقص شروع ٿي وڃي ٿو.

## * سکر بئراج

سنڌو درياھ تي ٺهيل سکر بئراج جنهن جو اصل نالو "لائيڊ بئراج" آهي، ۽ هن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو بئراج چيو وڃي ٿو. ويهين صدي ۾ سکر ۾ جيڪي عمارتون ۽ ترقيءَ جا ڪم ٿيا، انهن ۾ سکر بئراج جو شمار دنيا جي عجائبات ۾ آهي. دنيا ۾ هي وڏي ۾ وڏو بند آهي. سکر بئراج بکر جي قلعي کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي اولهندي طرف جتي اڳ سنسان جهنگ هو ان جاءِ تي ٺهيل آهي. سنڌو درياھ متان پُل جي ڊيگهہ پورو هڪ ميل آهي، ميٽوڙي رنگ جي پٿرن سان جڙيل تمام خوبصورت شاهڪار آهي. هن بئراج کي سنڌو درياھ متان ڇاهٺ[66] فولاد جا در لڳل آهن، جيڪي بجليءَ جي قوت سان کڄن ۽ بند ٿين ٿا ۽ بئراج جو جو پنهنجو الگ پاور هائوس آهي. هن پل جي اسڪيم ليفٽيننٽ ڪرنل اسڪاٽ 1846ع ۾ تيار ڪئي هئي. 1904ع ۾ ڊاڪٽر سمرس سپرنٽينڊنٽ انجنيئر متئين اسڪيم حڪومت هند جي ڌيان تي آندي ۽ 1910ع ۾ هي سوال حڪومت اڳيان پيش ٿيو ۽ 1916ع ۾ جانچ ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن ڪم کي چالو ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي. ليڪن پهرين جنگ عظيم لڳڻ ڪري 1918ع تائين ڪم کي ملتوي ڪيو ويو. مسٽر اي، اي مسٽو بئراج ۽ ان جي ستن واهن جو نقشو تيار ڪري بمبئي حڪومت اڳيان پيش ڪيو. 1923ع ۾ سيڪريٽري هند کان منظور ٿيڻ ڪانپوءِ جولاءِ مهيني ۾

بئراج ڪالوني جي ڪوارٽرن ٺهڻ جو ڪم شروع ٿيو ۽ 1926ع ۾ پل جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو. 1925ع ۾ واهن جي کاٽيءَ جو ڪم مشينن (ايڪسڪيوٽرن) جي وسيلي شروع ٿيو. هر مشين هڪ منٽ اندر 74 ٽن مٽي کوٽي ٻاهر اڇلائڻ لڳي. جملي 46 مشينون مختلف هنڌن تي لڳايون ويون. انهن مشينن جي کوٽائي جو ڪم ڏسڻ وٽان هو. انهن مشينن (Excavators) ستن واهن جي کاٽي ڪندي جملي 596 ڪروڙ چورس فوٽ مٽي کوٽي هئي. پل تعمير ڪرڻ لاءِ ڪافر ڊيم Cofferdam ٻڌي پاڻي ڪڍي ٻاهر اڇلائيندا هيون. مهراڻ جي ڪاٻي ڪناري وارن روهڙيءَ جي ريلوي لائين جي لڳ ٽڪرين ۽ ساڄي پاسي سکر جي اُتر طرف وارين ٽڪرين مان پٿر ڪاٽي پل تعمير ڪئي وئي. لائيڊ بئراج جي اهميت هن طرح آهي ته سکر جي لينسڊائون پل سڄي لوهه جي جڙيل آهي ۽ بئراج پل سڄي پٿرن جي جڙيل آهي. پاڻي جي نيڪال جي گنجائش، 15 لک ڪيوسڪ آهي.

13 جنوري 1932ع ۾ وائسراءِ لارڊ ولنگڊن هن پل جو افتتاح ڪيو. هن موقعي تي سڄي هندستان جا سرڪاري ۽ غير سرڪاري معزز ماڻهو حاضر ٿيا. اهڙو اجلاس شايد ٻئي ڪنهن هنڌ يا سکر ۾ اڳ ڪڏهن به ڪو نه ٿيو هو. بئراج تي ”لائڊ“ جو نالو ان ڪري رکيو ويو، جو ان وقت بمبئي جو گورنر لارڊ لائڊ هو، جنهن ڪم ۾ دلچسپي ورتي هئي. لائڊ بئراج پل جا دنيا ۾ آبپاشيءَ جو سڀ کان وڏو بند آهي، ان ڪري ڌارين ملڪن جا ماڻهو ڏسڻ اچن ٿا. خاص ڪري چاندوڪي رات ۾ ان جو منظر نهايت دلفريب ۽ ڏسڻ جي قابل آهي. پل جي ڪاٻي پاسي هڪ عجائب خانو به جڙيل آهي. هيءَ پل لنڊن جي ٿيمس پل کان پنجوڻ تي وڏي آهي. ساڄي پاسي کان 3 وڏا واهه: (1) اُتر اولهه ڪئنال، (2) رائيس ڪئنال، (3) دادو ڪئنال نڪرن ٿا. ۽ ڪاٻي پاسي کان چار وڏا واهه نڪرن ٿا: (1)

اوپرندو نارو، (2) اوپر خيرپور ڪئنال، (3) روهڙي سنڌ سڏار ڪئنال، (4) مغربي خيرپور ڪئنال (جنهن کي عام طور ابل واهه سڏيو وڃي ٿو) نڪرن ٿا. درياهه جي ساڄي ۽ کاٻي پاسن کان ٻه مضبوط ديوارون درياهه ۾ 1600 ۽ 1900 سوء فوٽ ڊگهيون آهن، اوهي درياه جي لٽ کي روڪڻ ۽ واهن کي پاڻي پهچائڻ لاءِ آهن. مٿيان واهه سدائين وهن ٿا ۽ هر موسم ۾ پاڻي پهچائين ٿا. هنن واهن تي 75 لک ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. گڊو بئراج مان ٻه وڏا واهه بيگاري، سنڌ فيڊر ۽ پٽ فيڊر نڪرن ٿا، جيڪي سنڌ ۽ بلوچستان جي 3 لک 66 هزار ايڪڙ زمين آباد ڪن ٿا.

سکر بئراج سنڌ بلوچستان کي بهترين ۽ وڏو آبپاشي نظام فراهم ڪري ٿي، ۽ ان سان گڏو گڏ هي بئراج ٻوڏ کان بچاءَ جي لاءِ استعمال ٿئي ٿي.

## * سکر جي ميونسپلٽي

سکر ميونسپالٽي 1856ع ۾ شروع ٿي، جڏهن شهر جي آدمشماري 12 هزارن کي قريب پهچڻ تي هئي، انهن ڏينهن ۾ حڪومت شهر واسين مان پاڻ ميمبر چونڊيندي هئي، صدارت ڪليڪٽر ڪندو هو، جو شڪارپور ۾ رهندو هو. ميونسپالٽيءَ جي پهرين آفيس مير معصوم شاهه جي مناري پرسان قائم ڪئي وئي. 1883ع ۾ جڏهن سکر ضلعو بنجي ويو ته 1884ع ۾ پهريون دفعو شهر واسين کي ميمبر چونڊڻ جو حق ڏنو ويو مگر صدر ڪليڪٽر ٿيندو هو، راءِ صاحب ديوان پيسو مل ذوقيرام پهريون شهر واسي هو جو صدارت جي ڪرسيءَ تي وينو، 1911ع ۾ شهر واسين کي صدر چونڊڻ جو حق ڏنو ويو ۽ سکر جو مشهور وڪيل ديوان پوجسنگ صدر چونڊيو ويو ۽ 1914ع تائين صدر رهيو، 1922ع کان 1928ع تائين ٻيو دفعو صدر ٿيو، 1936ع ۾ جڏهن سنڌ بمبئي کان

ڇڄي ڏار صوبو ٿيو تہ ديوان پوڄسنگهہ سنڌ اسيمبلي جو پهريون اسپيڪر ٿيو، هو صاحب ميونسپل جنرل لائبرري جو چيئرمين بہ هو. ديوان صاحب جي چيئرميني جي دور ۾ سکر جنرل لائبريري بيحد ترقي ڪئي، اٽڪل 5 هزار ڪتاب هر فن تي موجود هئا، 1947ع ۾ هندو پاڻ سان بيش بها نسخا ساڻ ڪڻي ويا، 1914ع کان 1922ع تائين ميان پير بخش سي- آئي- اي رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر سکر ميونسپالٽي جو صدر ٿيو، 1928ع کان 1937ع تائين ديوان بهادر ايسر سنگ پبلڪ پراسيڪيوٽر صدر ٿيو ۽ 1938ع کان 1947ع تائين مسٽر بسنترام موٽواڻي وڪيل صدر هو، مٿئين بيان مان اوهان معلوم ڪندا تہ 1911ع کان 1947ع تائين 36 سالن جي ڊگهي عرصي ۾ فقط هڪ دفعو مسلمان صدر ٿيو، باقي سمورو عرصو هندو صدارت جي ڪرسي ماڻيندا رهيا، وٽن علم هو، دولت هئي ۽ اتفاق هو، ازانسواءِ اڪثريت ۾ هئا، تنهنڪري شهر واسين مان فقط هندن کي فائدا پهتا، جن جو ميونسپالٽيءَ تي قبضو رهندو آيو.

**⁕ بجلي گهر**

سال 1922ع ۾ سکر بجلي گهر قائم ڪيو ويو ۽ ضرورت آهر هن کي وڌايو ويو. ليڪن تقسيم برصغير کان پوءِ نون ڪارخانن کلڻ ڪري شهر ۾ بجلي جو کاپو وڌڻ لڳو ۽ پراڻين مشينن ۾ بار کڻڻ جي طاقت نہ هئي. جنهنڪري مارچ 1962ع ۾ ڪولمبو پلان موجب حڪومت ڪئناڊا ۽ جمهوريہ پاڪستان درميان ٿرمل پاور جي تعمير لاءِ معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. هن ڪم تي 5 ڪروڙ 38 لک ۽ 40 هزار روپيا غير ملڪي زرمبادلہ خرچ ٿيو،

نئون بجلي گهر 13 شهرن باڊهه، چڪ، ڏوڪري، گمبٽ، گهوٽڪي، ڪنڊرا، ڪنڊيارو، ڪنڊ ڪوٽ، خانپور، کهڙا، خيرپور ناٿن شاهه، نوشهرو فيروز، مورو، نصير آباد، راڻي پور، پير جو ڳوٺ، پنو عاقل، نئون ڏيرو، اباوڙو، راڌڻ، غوث پور، لکي، مديجي، سلطان ڪوٽ ۽ نئون ديرو کي بجلي مهيا ڪئي ويئي.

سکر شهر جي مرڪز ۾ انگريز دور جو ٺهيل خوبصورت گهنٽا گهر موجود آهي، جنهن کي هاڻي سينگاري سنواري تازو ڪيو ويو آهي.

سکر ۾ مير معصوم شاهه جي مناري کان اڳتي انگريزن جي دور جو هڪ خوبصورت باغيچو ليوڪس پارڪ موجود آهي. هي پارڪ 1919ع ۾ ٺهرايو ويو ۽ ان وقت سنڌ جو ڪمشنر ليوڪس جي نالي تي هن جو نالو رکيو ويو، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن پارڪ جو نالو محمد بن قاسم پارڪ رکيو ويو، هي پارڪ اڄ به سدا بهار آهي، آءٌ به هن پارڪ ۾ ڪئي پيرا ويو هيس ۽ اسان جي شاگرديءَ واري دور ۾ هن پارڪ کي هوشو پارڪ به سڏيو ويندو هو، ۽ هن پارڪ ۾ ورزش ڪرڻ لاءِ بهترين انتظام هوندو هو.

1938ع ۾ بيراج پل پرسان ڪابي پاسي تي سينٽرل جيل ۽ پوليس لاءِ ڪوارٽر ٺهيا.

انگريز دور ۾ سڄي هندستان ۾ آزاديءَ جون تحريڪون مختلف هنڌن تي مختلف وقتن ۾ هلنديون رهيون، انهن کي ماٺو رکڻ ۽ پنهنجي اقتدار کي ديگهه ڏيڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ انگريزن ويڙهايو ۽ حڪومت ڪيو جي پاليسي کي جاري رکيو، جنهن ڪري پوري برصغير ۾ هندو مسلم فسادن کي هٿي ملي، سڄي هندستان جي برعڪس سنڌ ۾ مذهبي انتشار بلڪل نه هو. ليڪن مسجد منزل گاهه جي بحاليءَ جي پرامن تحريڪ کي سازش تحت بنهي ڌرين ۾ اشتعال انگيزي پيدا ڪري ڪين ويڙهايو ويو، وڏي

ويڙهه ۽ خونريزي ٿي، جنهن جي عيوض مسجد منزل گاه ته بحال ٿي وئي، ليڪن هندو مسلم تضادن جي نتيجي ۾ قوم ورهائجي وئي، برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ سکر ميونسپلٽي جي صورت ۾ شهر تي حاڪميت ڪندڙ هندو، جيڪي اڪثر ڪانگريس پارٽيءَ سان سلهاڙيل هئا، آهي سکر ڇڏي هندستان هليا ويا، ۽ سندن جاءِ تي هندستاني مسلمان سکر اچي ويا. سکر شهر ۾ ورهاڱي کان اڳ ۾ ئي ريلوي ۽ ٻين سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪارخانن جا ملازمن ۽ مزدور ڊاريان غير سنڌي هئا، ورهاڱي کان پوءِ سکر جي وڏي سنڌي آباديءَ جو وڏو حصو هندستان هليو ويو، ته شهري آباديءَ ۾ سنڌي تمام ٿورائي ۾ رهجي ويا ۽ شهر جي واپار ۽ مارڪيٽن ۾ اڪثريت ڌارين جي ٿي وئي. هندو سنڌين جي هتان لڏپلاڻ ۽ هندستانين جو هتي اچڻ ڪري سکر شهر جي ڊيموگرافي تبديل ڪري ڇڏي. مٿان وري ون يونٽ مڙهيو ويو ته سنڌ جي ٻين شهرن جيان سکر ۾ به ٻين صوبن کان وڏو تعداد غير سنڌي ملازم ۽ مزدور اچي ويا ۽ سکر ۾ ڌارين جي آبادڪاري ۾ اضافو ٿيندو رهيو.

روزاني ايڪتا 19 ڊسمبر 2019ع



## موجوده دؤر جو سکر

هن وقت سنڌ انتظامي طور ستن ڊويزنن ۾ ورهايل آهي.

ڊويزن واري ورهاست جي شروعات برٽش انڊيا واري دؤر ۾ ڪئي وئي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏ پلاڻ ۽ حڪومت ۾ انتظامي ڇڪتاڻ جاري رهي نيٺ 1956ع ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو، جنهن تحت سنڌ پنجاب بلوچستان ۽ سرحد (خيبر پختونخواهه) کي ملائي اولهه پاڪستان کي هڪ صوبي جو درجو ڏئي 1970ع تائين ان شڪل ۾ برقرار رکيو ويو ۽ سموري سنڌ ان جو هڪ حصو هئي. ان وقت شروع ۾ ڪراچي شهر وفاق جي حوالي هيو، ۽ باقي سنڌ واري پوري علائقي کي ٻن ڊويزنن ۾ ورهايو ويو هو، جن جا نالا حيدرآباد ڊويزن ۽ خيرپور ڊويزن هيا. خيرپور ڊويزن ۾ پوري اپر سنڌ، سکر، لاڙڪاڻو، نوابشاهه ۽ خيرپور ضلعا شامل هئا ۽ ان جو هيڊڪوارٽر به خيرپور شهر ۾ هو.

ڪراچي جي واپسي بعد ڪراچي ڊويزن قائم ٿي. ۽ 1970ع ۾ ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ موجوده سنڌ جي بحال ٿيڻ بعد خيرپور ڊويزن ختم ڪري سکر ڊويزن قائم ڪئي وئي ۽ ميرپورخاص ڊويزن جو پڻ قيام ٿيو. بعد ۾ لاڙڪاڻو ڊويزن، نوابشاهه ڊويزن ۽ ڀنڀور ڊويزن قائم ڪيون ويون آهن. نوابشاهه ڊويزن جو نالو تبديل ڪري شهيد بينظيرآباد ڊويزن رکيو ويو. آگسٽ 2000ع ۾ ڊويزن سسٽم ختم ڪري لوڪل گورنمينٽ جي ضلعي نظام قائم ڪري ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر آفيسر (DCO) جي پوسٽ ٺاهي وئي ۽ ڊويزن سطح تي عملدارن جا عهدا ختم ڪيا ويا پر 2008ع ۾ ڊويزن سطح تي انتظامي تقسيم بحال ڪئي وئي.

## تعليمي ادارا

### ❋ اسلاميه ڪاليج

اسلاميه ڪاليج 1955ع ۾ ڪليڪٽر نصرت حسين قائم ڪيو، 1959ع ۾ خيرپور جي ڪمشنر ڪاليج جي نئين عمارت جو سنگ بنيا رکيو، هن ڪاليج ۾ ابتدائي طور آرٽ ۽ ڪامرس جي تعليم ڏني ويندي هئي، بعد ۾ شام جي شفٽ ۾ سائنس جا ڪلاسن جي شروع ڪئي وئي، ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ هن کي اسلاميا سائنس ڪاليج بڻايو ويو.

### ❋ ڊگري ڪاليج

حڪومت پاران سکر شهر ۾ به انٽر ميڊيٽ ڪاليج شڪارپور روڊ تي قائم ڪيا ويا، جيڪي بعد ۾ ڊگري ڪاليج ٿيا ۽ سائنس جو شعبو به شامل ڪيو ويو، هن ڪاليج جو بنياد 1957ع ۾ انٽر ميڊيٽ ڪاليج طور رکيو ويو، پوءِ 1963ع ۾ ڊگري ڪلاسز جو آغاز شام جي شفٽ ۾ ڪيو ويو، ان وقت به ڪاليج کي پنهنجي عمارت نه هجڻ ڪري ڪاس گورنمنيٽ هاءِ اسڪول سکر

۾ هلايا ويندا هئا ۽ گڏو گڏ ڊگري ڪاليج جي پنهنجي عمارت بہ تعمير هيٺ هئي، جنهن ڪري شاگردن ۽ استان کي مشڪل حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو هو، 1966ع پوسٽ گريجوئيٽ ۽ آرٽس ڊگري جا ڪلاس B,ED ڪاليج جي عمارت ۾ منتقل ڪبا ويا ، 1967ع ۾ سائنس آرٽس ۽ ايڊمن بلاڪ مڪمل ٿيڻ تي ڪاليج جي ڪافي حصي کي نئين عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ 1969ع ۾ پوسٽ گريجوئيٽ سيڪشن بہ نئين عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو. هي ڪاليج سنڌ جو هڪ ناليوارو ادارو رهيو آهي، جنهن ۾ انٽر کان پوسٽ گريجوئيٽ تائين، آرٽس، انگلش ۽ ايڪانومڪس پوليٽيڪل سائنس ۽ سائنس پڙهائي ويندي آهي،شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ قائم ٿيڻ کان اڳ تائين سکر ڊگري ڪاليج اپر سنڌ جو وڏي ۾ وڏو تعليمي ادارو هيو، جنهن کي يونيورسٽيءَ جي برابر سمجهيو ويندو هئو.

هن وقت تائين بہ سکر جي تعليمي صورتحال بهتر رهندي آئي آهي. هن ضلعي ۾ ڪل 1128 پرائمري اسڪول، 113 مدل اسڪول، 65 هاءِ اسڪول، 180 نجي تعليمي ادارا ۽ اسڪول، 7 ڪاليج، هڪ لا ڪاليج، 10 ووڪيشنل ٽريننگ انيسٽيٽيوٽ ۽ 107 کن ديني درسگاهون ۽ مدرسا موجود آهن. سکر تعليمي بورڊ جو ريجن خيرپور، نوشهروفيروز ۽ گهوٽڪي ضلعن تائين آهي. ضلعي ۾ موجود ڊگري ڪاليجن ۾ سائنس توڙي آرٽس ۾ گريجوئيشن ۽ ماسٽرس ڊگري پروگرام هلن ٿا. هڪ ٽيچنگ اسپتال بہ سکر ۾ قائم آهي، صحت جي حوالي سان سرڪاري توڙي خانگي اسپتالن ۾ جديد طريقي سان علاج جون سهولتون موجود آهن.

هتي 3 ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتالون، 2 تعلقي اسپتالون، 2 گورنمينٽ اسپتالون، 2 ماءُ ۽ ٻار جي صحت جا

مرڪز، 3 رورل هيلٿ سينٽر، 26 بيسڪ هيلٿ يونٽ، 7 ڊسپينسريون، 33 ٽي. بي جي علاج جا مرڪز، ڪيترائي ميٽرنٽي هوم ۽ 46 جانورن جون اسپتالون قائم ٿيل آهن. هتي هر قسم جا رهائشي هوٽل ۽ تفريحي ماڳ بہ موجود آهن.

## ❋ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي

موجوده وقت ۾ سکر جي آءِ. بي. اي. يونيورسٽي پاڪستان جي تمام اعليٰ تعليمي ادارن ۾ شمار ٿئي ٿي. سکر آءِ بي اي يونيورسٽي پهرين سکر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن يا سکر آءِ بي اي، ( Sukkur IBA) هڪ بزنس جو تعليمي ادارو قائم ڪيو ويو، جنهن جي شروعات 1994ع کان ڪئي وئي. هي ادارو ايئرپورٽ روڊ سکر تي واقع آهي. هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان جي درجا بندي موجب هي ادارو بزنس جي لحاظ کان سڄي پاڪستان ۾ چوٿين نمبر تي آهي. هن اداري کي 16 مئي 2017ع تي سنڌ اسيمبلي پاران يونيورسٽي ڪرڻ جو نهراءُ پاس ڪيو ويو. هن ۾ پنج شعبا آهن.

(1) بزنس ايڊمنسٽريشن جو شعبو.
(2) ڪمپيوٽر سائنس جو شعبو.
(3) تعليم جو شعبو.
(4) اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جو شعبو
(5) رياضي جو شعبو.

## ❋ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج

سنڌ حڪومت آڪٽوبر 2003ع کان سکر ۾ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيو. پهرين بيچ ۾ 40 شاگردن سان شروع ڪيل اداري ۾ اڄ 425 شاگرد آهن ۽ اها پهرين بيچ فائنل ايئر ۾ آهي. هن ميڊيڪل ڪاليج سان سول اسپتال سکر ۽ سول اسپتال

خيرپور ڪي ٽيچنگ اسپتال جو درجو ڏئي ان سان ڳنڍيو ويو، سکر سول اسپتال، جيڪا اڳ ۾ 150 بسترن تي مشتمل هئي، جنهن ۾ هاڻي ان ڪاليج جي ڳانڊاپي ۽ پروفيسرن جو اسپتال ۾موجود هجڻ سبب هاڻي هن اسپتال ۾ 300 بيدن جي سهولت ڏني وئي آهي، سکر سول اسپتال کي جڏهن ميڊيڪل ڪاليج جي ٽيچنگ اسپتال بڻايو ويو تہ ان ۾ حيرت جوڳي تيزي سان ترقي آئي، جتي پهرين صرف هڪ سرجن هو، اتي هن وقت 12 سرجن آهن، جتي صرف هڪ فزيشن هو، اتي هن وقت اٺ فزيشن آهن، پروفيسر، اسٽنٽ پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر، شاگردن کي نہ صرف پڙهائي رهيا آهن، پر ان سان گڏوگڏ پوري اتر سنڌ جي مريضن کي علاج جي سهولت پڻ مهيا ڪري رهيا آهن، جيڪي اڳ ۾ ڪراچي ويندا هئا، پر هاڻي هر قسم جي وڏي توڙي ننڍي سرجري سکر ۾ تي رهي آهي. موجوده دؤر ۾ تازو ۾ هتي بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي قائم ڪرڻ جو اعلان پڻ ٿيو آهي.

### ❋ اروڙ يونيورسٽي

موجوده دؤر ۾ اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر ڊزائين اينڊ هيريٽيج سکر.

(.Aror University of Art, Architecture, Design and Heritage, Sukkur)

روهڙيءَ ۾ قائم ڪئي ويئي آهي، پهريان هي ادارو اپريل 2013ع ۾ سنڌ ڪاليج آف آرٽس اينڊڊ ڊزائين جي نالي سان قائدِ عوام يونيورسٽي جي ماتحت قائم ڪيو ويو. پوءِ 15 جولاءِ 2020ع تي سنڌ حڪومت هن کي يونيورسٽي بنائڻ جو آرڊر جاري ڪيو، ۽ هن يونيورسٽيءَ لاءِ جديد ۽ شاندار عمارتون تيار ڪيون ويون آهن. اميد آهي تہ هن يونيورسٽي جي شروع ٿيڻ سان، ماهر پروفيسرن جي تعليم ۽ تربيت وسيلي سنڌ جي تاريخ جا گهڻا

لڪل راز پڌرا ٿيندا ۽ سنڌ جي حقيقي تاريخ اجاگر ٿي سامهون ايندي.

*** سماجي ڀلائيءَ لاءِ (SRSO) جو قيام**

سنڌ جي ڀهراڙيءَ جي سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ پڻ سکر ۾ هڪ وڏو ادارو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) جي نالي سان قائم ڪيو ويو آهي. هن اداري جو قيام 2003ع ۾ سکر ۾ ڪيو ويو. هن وقت هن اداري جي هيڊ آفيس شڪارپور روڊ سکر ۾ آهي، جتي جديد عمارتن جي وڏي ڪامپليڪس جي صورت ۾ موجود آهي، هن اداري ۾ سماجي ڀلائيءَ جي لاءِ مختلف ٽريننگ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. هن اداري جي ماتحت سنڌ جي 15 ضلعن ۾ (SRSO) جو نيٽورڪ سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ مصروف آهي. هي ادارو سنڌ حڪومت ۽ عالمي سماجي ڀلائي ۽ مالياتي ادارن جي تعاون سان هلندڙ غير سرڪاري آرگنائيزيشن (NGO) آهي.

*** سينيمائون**

فلمي صنعت جي حوالي سان 80-1970ع جا ڏهاڪا عروج وارا ڏهاڪا سمجهيا وڃن ٿا، ان دور ۾ سکر جي شهر ۾ به سينيمائون عروج تي هيون، هڪ ڏينهن ۾ 3 شو هر هڪ سينيما ۾ هلندا هئا. بئراج ڪالوني ۽ پراڻي پيرڳوٺ بس اسٽاپ کان شهر ويندي پهرين نشاط سئنيما، ان کان ڪجهه اڳتي فردوس سئنيما ۽ ان کان اڳتي گهنٽا گهر پرسان حفيظ ٽاڪيز ۽ ان جي سامهون امپريل ٽاڪيز ۽ مينار روڊ تي پراڻي سکر کان پهريان شاليمار سئنيما مشهور سئنيمائون هيون. جيڪي ڏجي ملڪ ۾ فلمي صنعت تي زوال اچڻ کان پوءِ زوال پزير ٿي ويون.

* موجوده دؤر ۾ سکر سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شهر سکر ضلعي ۽ سکر ڊويزن جو هيڊ ڪوارٽر آهي. هن وقت سکر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر آهي، جنهن ڪري هتي سکر هاءِ ڪورٽ برانچ موجود آهي. واپار جي لحاظ کان سکر اڄ به چئني صوبن جو مرڪزي واپاري شهر آهي، هر قسم جا ڪارخانا ۽ صنعتون موجود آهن، اعليٰ تعليمي ادارا قائم آهن، هن شهر جي مک تفريح گاهه لب مهراڻ آهي، جتان سنڌو درياهه منظر ۽ سکر بئراجي جي خوبصورتي تي لينس ڊائون پل، ايوب پل ۽ ساڌ ٻيلو نظر اچن ٿا، ٻيڙين تي چڙهي سنڌو ءَ جا نظارا پسي سگهجن ٿا. سکر شهر اڄ به تمام پرڪشش ۽ دلفريب نظارن جو گلدستو آهي.

موجوده دؤر جي انگن اکرن موجب سکر ضلعي جي زميني پکيڙ 5165 چورس ڪلوميٽر آهي. جنهن ۾ پنج تعلقا سکر، نئون سکر، روهڙي، پنو عاقل ۽ صالح پٽ آهن، سکر ضلعي آبادي 12 لکن کان وڌيڪ آهي ۽ ان ۾ 2.88 سيڪڙي جي شرح سان اضافو رڪارڊ ٿئي ٿو. هتي تعليمي خواندگيءَ جي شرح 46.42 سيڪڙو آهي، جنهن تحت شهري آباديءَ مان 59.76 سيڪڙو، جڏهن ته ٻهراڙيءَ مان 31.72 سيڪڙو پڙهيل لکيل ماڻهو آهن. هي ضلعو تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي. هتي سيمينٽ، کنڊ، گيهه، ڪپهه، ڪٽڪ، چانورن ۽ بسڪيٽن جا ڪارخانا، کير/ ڊيري جي صنعت، چوپائي مال توڙي اناج جي وڏي منڊي آهي. سکر شهر روڊ، ريل ۽ هوائي رستي سڄي ملڪ توڙي دنيا سان ڳنڍيل آهي. سکر ضلعي جي سراسري طور موسم خشڪ ۽ سخت گرم، جڏهن ته سياري ۾ گهٽي ٿڌي رهي ٿي. سکر ضلعي جي 487،721 ايڪڙ زمين زرخيز ۽ آباديءَ لائق آهي، سنڌوءَ جي وهڪري سبب پاڻيءَ جي کوٽ نه ٿي ٿئي، هتان جي مکيه فصلن ۾ ڪپهه، چانور، ڪٽڪ، مگ، ٻاجهري، مٽر وغيره آهن. هتي کيلن ۽ کجين جا وڏا

باغ بہ آهن. سکر ضلعي ۾ ڦهيل پکن رودن جي ماپ لڳ ڀڳ 918 ڪلوميٽر آهي. سکر ضلعي جي آباديءَ مان اڪثر سنڌي ڳالهائيندڙ، جڏهن تہ اقليت ۾ سرائيڪي، اردو، بلوچي، براهوي ۽ پشتو ڳالهائيندڙ بہ آباد آهن. هن ضلعي ۾ پنج ريلوي اسٽيشنون آهن، جن مان روهڙي ملڪ جي ٻيو نمبر وڏي ريلوي جنڪشن آهي، جڏهن تہ پنو عاقل، منڊوديرو ۽ سانگي ريلوي اسٽيشنون ڪراچيءَ کان پشاور ريلوي ٽريڪ تي آهن، ۽ سکر اسٽيشن، ڪوئٽا واري ٽريڪ تي ڦهيل آهي. سکر ضلعي ۾ هڪ ايئرپورٽ، 2 بس ٽرمينل، موجود آهن.

## موجوده سکر جا علائقا ۽ رهندڙ ذاتيون ۽ قبيلا

01. آچر گهٽي (مڪراني بلوچ ۽ ٻيا)
02. ڀُٽا محلو (ميمڻ، ڀُٽا ۽ ٻيا)
03. ميمڻ محلو (ميمڻ، ڀُٽا ۽ ٻيا)
04. شيخ شينهن بادشاهہ (شيخ، سيد ۽ ٻيا)
05. بندر روڊ (چوهاڻ، لباڻا، )
06. گڏاٽي محلو (گڏاٽي، دايا ۽ ميراٽي)
07. معصومي محلو (معصومي سيد ۽ ٻيا)
08. بکر محلو (پيرزادا ۽ ٻيا)
09. جيئي شاهه محلو (سيد، دايا، شيخ، ميمڻ جهنڊير ۽ انصاري)
10. قريشي ڳوٺ (قريشي، ميراٽي، دايا ۽ پٽي)
11. راهوجا روڊ (راهوجا، ميراٽي، لکڻ ۽ ڪوسا)
12. يوسيٰ لائين (ميراٽي، دايا، گڏاٽي، لباڻا ۽ پٽار)

13. نمائش روڊ (سيد، ميراڻي، مهر، چنا ۽ پٽي)
14. ملٽري روڊ (جتوئي، مهر، لاشاري، مگڻهار ۽ شيخ)
15. نيو پنڊ (گوپانگ، مهيسر، سومرا، شيخ ۽ پهوڙ)
16. مائڪرو ڪالوني (ميراڻي، مهيسر، بگٽي ۽ ٻيا)
17. ڪنيار پاڙو (ڪنيار، جتوئي، پُنا، شر ۽ ٻيا)
18. ٻچاءُ بند يا زيرو پوائنٽ (ميراڻي، شيخ ۽ ٻيا)
19. ٻچل شاهه مياڻي (ميراڻي، جتوئي، رند، ملڪ ۽ ٻيا)
20. آباد (لاڪا، ڪوسا، جوڻيجا، ڏيها ۽ ٻيا)
21. آدم شاهه ڪالوني (اونا، ابڙا، ڏيها، سهتا ۽ ٻيا)
22. شمس آباد (سومرا، انصاري، مگڻهار، چنا ۽ پٽي)
23. مگسي محلو يا سول اسپتال (مگسي، زنگيجا، چنا، ڏومڪي ۽ ڪلهوڙا)
24. نانگي شاهه محلو ( گڏاڻي، ڪلهوڙا، سومرا ۽ سيد)
25. منگي محلو (منگي، شيخ، سيال ڏ، ٻرڙا ۽ ملڪ)
26. منزل گاهه روڊ (سيد، شر، شيخ، ميراڻي، منگي ۽ ميمڻ)
27. نوگزو پير (ڪوڪر، ڪهڙا، پنهيار، لاڪا ۽ ڏاريجا)
28. لوڪل بورڊ (شيخ، مهر، ابڙا، ميمڻ ۽ اُنڙ)
29. ٿرمل پاور ڪالوني (لٻاڻا، چوهاڻ، ميراڻي، شيخ، ويسر، ناپر، پيا، ٻگهيا، ملاح، مهاڻا ۽ ميربحر)

(نبي بخش گڏاڻي وٽان مليل ڄاڻ)

سکر جي شهري آبادي تمام گهڻي وڌي وئي آهي، شهر ۾ جديد عمارتون مارڪيٽ ۽ ٻاهران خوبصورت جديد قسم جون سوسائٽيون آباد ٿي ويون آهن.

موجوده وقت جديد شاپنگ مال، وڏا وڏا مارڪيٽ ۽ هر برانڊ جا ڊسپلي سينٽر ۽ شوروم موجود آهن. سکر ان ٻه پاڪستان جي

چئني صوبن جي واپار جو مرڪز ۽ ڪاروباري حب آهي. حاصل مطلب تہ سنڌ سڄي سونهن جي راڻي آهي، ۽ سکر جو سهڻو شهر سونهن راڻيءَ جي سر تي خوبصورت تاج جيان سونهين ٿو. شال سونهن راڻي سنڌ سدائين سلامت هجي اتر، لاڙ، وچولو، ٿر ۽ ڪاڇو آباد ۽ خوشحال هجن.




# سکر سان سندم يادگيريون

سکر سنڌ جو تاريخي ۽ خوبصورت شهر آهي. جنهن جي خوبصورتي ۽ ترقي جو اصل ڪارڻ سنڌو درياءُ آهي، جنهن جي ڪپ تي سکر شهر آباد آهي، سنڌو درياهه تاريخ جي اوائلي دؤر کان سکر ڀرسان موجود آهي، جنهن ڪري آسپاس جون زمينون سدائين آباد رهيون آهن، ۽ درياهه رستي وڻج واپار ٿيندو رهيو آهي، جنهن ڪري سکر ۽ آسپاس جو علائقو هميشه خوشحال رهيو آهي. سکر ڀرسان سنڌو درياءُ جي وچ ۾ ٻيٽ ٻه آهن، جنهن ڪري سنڌوءَ جي ڪنارن ۽ ٻيٽن جا خوبصورت نظارا ۽ دلڪش منظر هر پاسي وکريا پيا آهن، تاريخي ماڳن ۽ عمارتن جي حوالي سان ٻه

سکر مالامال آهي، جن جا منظر پڻ تمام خوبصورت آهن، جن کي ڏسڻ سان سکر جي عظمت ۽ قدامت کي پرکڻ پروڙڻ جو گس ملي ٿو.

** منهنجي ننڍپڻ ۽ نوجوانيءَ جي وقت جون سکر جي سهڻي شهر سان ڪافي يادگيريون آهن، ليڪن انهن کي مختصر ڪندي سکر سان صرف پنهنجو لاڳاپو بيان ڪيان ٿو. ته ننڍپڻ ۾ 5 سالن جي عمر کان 11 سالن جي عمر تائين بابا سائين ڪيترائي ڀيرا مون کي اڪيلو ۽ ڪڏهن گهر ڀاتين سميت سکر وٺي ايندو هئو، ان وقت پنهنجي ڪار گاڏي جو رواج گهٽ هئو، اسان وٽ به ڪونه هئي، پير ڳوٺ کان سکر بسن تي سفر ٿيندو هئو، پر بابا سائين هر ڀيري لالي جبار جي ولز جيپ ڪرائي تي ڪرائي هلندو هئو. گهر ڀاتي هوندا هئا ته ڪنهن هڪ تاريخي ماڳ ۽ هڪ ڪنهن بزرگ جي درگاهه تي يا وار مبارڪ جي زيارت ڪري ۽ ڪنهن چنگي جاءِ تي ماني کائي واپس ايندا هئاسين ۽ جيڪڏهن بابا ۽ آءٌ اڪيلا هوندا هئاسين ته بابا پنهنجي دوستن سان ملاقاتون ڪندو هئو، جن ۾ ڪي واپاري هوندا هئا، ته ڪي سرڪاري آفيسر انهن سان ملڻ کان پوءِ منهنجي پسند جي ماڳ معصوم شاهه جي مُناري تي وٺي هلندو هئو ۽ شام جو وري اچي "لب مهراڻ" تي ويهي سنڌو درياهه ۽ بئراج جو نظارو ڪندا هئاسين ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻيڙيءَ تي چڙهي درياهه جو سير به ڪندا هئاسين، گهرڀاتين سان گڏ هوندي به لب مهراڻ تي ضرور ايندا هئاسين ۽ سنڌو درياهه جا خوبصورت منظر پسي پوءِ واپس ٿيندا هئاسين. آءُ ستين درجي ۾ پڙهندو  هئس ۽ عمر 11 سال هئي ته بابا سائين وفات ڪري ويو ۽ سکر شهر مون کان پري ٿي ويو. پوءِ وري مون جڏهن 1976ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ته مون سميت اسان ڇهن دوستن صلاح ڪري سکر ڊگري ڪاليج وڃي فسٽيئر ۾ داخلا ورتي،  اسان جو ضلعي

هيڊ ڪوارٽر خيرپور هئو ۽ ويجهو بہ هئو، ليڪن سکر جي ڪاليجن جو تعليمي معيار سنو هئڻ ڪري اسان دوستن سکر جو رخ ڪيو هو. ان وقت ۾ ڊگري ڪاليج سکر اپر سنڌ جو وڏي ۾ وڏو تعليمي ادارو هئو ۽ يونيورسٽيءَ جي برابر درجو رکندو هو. هتي اسان کان اڳ اسان جو سينئر سياسي اڳواڻ سيد غلام شاهہ بہ هن ڪاليج ۾ پڙهيو ۽ بهادري سان جساف جي قيادت بہ ڪيائين، مانوارو دوست سينئر ايڊوڪيٽ آغا صيف الله پناڻ بہ هن ڪاليج ۾ ئي پڙهيو، هتي هميشہ جساف جو هولڊ رهيو.

اسان پنهنجي ڪلاسن ۾ توڙي ڪينٽين يا ڪنهن ٻئي هنڌ تي ڇهئي دوست گڏ هوندا هئاسين. ان وقت بہ ڪاليج جي شاگردن تي ڏاڪو جساف جو هوندو هئو، جنهن جو ان وقت ضلعي صدر عبدالوهاب ڏهر هئو (جنهن جو وڏو ڀاءُ غفار ڏهر سکر ڊگري ڪاليج ۾ جساف جو بهادر اڳواڻ تي رهيو هو) ۽ ان وقت ڪاليج ۽ ضلعي جو جنرل سيڪريٽري گل محمد جکراڻي هوندو هئو، بعد ۾ صدر ٿيو. سپاف ۽ جميعت بہ ڊگري ڪاليج ۾ متحرڪ هئي ۽ سڀني اسان کي پنهنجي پنهنجي جماعت ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، ليڪن اسان دوستن صلاح ڪئي تہ في الحال ڪنهن سان بہ شامل نہ ٿينداسين، پنهنجي طور تي ڪجهہ وقت ايڪتو تي رهجي ۽ سڃاڻپ ڪرائجي. اسين سڀ نظرياتي طور تي جيئيمسٽ هئاسين ۽ منهنجي اوطاق تي سائين جي ايم سيد جي فريم ٿيل تصوير 1973ع کان ئي لڳل هئي. جبار ميمڻ ۽ آءٌ هاءِ اسڪول پير ڳوٺ ۾ ئي اسڪول يونين ۽ جهيڙن ڪري مشهور هوندا هئاسين، ڪنهن ڪمزور شاگرد سان ڪنهن جي ڏاڍ مڙسي يا بدمعاشي برداشت نہ ڪندا هئاسين، اسان جي اها گرم طبعيت بہ جساف سان ئي نهڪي اچي پئي ليڪن اسين ڪنهن سان بہ شامل نہ ٿياسين، ۽ پوءِ بہ ٽي مهينا گذريا تہ اسان جي هڪ ڪلاس فيلو شڪارپور

جي ڪاڪيپوٽو اسان کي دانهن ڏني ته پنهنجي ڪلاس ۾ جتي 150 شاگرد هئاسين، انهن ۾ هڪ حبيب الله لنڊ آهي، جيڪو مون کي تنگ ڪري ٿو جنهن ڪري آءُ پريشان آهيان، اوهان منهنجي مدد ڪريو ۽ هن کي سمجهايو. حبيب الله لنڊ ڪنڊڪوٽ جي وڏيرڪي گهر جو هئو، جيڪو اسان کان عمر ۾ گهڻو وڏو هئو، هن سان ٽي چار دوست به هميشه گڏ هوندا هئا ۽ هن وٽ هڪ ولز جيب هوندي هئي، جنهن تي دوستن سميت گهمندو ڦرندو هئو ۽ گل محمد جکراڻي به ڪاليج ۾ يا ٻاهر هن جي جيپ تي ئي چڙهي گهمندو هيو. جنهن ڪري اسان جي ڪلاس ۾ حبيب لنڊ طاقتور ترين سمجهيو ويندو هئو، ليڪن اسان به طئي ڪيوسين ته هن وڏيري کي طاقت سان ئي سمجهائڻ ضروري آهي ۽ پوءِ ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا ته اسين سڀ ڪلاس روم ۾ وڃي رهيا هئاسين، ته ڪاڪيپوٽو سان حبيب هٿ چراند ڪئي جيڪا ڏسندي ئي منهنجو مڪو هن جي منهن تي نڪاءُ تي ويو پوءِ منهنجي دوست جبار ميمڻ به ٻه ٽي وهائي ڪڍيس هن جا ساٿي جن کي اسان سڃاڻو پيا انهن تي به نونشن ۽ فلائنگ ڪڪن جو وسڪارو ٿي ويو ۽ پوءِ بس سڀن کي سبق مليو ته اسان کي ڌمڪيون ڏيندا ٻاهر روانا ٿي ويا ۽ اسان به سمجهيون پيا ته هي دير نه ڪندا جلدي ٻين ساٿين سميت اسان تي حملو ڪرڻ ضرور ايندا، ڪلاس مان پيرڊ پورو ٿيو، اسان ٻاهر نڪتاسين، ته ٿي جساف جا ميمبر جن کي اسان سڃاڻو پيا، اسان ڏي وڌيا ۽ چيائون ته اوهان حبيب سان وڙهي سٺو نه ڪيو آهي، ۽ جساف جي آفيس تي گل محمد جکراڻي اوهان کي گهرايو آهي. اسين هنن سان گڏجي سچل سرمست هاسٽل تي پهتاسين جتي گل محمد سان 25 کن جساف جا دوست وينا هئا، گل محمد خان اسان کي ڪيڪاريو ۽ چيائين ويهو ۽ احوال ڏيو حبيب سان ڇو وڙهيا آهيو، پاڳاري جي ڳوٺ جا آهيو

ان ڪري بدمعاشي ڪئي اٿوَ؟ مون چيو مانس تہ بيشڪ اسين سڀ پير سائين پاڳاري جي ڳوٺ جا آهيون، ليڪن آهيون اسان بہ جيئمسٽ ۽ هاء اسڪول جي يونين ۾ ايڪٽو رهيا آهيون. حبيب هڪ شريف نوجوان ڪي تنگ ڪندو رهيو آهي، جنهن ڪري هو ڪاليج ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويو آهي. اهو شاگرد شڪارپور جو آهي، ان اسان ڪي جڏهن روئي دانهن ڏني ۽ اسان پاڻ بہ اڪين سان ڏٺوسين تہ حبيب هن سان هٿ چراند ڪئي تہ اسان برداشت نہ ڪري سگهياسين حقيقت اها آهي. هاڻي اوهان جي مرضي آهي پلي جيڪو بہ فيصلو ڪيو اسان اوهان جي چوڻ تي آيا آهيون، جنهن تي وراڻيائين اوهان صرف بہ آيا آهيو ٻيا ڪاٿي آهن، مون چيو تہ وڙهيا بہ اسان بہ ٽي آهيون باقي ٻاهر آهن، اسان اگر خيريت سان ٻاهر نہ نڪتاسين تہ هو اسان جي مائٽن کي اطلاع ڪندا، گل محمد چيو تہ اسين سڀ سنڌي ڀائر آهيون، اڳتي ائين پاڻ ۾ جهيڙو نہ ٿيڻ گهرجي ۽ حبيب کي چيائين: ”غلطي تنهنجي آهي اٿي دوستن کي پرچاءِ“ ائين اسان جي گل محمد خان ۽ جساف جي ٻين شاگردن سان دوستي ٿي وئي، جنهن ڪان هڪ مهينو پوءِ وري اسان دوستن جو جميعت وارن سان جيڪي ظاهر ۾ ست ڇٽا هوندا هئا ۽ پرنسيپال جي ڪلي سپورٽ هوندي هئي جنهن ڪري سنڌي شاگردن سان اجايو گنداگردي ڪندا رهندا هئا، هن گروپ وارن سان بہ جهيڙو ٿيو ۽ گل محمد خان اسان جي مدد لاءِ فوري ساٿين سميت پهتو ليڪن اسان اڳيئي جميعت وارن کي رتورت ڪري ڇڏيو هيوسين. ان وقت ٽي پرسنسيپال صاحب وٽ فيصلو ٿيو جنهن ۾ جساف اڳواڻ وهاب ڌهر ۽ گل محمد جکراڻي اسان جي سپورٽ ۾ ڳالهايو، ڳالهين ۾ جميعت واران جي اڳرائي ثابت ٿي جنهن ڪري مڙئي خير ٿي ويو. هنن موقعي تي گل محمد جو

فوري پهچڻ فيصلي ۾ اسان جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ کان پوءِ سندس پاران باضابطا دعوت ڏيڻ تي اسان جساف ۾ شامل ٿي وياسين.

## سکر شهر جون ڪجهہ رولاڪيون

ڪاليج جي انهن ٻن سالن دوران بہ ڪاليج ٽائيم کان پوءِ سکر شهر جي رولاڪين ۾ آءٌ اڪثر معصوم شاھ جي مناري تي مٿي وڃي ويهندو هئس، يا لب مهراڻ تي وڃي سنڌوءَ درياهہ جا منظر پسندو هئس، هنن نظارن ڏسڻ سان ذهني سڪون محسوس ٿيندو هو. اسان جو سکر شهر جي ڪجهہ دوستن سان هڪ گروپ جڙي ويو هو، جنهن مان هڪ دوست جو ملٽري روڊ تي گهر هئو، ان وقت ۾ ملٽري روڊ ويڪرو ليڪن سنگل روڊ هوندو هو، ۽ روڊ کان ڪيرٿر ڪئنال تائين زمين خالي هوندي هئي، جت هاڻي وڏيون عمارتون ۽ پلازه ٺهي ويا آهن. دوست جو هت گهر هجڻ جي سهولت ڪري گرمين ۾ ملٽري روڊ ڀرسان وهندڙ ڪيرٿر ڪئنال تي پڪنڪ پروگرام ڪندا هئاسين، ۽ ڪئنال کي تري پار ڪرڻ جا مقابلا بہ ڪندا هئاسين، هڪ ڀيري تہ لب مهراڻ تان دوستن سميت سنڌو درياهہ ۾ ترڻ جو بہ تجربو ڪيوسين، پاڻي جو تيز وهڪرو محسوس ڪندي جلدي واپس ٻاهر نڪتاسين، ٻيهر ڪڏهن بہ درياهہ ۾ ترڻ جو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏيو.

نشان سئنيما ڀرسان هڪ هوٽل هوندو هئو، جنهن جو نالو شايد زميندار هوٽل لکيل هوندو هو، ليڪن ٻئو جي هوٽل سان مشهور هو، هن هوٽل تي بہ اڪثر ويندا هئاسين ۽ ويٽر اسان کي ڏسندي ئي اسان جي پسند پاڪولا جون بوتلون بلڪل برف ٿيل ڪڍي ايندو هو، سکر جي گرميءَ ۾ برف ٿيل بوتل پيئڻ سان برف جي ذرن جو سواد سوايو هوندو هو. ان وقت ۾ سکر جي سينيمائن تي فلمون بہ جام ڏنيون. ڪڏهن مهراڻ مرڪز تي وڃي هڪ ننڍي

هوٽل جا مشهور پاوا ڪائيندا هئاسين، يا مهراڻ مرڪز جي پرسڪون ايراني ٽائيپ ريسٽورنٽ جنهن ۾ ويهڻ لاءِ سيپريٽ سٽنگ پورشن هوندا هئا، ۽ هتي سيپريٽ چانهه ملندي هئي، جنهن جي پيئڻ جو مزو وٺندا هئاسين. ان وقت ۾ سکر پنهنجو شهر لڳندو هو، جنهن جون ساروٽيون تمام گهٽيون آهن، ليڪن اختصار ڪان ڪم وٺندي احوال اتي ئي ختم ڪجي ٿو. ڪجهه پنهنجون يادگيريون به ان ڪري لکيون آهن، ته هي به 45 سال پراڻي ان وقت جي سکر ڊگري ڪاليج ۽ شهر جي حالتن جي هڪ تاريخ آهي.

## سکر جي تاريخي ماڳن جو دورو

سال 2018ع ۾ 11 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ پياري دوست سليم مهر فون ڪري چيو ته آءٌ سکر ۾ رهيل آهيان، ڪجهه ڏينهن هتي ئي آهيان، سکر جي موسم به ڏاڍي ڀلي لڳي پئي آهي، ۽ سکر اوهان جو به پنهنجو شهر آهي، اچو ته گڏجي هتي جا تاريخي ماڳ به گهمون ۽ هتي جي سنگت سان ڪچهريون به ڪيون، سندس سڏ ۾ ايڏي ته سڪ هئي جو منهنجو من سکر لاءِ ايئن پرجي آيو، جيئن مارئي جو ملير لاءِ چو ته مون کي به سال سکر ڊگري ڪاليج ۾ پڙهڻ سان گڏ شاگرد سياست، دوستن جون محبتون ۽ سکر شهر جي رولاڪين جو يادگيريون ذهن تي تري آيون، جنهن ڪري ان وقت ئي ساڻس سکر اچڻ جو واعدو ڪيو. 13 نومبر تي رات جو انين وڳي سندس جاءِ تي سکر پهتس چيائين ته فريش ٿيو ماني ٻي جاءِ تي آهي. ٿوري دير ۾ عبدالڪريم مهر جي جاءِ تي پهتاسين اتي 12 وينل دوستن سان ملاقات ٿي، جن سان سليم مهر منهنجو تعارف ڪرايو ته اتي وينلن مان هڪ پنهنجائپ واري انداز ۾ رڙ ڪئي ته عنايت ڪٽياڻ پيرڳوٺ وارو آهين؟

سليم چيس تہ بلڪل پير ڳوٺ وارو پوءِ تہ وري ياڪرين پئجي ويا سين، هي بہ منهنجا ڪاليج فيلو دوارڪا داس ۽ ڊاڪٽر ياسين سميجو هئا، جن سان 40 سالن ڪان پوءِ ملاقات ٿي، هڪ ٻئي ڪي سڃاڻڻ بعد ڏاڍي خوشي ٿي، ۽ يادگيريون تازيون ڪيون سين. ٻين دوستن سان بہ تعارف ۽ سٺي ڪچهري ٿي، ڪچهري هلندي، ڊاڪٽر ياسين سميجو سريلي آواز ۾ گيت ڳائيندي محفل ڪي مچايو تہ واهہ واهہ ٿي وئي هئي. سکر شهر ۾ پهچندي هن شاندار آجيان دل ڪي بهار بهار ڪري ڇڏيو، مانوري سليم مهر پاران پراڻي سنگت سان ملائڻ جي سرپرائيز بہ ڏاڍي دل خوش ڪري ڇڏي.

14 نومبر جي صبح تي ايڊوڪيٽ رفيق احمد چاچڙ اچي پهتو، جنهن اسان ٻنهي ڪي اروڙ وٺي هليو، اروڙ ويندي سکر بئراج ۽ واپسيءَ تي روهڙيءَ جي لينس ڊائونس پل ۽ ايوب پل تي بہ ڪجهہ دير ترسياسين. مانجهاندو بکر قلعي جي اندر صدر الدين شاهہ جي مزار پرسان آباديءَ ۾ سليم مهر جونيئر جي گهر تي ڪيوسين.

شام جو مانواري سليم مهر منهنجي مان ۾ شاندار دعوت جو انتظام ڪيو هو، راڳ رنگ جي محفل ڪرايائين جنهن ۾ منهنجي دوستن سميت 50 دوست ڪي شامل محفل ڪيائين، ۽ مون سميت ٻاهران آيل ٻين دوستن ڪي بہ اجرڪ بہ اوڍايائين جن ۾ لاڙڪاڻي ڪان آيل استاد خالد، شڪارپور ڪان ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيو، سيد نادر علي شاهہ، شاعر لطف سيال، وزير انڙ، دعوت ۾ آغا غلام نبي پناڻ، سينئر ايڊوڪيٽ امان الله ملڪ، ايڊوڪيٽ رفيق احمد چاچڙ، سليم مهر جونيئر، ڊاڪٽر ياسين سميجو، دوارڪا داس ۽ سکر شهر جون معروف شخصيتون ۽ ٻيا دوست شامل هئا، سين ڪان عزتون ۽ قرب مليا، سليم مهر مون

فقير جي مان ۾ اميراڻا انتظام ڪرايا هئائين، سندس وڏاوڙ ۽ مليل قرب وساري نٿا سگهجن.
** تاريخ 15 نومبر جي صبح تي مانوارو دوست آغا غلام نبي مون کي ”الفرقان ليبرري“ تي وٺي هليو، جيڪا محترم فقير امان الله ماڪا پنهنجي مدد پاڻ تحت قائم ڪئي آهي. هتي مختلف قسمن جا سوين قران شريف، تفصير ۽ ترجما موجود آهن ۽ ديني تعليم سائنسي انداز ۾ مفت ڏني وڃي ٿي. فقير امان الله ماڪا ۽ سندس ڀاءُ ڊاڪٽر محمد اسماعيل صاحب سان سني ڪچهري ٿي ۽ موڪلائيندي فقير سائين قران شريف جو ترجمي سان مڪمل آڊيو سيٽ مونکي تحفي طور ڏنو ۽ مون پنهنجو ڪتاب سنڌ سيپتا امان الله ماڪا صاحب کي پيش ڪيو، هن فقيري شخصيت جي مالڪ هڪ جديد ۽ خوبصورت ليبرري قائم ڪئي آهي ڪيس لک شابسون.
* ماڪا ڀائرن کان موڪلائي مومل جي ماڙي (ماٿيلو) روانا ٿياسين، سکر کان نيشنل هاءِ وي رستي روهڙي کان گهوٽڪي پهتاسين، شهر کان ٻهريان ميڪڊونلڊ جي خوبصورت پارڪنگ تي آغا صاحب ڪار بيهاري چيائين ته سائين مانجهاندو ڪيون ته پوءِ ٿا اڳتي هلون. پوءِ اندر حال ۾ آياسين ته حال ٻه تمام خوبصورت سينگاريل ۽ صاف سنو هو بلڪل بر ۾ بهاري لڳي پئي هئي، هتي ڪجھ دير ۾ ڪائي پي اڳتي روانا ٿياسين ۽ گهوٽڪي شهر مان گذري ماٿيلو ويندڙ رستي سان تقريبن 12 ڪلوميٽر سفر ڪري ماٿيلو پهتاسين، ماٿيلو هڪ ڳوٺ يا ننڍڙو شهر چئي سگهجي ٿو.
نند ڪوٽ کان واپسي تي گهوٽڪي شهر ۾ اديب ۽ سماجي اڳواڻ رئوف پارس دايو سان سندس گهر ملاقات ڪئي سون، هن جاڪوڙي دوست نند ڪوٽ بابت ڪافي معلومات ونڊ ڪئي هي

هڪ همدرد ۽ پرخلوص انسان آهي. دايو صاحب ڪان موڪلايوسين تہ رات ٿي وئي هئي جنهن ڪري واپس سکر روانا ٿياسين ۽ سڌو سينئر ايڊووڪيٽ امان الله ملڪ جي جاءِ تي پهتاسين جتي منهنجي مان ۾ امان الله صاحب پاران دعوت رٿيل هئي، جتي سکر شهر جي خاص طور تي رسول بخش پليجو صاحب جي ساٿي سينيئر ايڊووڪيٽ ۽ سينئر سياسي اڳواڻ ۽ شاھ لطيف جي پارکو سائين هادي پيٽ سان شاندار قومي ڪچهري ٿي. هن ڪچهري ۾ آغا غلام نبي پٺاڻ، ايڊووڪيٽ شيوڪ رام، ايڊووڪيٽ رفيق احمد چاچڙ، ڊاڪٽر ياسين سميجو، دوارڪا داس ۽ ٻيا معزز شهري پڻ مدعو هئا، جن سيڻ سان پڻ ڀرپور ڪچهري ٿي.

16نومبر تي صبح جو آغا غلام نبي صاحب جي ساٿ ۾ ليوڪس پارڪ جو نظارو ڪرڻ کان پوءِ مير معصوم شاھ جي مناري تي پهتاسين متي وڃڻ جو دروازو مستقل بند ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري افسوس ۽ اداسي جي ڪيفيت ۾ ڪجھ وقت مناري جي تلهي تي گذاريو، پوءِ گنبذ ۽ چبوترن جو جائزو وٺڻ بعد اتان واپس ٿياسين. ڪجھ دير گهنٽاگهر مهراڻ مرڪز ۽ پرسان وارن مارڪيٽن ۽ بازارن جو چڪر لڳايوسين مون هڪ گرم جاڪيٽ بہ خريد ڪيو، مقصد مارڪيٽن ۽ بازارن جو ماحول ڏسڻ هو جيڪو لڳ ڀڳ اڳ جهڙو ئي محسوس ٿيو. ان ڪان پوءِ آدم شاھ جي ٽڪريءَ تي وياسين، جتي ڪجھ وقت گذاري واپس ٿياسين، ٽڪريءَ جو صرف چوٽيءَ وارو حصو بچيو آهي، باقي قبضو ٿي ويو آهي، ۽ بي ڍنگي ڪچي آبادي ٽڪريءَ کي وڪوڙي وئي آهي، ٽڪريءَ جي خوبصورتي ختم ٿي چڪي آهي. آدم شاھ جي ٽڪريءَ تان واپس ٿي اچي پراڻي پيرڳوٺ بس اسٽاپ تي اچي هڪ صاف سٺي ريسٽورنٽ تي ماني کاڌي سين، جنهن ڪان پوءِ

پياري سليم مهر، آغا غلام نبي ۽ ٻين دوستن کان موڪلائي واپس ڪراچيءَ روانو ٿيس.

اهڙيءَ طرح ٽي ڏينهن ٽي راتيون سکر شهر ۾ ماڳن مڪانن جو دورو مڪمل ڪري واپس ٿيس. سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ماڳن جو سير سفر ڪندي سنڌ جو ماضي نظر ايندو آهي. انهن سڀن کان سکر جو دؤرو بلڪل منفرد هئو، جنهن دوران مون تاريخ جي ڳولائو مسافر کي پنهنجي ماضيءَ جي يادگيرين پنهنجي چار ۾ وڪوڙي ورتو هو. 40 سال پهرين جنهن شهر جا نہ صرف روڊ ۽ رستا پنهنجا هئا، ليڪن ڏينهن ۽ راتيون بہ پنهنجا هئا، هن وقت هتي هيترن سارن پيارن ۽ محبتي دوستن هوندي بہ هي شهر منهنجو نہ هو، هي انهن سڀن دوستن جو شهر هو، مان شهر ۾ مهمان هئس صرف مهمان، هي شهر منهنجو نہ هو، واپسي جو سفر عجيب ڪيفيتن ۾ گذريو، عجيب احساس، يادگيريون، حسرتون، محروميون، محبتون، ۽ نفرتون ليڪن سب ماضي هو. مون هڪدم پاڻ کي ماضيءَ مان حال ۾ آندو تہ آءَ 1978ع کان ڪراچيءَ ۾ آهيان، ۽ 40-42 سال وڏو عرصو آهي، جيڪي مون ڪراچيءَ کي پنهنجو ڪرڻ ۾ گذاريو آهي. ڪراچي روشنين جو خوبصورت شهر جڏهن وڳوڙن جي وڪڙ ۾ اچي ويو تہ 1988ع ۾ ڪراچيءَ جي لساني جهيڙن دوران قومپرست دوستن سان گڏجي سنڌي ماڻهن کي ڪراچيءَ ۾ آباد ڪرڻ لاءِ سچل ڳوٺ وسايوسين، ان جي تحفظ، تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ عملي جدوجهد ڪئي، ۽ قومي ٻڌي قائم ڪري سڀن جي ڱڏيل جدوجهد سان سچل ڳوٺ ۾ تعليمي ادارن، راندين جي ميدان ۽ پارڪ سميت هر سهولت سان سينگاريوسين. جنهن ڪري سچل جي ڪاميابي سان آباد ٿيڻ بعد ڪراچيءَ جي هن پاسي تي وڏي تعداد ۾ سنڌي ڳوٺ ۽ سوسائٽيون آباد ٿيا آهن، جن جي تحفظ ۽ تعمير لاءِ پڻ پنهنجو قومي ڪردار

ادا ڪيو آهي. ۽ هن وقت پورو علائقو سنڌين جو علائقو سمجهيو وڃي ٿو، ۽ سچل جو علائقو سڏيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح اسين ڪراچي ۾ خاص پنهنجو علائقو قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. هاڻ سکر منهنجو نه منهنجي سنگت جو ئي سهي، ليڪن ڪراچي منهنجو شهر آهي.

## نظم

سونهن سنڌوءَ سرشار ڪري،
عشق جا گهنڊ وڄائي ٿي.
اروڙ، روهڙي، بکر، سکر،
مسجد منزل، سنڌوءَ بندر،
ستين آستان ۽ ساڌو ٻيلو،
جل ٿل دريا، سائي ساوڪ،
لب مهراڻ تي محبت وارا،
معصوم مينارا سارا نظارا،
سونن سنگن جا ڍير ڪري،
ميواتن جا جهول ڀري،
سک جا سج اياري ٿي.
سونهن سنڌوءَ سرشار ڪري،
عشق جا گهنڊ وڄائي ٿي.

عنايت ڪٽياڻ ”ضمير“

## مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپيل ڪجھ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| • جيجل منھنجي قسمت | (ڪھاڻيون) | دلبر چانڊيو |
| • تون منھنجي ساھ ۾ آھين | (ڪھاڻيون) | طارق خشڪ |
| • عشق جي آخري سرحد | (ڪھاڻيون) | يار محمد چانڊيو |
| • ساڃاھ جا سرچشما | (ڀٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح) | سعيد احمد چانڊيو |
| • ڌرتيءَ جو پُٽ | (ڪھاڻيون) | عبدالواحد سومرو |
| • پيئي جن پرڪ | (ڊاڪٽر غلام نبي سدايو علمي ۽ ادبي شخصيت) | ترتيب: مرتضيٰ لغاري |
| • ڪلجُگ جا رنگ | (ڪھاڻيون) | ڊاڪٽر غلام نبي سدايو |
| • Transleted By: Dr. Ali Akbar Dhakan | | Shah jo risalo |
| • پيار جي ڌرتي دل جو ديس | (ڪھاڻيون) | منل چانڊيو |
| • ڪوءِ ڳنديندڙ ھوءِ | (ڪھاڻيون) | هوش محمد ڀٽي |
| • ظاھر | (ناول) | سنڌيڪار: اياز ڀُٽو |
| • جيءَ جيارو | (پيغمبرِ خدا جي زندگي تي نظر) | اويس ڀٽو |
| • نيل نديءَ تي رولاڪي | (ناول: ”نجيب محفوظ“ ) | ترجمو: اياز ڀٽو |
| • عشق عبادت | (ڪھاڻيون) | اندرا شبنم پونا والا |
| • مٽي ماٽي لايان | (ڪھاڻيون) | فرزانہ شاھين |
| ▪ Nazeer Ali Bhatti | | Standard Basic English Grammar |
| • شيڪسپيئر جون ڪھاڻيون | (چارلس لئمب/ميري اين لئمب) | سنڌيڪار: اياز ڀٽو |
| • سماج ۽ سياست جو گرائمر | (تنقيد) | ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري |
| • شاھ جو رسالو سُر ڪيڏارو | (ڪربلا جو قصو) | ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ |
| • شاھ جو رسالو جا سُر | | ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ |
| • سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت | (مضمون) | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو |
| • در جو ڪڙڪو | (ڪھاڻيون) | شفيع ٻڪڪ |
| • نت نت آھ نئون | (لطيفيات) | لطف پيرزادو |
| • ڪرنل کي ڪير بہ خط نہ ٿو لکي | (ناول: گارشيا مارڪئيز) | ترجمو: رحمت سومرو |
| • ساروٽيون ساٿيھ جون | (يادگيريون) | خير محمد ڪولاچي |
| • ڪجلا سر | (ناول) | اجمير ڀُٽو |
| • سامي سھاڳي | (خاڪا) | اقرار پيرزادو |
| • ننيڙي پري | (ٻارن لاءِ ڪھاڻيون) | وحيد محسن |
| • خوابن جو سفر | (سنڌ جو سفر نامو) | سلطانہ وقاصي |
| • پير علي شاھ درازيءَ جو ڪلام | تحقيق، ترتيب ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | |
| ▪ Nazeer Ali Bhatti | | Standard Basic English Grammar |

- چوٿين مارچ ۽ سنڌي شاگرد جدوجهد سهيڙيندڙ: پروفيسر اعجاز احمد قريشي
- مارو پاڻ امُلهه (سوانحي خاڪا) محمد هنگورجو
- واپسي (ناول) انور ڪليم
- Dr Sher mihrani — Bequest of the Bhittai
- ايلسا (ناوليٽ) عبدالواحد سومرو
- آءِ لوَ يو (ناوليٽ) بيدل مسرور
- مان ٻه تخليقيان ٿو ڪجهه وينو ( نثر) آٿم ناٿن شاهي
- پاڻي ڪوٽ ڊيم ۽ عالمي تضاد (مضمون) بشير منگي
- ڌرتي ڌڻي شاعر، استاد بخاري (مقالا) سهيڙ: سجاد يوسف سومرو ۽ تابش بخاري
- شاهه لطيف هڪ ڪامل انسان (لطيفيات) فدا حسين شيخ
- من من مور ٿهوڪا (خاڪا ۽ مضمون) علي نواز ڏاهري
- ڪڙو منجهه ڪڙي (خط) سهيڙ: احمد شاڪر
- ڪجلي (ڪهاڻيون) جهانگير عباسي
- سنڌ جو ابنِ بطوطه (حجاز نامو) سهييڙيندڙ: ماڻڪ ملاح
- وِيا اُت وهي (سوانح/شخصيت/ساروڻيون) سهيڙيندڙ: شمس راهمون
- ڳاليون پيٽ ورن ۾ (ڪالم) سلطانه وقاصي
- سڳنڌ (سلطانه وقاصيءَ تي لکيل مضمون) سهيڙ: مرتضيٰ لغاري
- پنج آڱريون (ڪهاڻيون) سڪندر هاڙهو
- Nazeer Ali Bhatti — Standard Basic English Grammar
- پونءِ نه آياس پانءِ (ڊاڪٽر ڪمال جي وچوڙي تي آيل تاثراتي نثر) سهيڙ: ڊاڪٽر عابده گهانگهرو
- ڏونگر ڏاري ويندا سين (عبدالحڪيم ”ارشد“ جا ڪالم) مرتب: مرتضيٰ لغاري
- ڪاغذي ڳالهيون (ڪالم ۽ مضمون) يوسف جميل لغاري
- ٻولي ٻجهارت (لطيفيات) مينهون خان ”سوز“ بلوچ
- ٻوءِ (ڪهاڻيون) انور ڪليم
- قدر منجهه ڪِنار (پروفائيل انٽرويو) علي محمد ”درد“ سولنگي
- ڪُلهي ڪانڌي ڪير؟ (ڪهاڻيون) سيما عباسي
- لاحاصل Love (ڪهاڻيون) جاويد شيخ
- سڙيا متي سچ (مضمون) سرمد ڪوسو
- سپنا منهنجي ساهه جا (آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعري) سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي
- تاريخ جي تهه خاني مان (ڪالم مضمون) سڪندر عباسي
- سنڌوءِ ڪناري ساروڻيون (يادگيريون) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
- تقدير جو احوال ترجمو: فقير علي ڏنو نظاماڻي
- شاهه جي رسالي جي سنڌي انگلش لغت ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ
- عالم برزخ (ناول) ترجمو: قربان چنا
- سنڌي شاعريءَ جو فن ۽ گهاڙيتا (تحقيق) عزيز قاسماڻي
- ڏوريندين ڏسن (لطيفيات) محمد هنگورجو
- سنڌ جو امداد ”جيئن مون ڏٺو“ (شخصيت) فدا حسين شيخ

- ستون پڙهه ساڃاهه جُون (مضمون) سرمد ڪوسو
- گل و گلزار جيڪب آباد ( تاريخي يادگيريون) قاضي غلام مصطفيٰ
- سنڌ سپيتا (تاريخي ماڳ) عنايت ڪٽياڻ
- ڳالهيون ڪيناڊا جي وڻ وٽڪار جون (سفر نامو) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
- نئين دور جون نيون ڪهاڻيون (ٻاراڻو ادب) اظهر ”آزاد“ مغل
- ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهه (ڪهاڻيون) جمن احمداڻي
- پچارن پڙلاءُ (تبصرا، تجزيا ۽ اپياس) جاويد شيخ
- دادو ضلعو، تاريخ جي آئيني ۾ (تحقيق) نادر علي جمالي
- مان ۽ منهنجو جهان (آتم ڪٿا) خير محمد ڪولاچي
- مس ڪال (ناول) عبدالواحد سومرو
- رجيم (ناول) انور ڪليم
- اندر جو اوہر ( ناول) دوستو وسڪي، سنڌيڪار: اياز پٽو
- تنقيد نگاري ۽ سنڌي ادب (تنقيد) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
- شيخ اياز جا آزاد نظم (تنقيد) مشتاق گبول
- جيءُ جياريو جن (شخصيتون) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
- شاهه لطيف جي شاعري ۽ موسيقي (لطيفيات) سرمد چانڊيو
- ساهتي پرڳڻي ۾ لوڪ ادب جي اوسر (تحقيق) ”بيوس“ بخش علي چانڊيو
- ميان آدم شاهه (تحقيق) ميان جهانگير عباسي
- ڪائنات ۽ زمين (سائنس) غلام مرتضيٰ نوناري
- سيرت النبي ﷺ (تحقيق) پروفيسر احسان الله جمالي
- ستاويهه ڊسمبر (ڪهاڻيون) پير عبيد راشدي
- ڪهڪشائن ڪان اڳتي (ناول) عبدالرافع شيخ
- جديد سنڌي ڪهاڻي (تجزياتي تنقيدي جائزو) خليق ٻگهيو
- هنڌان هنڌان جهير (ڊائريءَ مان نثري ٽُڪرا) علي محمد درد سولنگي
- ڪچي ننڊ جا خواب (ڪهاڻيون) سڪندر عباسي
- الف (ناول) پائلو ڪوئلهو، سنڌيڪار: اياز پٽو
- سنڌو (ناول) يار محمد چانڊيو
- هي جو سنسار جرڪٽو آهي (نثر) آٿم ناٿن شاهي
- سِڳا اپياس (تحقيق) پروفيسر خالد حسين چنا
- پَنو سو پڙهن (ڊائريءَ جا ورق) سرمد ڪوسو
- ڪبوتر جواب ڳولي ٿو (ناول) انور ڪليم
- مہمان چڑیا (بچوں کی کہانیاں) وحید محسن
- نجو (ڪهاڻيون) شفيع ٻڪڪ
- شاهه لطيف (ناول) سرمد چانڊيو
- عظيم ورثو (ناول) مترجم: اياز پٽو
- ڪارو رتُ (ناول) مترجم: عبدالڪريم چنا

| | | |
|---|---|---|
| • نيٺ ڇا ڪجي | (ڪالم مضمون) | محمد شعيب ٻکڪ |
| • سارَ جا سوجهرا | (مقالاۦ مضمون) | محمد يوسف ڀُٽو |
| • اڌ چهرو | (ناول) | عبدالواحد سومرو |
| • سکر تاريخ جو گلدستو | (تحقيق) | عنايت ڪٽياڻ |

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


سکر تاريخ جو گلدستو
عنايت ڪٽياڻ
مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
170
Murk Publication Karachi
305/320 Sabir Manzil Behind Gul Plaza,
Marston Road Saddar Karachi
murk.publication@gmail.com
021-32772494
03005182494
ISBN 978-969-7958-95-5
Rs.600/-
9 789697 958955